قومي قرلٹ ءِ مارکسي نقطۂ نظر



محمد خان احمدائي

چپائيندڑ: سوشلسٹ پبليکيشن سنٹر

قومي قرلٹ ءِ
مارکسي نقطئہ نظر

محمد خان احمداٹي

چپائيندڑ
سوشلسٹ پبليکيشن سنڈ

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب : قومي ڦرلٽ ۽ مارڪسي نقطئ نظر

ليکڪ : محمد خان احمداڻي

ڇاپو پهريون : نومبر 2017ع

تعداد: 1000

قيمت : 300 روپيہ

ڇاپائيندڙ : سوشلسٽ پبليڪيشن سنڌ

ALL RIGHTS ARE RESERVED

Name Of book: National Plundering and Marxist point of view

By : Muhammad Khan Ahmedani

First Edition: November 2017

Price: Rs: 300

Quntity: 1000

Published By:Socialist Publication Sindh

اڻپنا

انهن ڪامريڊن جي نالي جن کي نيڪسلائيٽ سڏيو ويڄي ٿو. جن مون کي مارڪسزم ۽ انقلاب جو پهريو سبق پڙهايو.

محمد خان احمداڻي

فهرست

نمبر	مضمون	صفحو
1	مهاڳ عطا محمّد پنيرو	6
2	سنڌ جي متيءَ جو قرض ادا ٿيو منظور ٿهيم	11
3	پنهنجي پاران ليکڪ	13
4	سرمائيداري جو دور	16
5	ڪاڏي پيٽي تي عالمي هڪ هٽي	20
6	پاڪستان کي قرض ڏيندڙ ادارا ۽ ملڪ	27
7	آرمي ويلفيئر ٽرسٽ جا پراجيڪٽ	36
8	فوجي فائوڊيشن جا پراجيڪٽ	37
9	شاهين فائوڊيشن جا پراجيڪٽ	38
10	بحريه فائوڊيشن جا پراجيڪٽ	39
11	پاڪستاني سول سرمائيدارن جو تفصيل	45
12	1995ع کان پاڪستان جي حڪمرانن جي کنيل قرضن جو تفصيل	54
13	1996ع ۾ بينظير ٻٽوحڪومت طرفان قرض معاف ڪندڙن جي لست	56
14	1997ع معراج خالد حڪومت طرفان شايع ڪيل قرض نه ڏيندڙن جي لست	57
15	پاڪستاني صنعت	58
16	زرعي سرمائيداري / جاگيرداري	60
17	پاڪستان ۾ سنڌ جي صورتحال	64
18	سنڌ جي تيل ۽ گئس جا انگ اکر/ذخيرا	67
19	سنڌ جو ڪوٽلو	83

20	سنڌ جي زمين جي قرلت	85
21	سکر بئراج ۾ نيلام ڪيل زمين جا انگ اکر	90
22	گڏوبئراج ۾ نيلام ڪيل زمين جا انگ اکر	91
23	ڪوٽڙي بئراج ۾ نيلام ڪيل زمين جا انگ اکر	92
24	سنڌ جي وقف ٿيل زمين	93
25	انهن سوسائيٽين جي نالن جي فهرست جن کي ڪراچي ڊويزن ۾ زمين ڏني وئي	96
26	بحريه فائوڊيشن	102
27	ننڍي ضلعي ۾ الاٽ ڪيل زمين	117
28	دادو ضلعي ۾ الاٽ ڪيل زمين	117
29	سپر هاءِوي تي الاٽ ڪيل زمين	121
30	1973ع ۾ چوپائي مال لاءِ ڏنل ليز تي زمين	131
31	ملازمت ۾ سنڌ جو استحصال	132
32	پنجاب جي قرلٽ جو هڪ مثال	135
33	پاڪستان ۾ جمهوريت سوشلسٽ انقلاب ۽ قومن جي آزادي	137
34	مارڪسزم ۽ قومي سوال	141
35	قومي سوال تاريخ ڇاڻي ٻڌائي	164
36	پاڪستان ۾ قومي سوال ۽ ان جو حل	173
37	سنڌ ۾ طبقاتي قرلٽ جو شڪار سنڌ جو عوام	189
38	سنڌ جي ايم پي اي، ايم اين اي ۽ سينيٽرن جي پڌري ڪيل ڪجهه ملڪيت جو تفصيل	194

مهاڳ

هن دنيا ۾ جڏهن ماڻهو طبقن ۾ ورهائجي ويا، هڪڙا ماڻهون آقا ۽ ٻيا غلام بڻجي ويا تڏهن کان هتي زور زبردستي وسيلي هڪڙا ٻورڙا ڦرندڙ ۽ گهٽا ڦرجندڙ بڻجي ويا. اڳتي هلي انهن ڦورن ماڻهن ٻين علائقن خطن ۽ ملڪن تي قبضا ڪري اتان جي رهاڪن کي غلام بنائي ورتو. انهن ۾ ڪيترائي اهڙا ملڪ ۽ انهن جا حڪمران اهڙا به هئا جن تمام وڏن علائقن تي قبضا ڪيا جيئن سڪندر يوناني هو. جيڪو يوناني کان وڌي هتي سنڌ تائين اچي پهتو اهڙين قبضي گيرين جي خلاف مقامي حڪمرانن ۽ اُتان جي ماڻهن مزاحمتون به ڪيون. ائين جڏهن سڪندر سنڌ ۾ پهتو تہ هتي ڪيس سخت مزاحمت جو منهن ڏسڻو پيو ۽ هتان جي ماڻهن سراٽا هڻي بي جگري سان مهاڏو اتڪايو ۽ سڪندر کي شڪست ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. سڪندر سنڌ ڇڏي زخمي حالت ۾ يونان ويو. اهڙين ٻين حالتن ۾ رومن ايمپائر بڻجي ملڪن کي قبضا ڪيا. بلڪل ائين عربن به سنڌ تي حملا ڪيا هئا جنهن ۾ پهريون حملي آور عثمان بن ابي عاص مارجي ويو هو. آخري حملو محمد بن قاسم ڪيو. اهڙي ريت ترخان، مغل ۽ افغانين به مختلف علائقن تي حملا ڪري قبضا ڪيا جنهن ۾ پڻ سنڌ به قبضي ۾ رهي. آخر سنڌ تي انگريزن قبضو ڪري ورتو. پي مهاپاري 1945ع ۾ ختم ٿي ۽ 1947ع ۾ نئون ملڪ پاڪستان به دنيا جي نقشي تي ايري آيو ان نقشي تي اسرائيل جو ملڪ به ڏسڻ ۾ آيو. انهي وڏ ورڇ ۾ پاڪستان ۽ اسرائيل واري ناهه تي اتحادي سامراجين سان سوشلسٽ روس جي سربراهه استالن جي به صحيح نظر اچي ٿي. سوشلسٹ روس جو نمائندو انهن

ملڪن سان گڏ هو جن هيرو شيما ۽ ناگاساڪي تي ايٽم بم ڪيرايو هو. هي انسان ذات خلاف وڏو گناهه هو جيڪو اتحادين آمريڪا سان گڏجي ڪيو هو. هتي ظاهر ۾ ته حڪمران جناح هو پر حقيقي واڳ لاهور جي هٿن ۾ هئي. جن ۾ اصلي واڳ ڏٽي ڏول سپاهي هئا. اُهي ئي اڇي ڪاري جا مالڪ هئا. انهن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين هتي ڦرلٽ، ظلم، جبر، قيد ۽ بند، سنڌ جو مقدر بڻجي ويو. ڪراچي کي ڏار ڪيو ويو. ون يونٽ هڻي سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪئي ويئي صورتحال اهڙي ٿي ويئي جو نالو وٺڻ به ڏوهه ٿي ويو جنهن کي هڪ شاعر چيو آهي ته "سنڌڙي تنهنجو نانُ ورتو ڇڻ ڪاريهر تي پير پيو" هتان جي لکين ايڪڙ زمين نيلام ٿي ويئي. پاٽي تي ڏاڙا لڳا بندر ۽ بازاريون ڦرجي ويون، تيل ۽ گيس ڦرجي ويا. اهڙي ريت سنڌ لاهور جي بد ترين ڪالوني بڻجي ويئي ان لاءِ freedom at midnight پڙهجي ته زمين پيرن هيٺان نڪرندي ڏسجي ٿي.

پاڪستان لاءِ فيصلو ڪندڙ اهم چونڊون 1946ع ۾ ٿيون هيون تڏهن ضلعو نوشهرو نه پر نواب شاهه هوندو هو. نوشهرو ضلع پٽي دور ۾ نهيو. اسان جو ڳوٺ خيرپور ضلع ۾ نواب شاهه ضلع جي رنگ جي ويجهو هو. اُهي چونڊون منهنجي سانير ۾ ٿيون حاجي غلام نبي ڏاهراج وارو تڪ ٻنهين ضلعن جي رنگ سان پکيڙيل هو. چونڊن کان اڳ ۾ سنڌ جي هر ضلع جا D C اهڙا ماڻهون مقرر ڪيا ويا هئا جيڪي پاڪستان جا ڪٽر حامي هئا انهن جي نگراني ۾ پاڪستان جي حامين کي کٽرايو ويو هو. خيرپور ضلع جي دنگ جي پرسان غلام نبي ڏهراج جو تڪ هو غلام نبي ڏهراج اليڪشن ۾ ڪا به ورڪ نه ڪئي فقط هڪ ڪم ڪيو هو جو پنهنجي تڪ جي چورن کي

چڑواڳ چڏي ڏنو جن ان تڪ جي ماڻهن کي معاف ڪون ڪيو ڪنهن جا ڏڳا چوري ته ڪنهن جون ٻڪريون چوري ڪٽي ڦريون ته ڪٽي ڏاڙا. ماڻهو تنگ ٿي جڏهن غلام نبي ڏهراج وٽ دانهن ڪٽي ويا هئا ته ڏهراج کانئن قران ڪٽائي ووٽن جو يقين ونڻي مال موٽرائي ڏيندو هو اهو هو پاڪستان ٺهرائڻ ۽ سنڌ کي غلام بنائڻ جو طريقو.

هن ڪتاب قومي ڦرلٽ ۽ مارڪسي نقطئ نظر ۾ پرماري سامراجي دور کان پوءِ پاڪستان سنڌ جي ماڻهن جو جيڪو وڏ کان وڏ استحصال ڪيو ويو آهي ان جو ذڪر آهي. ان سان اهو به سمجهڻ گهرجي ته جنهن طاقت کي اسان پرمار سامراج سڏيون ٿا جنهن کان نفرت ٻ ڪريون ٿا ۽ جنهن کي هن ڌرتي تان ڌڪي ٻاهر ڪڍي پوءِ سڪ جو ساهه کڻبو. هي پاڪستان هر طرح جي ڦرلٽ ڪري ٿو انهي کي ڏسبو ته خبر پوندي ته هي پاڪستان ڪيترو اصول پسند، انصاف پسند ۽ روادار رهيو آهي. جيڪڏهن اسان پاڻي جي ورهاست کي ڏسون ته معلوم ٿي ويندو ته مٿين پاسي واري ڪنهن به ملڪ کي انهن درياڻن جي پاڻي تي حق ڪون آهي اهو اردن جي جارڊن درياه مان معلوم ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جو پاڻي غير قانوني طور پنجاب ڪتب آڻي رهيو آهي پنجاب ڪنهن زماني ۾ سنڌ مان ٽل ڪئنال وهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر ان وقت سنڌ جي انگريز گورنر ائين ڪرڻ ڪون ڏنو هو. پر پاڪستان زور زبردستي اهو واهه وهائي ڏيکاريو جيڪو هاڻ به وهي ٿو. اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته وفاقي سرڪار معني پنجاب، مرڪزي حڪومت معني پنجاب پاڪستان معني پنجاب.

ڪنهن زماني ۾ اوير بنگال ۽ پاڪستان جو پنجون صوبو هو جنهن جي آدمشماري اولهه جي چئن ئي صوبن کان وڌيڪ هئي جنهنڪري پيداوار جي وڏي حصي تي انهن جو حق هوندو هو. پر پنجاب طاقت حرفت وسيلي اولهه جي چئن صوبن کي ملائي هڪ صوبو بنائي ”پيرٽي“ جي بنياد تي هڪ جيترا حق هجڻ ۾ نالي اوير جو حق ڦهائڻ شروع ڪري ڇڏيو. هاڻي پنجاب جي آدمشماري باقي ٽن صوبن کان گهٽي آهي. انهي ڪري پيداوار ۾ اپت جي اصول جي بجاءِ آدم شماري جي اصول تي پاڪستان جي پيداوار جو وڏو حصو کڻي وڃي ٿو. هن وقت اها ”پيرٽي“ ڇو وساري ويئي آهي. هاڻ ڇو صوبن ۾ هڪ جيترا وسيلا نه ٿا ورهايا وڃن. ون يونٽ کان پوءِ سنڌ وارا چوکنيا ٻڌجي ويا. پرمار سرمائيدارن جي وڃڻ کان پوءِ سنڌ ڏاڍ ۾ ڏمر جو نشانو بنيل رهي آهي جنهن ۾ اسان پنجاب جي بدترين ڪالوني بنيل آهيون. پناڻن جا رسا نڪري ويا جن ڪراچي جي ڪنڌ ڪڙڇ والاري ڇڏي آهي.

دنيا جي سرمائيدارن پاڪستان اچي سيڙپ ڪئي ۽ پاڪستان کي اثر ۾ رکيو پر سنڌ جي مزدورن کي صنعت ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو. اهڙي ريت باهر جو مزدور آڻي مقامي ماڻهن جي حق تلفي ڪئي ويئي. ڪائنڊ مزدوري جو به حق کسيو ويو اهڙي ريت ڏاري آبادگاري ڪري ڊيمو گرافي غيز متوازن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جيڪا اڄ به چالو آهي.

موجوده دور ۾ پاڪستان ۾ 70 سويلين سرمائيدار آهن جن ۾ 50 پنجابي آهن ست يا اٺ پٺاڻ آهن سنڌ ۽ بلوچستان ته هر معاملي ۾ جڙ ته پاڪستان جو حصو ئي ڪونه آهن. سامان جي ڏيتي ليتي

بندرگاهن جي وسيلي ٿئي ٿي ۽ سمنڊ سنڌ ۽ بلوچستان جو حصو آهي پاڪستان نهڙ کان وٺي اڄ تائين پنجاب سنڌ خلاف لائي ٻاري ڏني آهي. ان جي زمين ۽ ٻين پيداواري وسيلن تي ائين والار ڪئي آهي. جئين دشمن فاتح ملڪ تي قبضو ڪري ملڪ جي هر پيداوار جي وسيلن تي قبضو ڪري وڻندو آهي. پاڪستان پنهنجي پيداواري حيثيت کان گهٽي وڌيڪ فوج رکي ڇڏي آهي. هو اهو نٿو سوچي ته ملڪ هڪ معيشيتي ٻيڙي هوندي آهي جيڪا وقت جي درياهه جي آرپار ايندي ويندي آهي. جيڪڏهن ان تي وزن کان ٻوجهه وڌيڪ ستبو ته درياهه جي چولين ۽ طوفاني برسات سان اها ٻيڙي اونڌي ٿي پوندي. هٽيارن جي هوڏ چنگيز ۽ هٽلر کي هئي. هينيبال هميشه ڪارٿيج تي ڪون ڪاهيندو. بونا پارٽيزم جي آڏو ڪونه ڪو واٽرلو ۽ هٽلر آڏو ڪونه ڪو لينن گراڊ ۽ استالن گراڊ هوندا. مهيني جون ٽيهي ئي راتيون چورن جون ناهن ٽيندیون. پاڪستان جي G.N.P جي 75% سنڌ ڏيندي آهي. ته ان جي لاءِ سنڌ کي 57% سيڪڙو ته ملڻ گهرجي. اهڙي گهٽرخي قرلٽ جو احوال هن ڪتاب قومي قرلٽ ۽ مارڪسي نقطئ نظر ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ ڏسي پڙهي سگهجي ٿو.

عطا محمد پنيرو
03-10-2017

سنڌ جي مٽيءَ جو قرض ادا ٿيو!

مونکي هميشہ ان ڳالهہ جو انتظار رهندو هو تہ سنڌ جي قومي ۽ قدرتي وسيلن جي استحصال، تهذيب تمدن، سياسي، سماجي سوالن، خاندانن، فوجي سرمايي ۽ گهڻ قومي ڪمپنين تي مڪمل ۽ جامع ڊاڪيومينٽ سنڌ جي سياسي تحريڪ سان سلهاڙيل ڪو شخص ان طرح سان ترتيب ڏئي جو ان سان ان ڳالهہ جو صحيح اندازو ڪري سگهجي تہ قدرتي وسيلن سان مالا مال سنڌ ملتي نيشن ادارن ۽ خود پنهنجن ملڪي سول ۽ فوجي سرمايي جهڙن ادارن هٿان ڪهڙي طرح استحصال ۽ جبر جو شڪار آهن، ملڪي دفاعي ادارا جهڙي طرح سنڌ جي معاشي چوري ۾ شريڪ آهن ان جو پورو ادراڪ هن ڪتاب کي پڙهڻ کانپوءِ ٿئي ٿو جيڪي محب وطني جو راڳ الاپيندا رهن ٿا جيڪي هن ملڪ سان جورن وانگر چنبڙيل آهن ۽ ڪهڙي طرح ظلم ۽ جبر کي ترقي جو نالو ڏئي مقامي ماڻهن جي اڪثريت کي بک، افلاس، لڏپلاڻ، بيروزگاري، جنگين ۽ مذهبي جنونيت جي اذيت ۾ رهڻ تي مجبور ڪن ٿا. ملڪ جي نالي واري ريسرچر ۽ باهمت عورت عائشہ صديقہ پنهنجي ڪتاب ''ملٽري انڪ'' جي حوالي سان هڪ ڳالهہ چئي هئي جيڪا ڳالهہ هن ڪتاب متعلق بہ چئي سگهجي ٿي تہ جڏهن هو اهو ڪتاب لکڻ طرف وڃي رهي هئي تہ مسلسل تي سال هن کي پنهنجي حلقي جا ويجها دوست ان کي ڇپرائڻ کان منع ڪندا رهيا هو ائين سمجهي رهيا هتا تہ مان خود ڪشي طرف وڃي رهي آهيان. مان پنهنجي ساٿي ڪامريڊ محمد خان احمداڻي کي ان جرعت تي سلام پيش ڪيان ٿو جنهن پنهنجي اعلي ادراڪ ۽ پنهنجي ديس جي ماڻهن سان ڪمٽمينٽ جي بنياد تي هي ڪتاب

قومي قرلت ۽ مارڪسي نقطئ نظر جيڪو هڪ مڪمل دڪيومينٽ آهي لکي جڙ ڏرتي جو قرض ادا ڪيو آهي ۽ ان ڳالهه کي سمجهڻ ۾ مدد ڪئي آهي ته ڪهڙي طرح اسان جا معدني، قدرتي وسيلا پرڏيهي ڪمپنين ۽ سرمائيدار گماشتن جي ور چڙهيل آهن ۽ اها پڙ جرعت ڪئي آهي ته اها ادارا جيڪي مقدس ڳئون سمجهيا وڃن ٿا جن تي لکڻ ۽ تنقيد ڪرڻ خودڪشي جي برابر آهي، انهن متعلق پيرائتون ۽ انگن اکرن سان ڳالهيون ڪري هڪ انقلابي روايت جو بنياد ٻه رکيو آهي ته پنهنجي ڏرتي ۽ ماڻهن جي مفاد کان ڪابه شي بالاتر ڪانهي.

هن ڪتاب قومي قرلت ۽ مارڪسي نقطئ نظر کي ٻن زاوين مان پرکي سگهجي ٿو هڪ آهي انجو سياسي تحريڪن جو تنقيدي جائزو جيڪو پوري جو پورو ملڪ جي ڪاپي ڏر جي فڪري ۽ تنظيمي سوالن جو احاطو ڪري ٿو جڏهن ته ٻيو پاسو آهي ملڪ ۾ ڪم ڪندڙ ڪارپوريشن، فوجي ادارن، ڪمپنين تي مبني انگن اکرن جو جيڪو واقع ٻه شاندار ۽ انتهائي معلوماتي آهي،

حقيقت هي آهي ته معاشي ناانصافي، مالياتي ناهمواري، امير ۽ غريب جو وسيع ٽينڊڙ فرق دراصل مقامي ماڻهن جي وسيلن جي قرلت جي ڪري آهي، جنهن کي علمي بنياد تي لکيو ۽ سمجهايو ويو آهي، هي ڪتاب قومي قرلت ۽ مارڪسي نقطئ نظر جنهن فهم ۽ فراست ۽ تفصيلي انگن اکرن جي بنياد تي ترتيب ڏنوويو آهي اهو ڪم يقينن سياسي پختگي ۽ وسيع جاڙ ڪري ئي ممڪن ٿيو آهي، حقيقت هي آهي ته ڪامريڊ احمداڻي سنڌ جي ڪيس کي دڪيومينٽ جي صورت ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب رهيو آهي،

منظور ٿهيم

حيدرآباد

پنهنجي پاران

اڄ جڏهن منهنجو هي ٻيو ڪتاب شايع ٿيو ٿئي. تڏهن آئون محسوس ٿو ڪريان ته موجوده ڪتاب اڃ مڪمل ٿو لڳي. اهو انهي ڪري جو هڪ ته مون کي انگريزي نه ٿي اچي جو ته انگريزي ۾ تمام گهڻو مواد موجود آهي جنهن مان آئون ڪو به فائدو وٺي نه سگهيو آهيان. نه ته ايجان به گهڻو ۽ بهترين مواد ڏيئي ٻيو سگهجي. بهرحال مون کي سنڌ ۾ انهي موضوع تي سنڌي ۾ مواد ڏسڻ ۾ نه آيو آهي.هي هڪ ڪوشش آهي ۽ اميد ڪجي ٿي ته انهي بحث کي اڳتي وڌايو ويندو. هن ڪتاب لکڻ جي ضرورت انهيءَ ڪري پئي جو هتي هڪ پاسي مها پاڪستاني کاپي ڏر وارا مارڪسزم، لينن ازم کي ٽوڙي موڙي من پسند،تشريحون ڪندي پروپگنڊا ڪندا رهن ٿا ته مظلوم قومون آزادي لاءِ جيڪا جدوجهد ڪن ٿيون سي سردارن ۽ وڏيرن جي چوڻ تي ڪن ٿيون ۽ اها آزادي غلط آهي ۽ ويهي انتظار ڪن ته جيستائين ملڪ ۾ طبقاتي جدوجهد شروع نٿي ٿئي تيستائين صبر ڪن. پوءِ ڪٽي اهي قومون ڏرتي تان منجي تباهه ڇو نه ٿي وڃن هو ڪيترائي غلط حوالا ڏين ٽابين القوامي جي نالي ۾ ڪشمير تي حڪمران ڏرين، خاص ڪري سگهاري ڏرين جي موقف جي گلو ڦاڙي حمايت ڪندیون آهن. پر ملڪ جي اندر هلندڙ قومي هلچل ۽ تحريڪ جي اگر، مگر چونڪ، چناڇ ڇئي پيا مخالفت ڪندا. وري طبقاتي جدوجهد کي ڏسبو ته اتي اهي ڳولي به نه لينداً. اوڪاڙه ۾ هارين تي ظلم ٽيا گهر سڙيا، ماڻهو قيد ٽيا پر طبقاتي جدوجهد جي ڌاڙ هڻندڙن جي ڪن تي جون به ڪانه سري. بلديه فيڪٽري ۾ 300 مزدور ساڻي ماريا ويا پر مها پاڪستاني کاپي ڏر وارا طبقاتي جهدوجهد جو رينگٽ ڪندڙ چپن تي چنُ ۽ منهن ۾ منگ وجهي ويهي رهيا.

.هن ڪتاب ۾ مارڪس، اينگلز ۽ خاص ڪري لينن جا تمام گھٽا حوالا ڏيئي ثابت ڪيو آهي ته مها پاڪستاني کابي ڏر وارا ڪيئن نہ غلط بياني ڪري مظلوم قومن جي قومي آزادي جي مخالفت ڪن ٿا. ان لاءِ مون کي بار بار حوالا ڏيڻا ۽ دهراڻا پيا آهن. جيڪي هڪ لحاظ کان ڏکيا ٿا لڳن انهي ۾ تراتسڪي توڙي استالنست پئي هڪ سڪي جا ۽ پاسا ٿا لڳن. اسان طبقاتي جهدوجهد جا ڪڏهن ۽ مخالف نہ رهيا آهيون ۽ سمجهون ٿا ته طبقاتي جدوجهد ذريعي اڳ برابري جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو. پر اسان وٽ تحريڪ جون جيڪي حالتون آهن سي مظلوم قومن ۾ وڌيڪ تيز ۽ شدت ۾ آهن انهي ڪري رياست بار بار انهن تي حملا ڪري، تشدد ڪري ڪچلي ٿي. هتي هڪ ٻيو محاورو ۽ گھٽو استعمال ٿئي ٿو ته مظلوم قومون احساس محرومي جو شڪار آهن پر ڪتاب ۾ ثابت ڪيو ويو آهي ته رڳو احساس محرومي ڪونہ آهي پر هتان جي وسيلن تي جتي ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ عالمي سامراج جو قبضو ۽ ڦرلٽ آهي اتي ملڪ جي نالي ۾ هڪ مخصوص قوم پنجاب جو ۽ وسيلن تي قبضو غلبو ۽ ڦرلٽ آهي. اهو معيشيت هجي يا روزگار. بهر حال اهو ته ڪتاب جي پڙهندڙن تي آهي ته اُهي انهي بحث کي اڳتي وڌائين. ۽ پاسي وري مظلوم قومن جا قوم پرست ۽ آهن جن جي وڏي گھٽائي وري اُها ٿي چوي ته هتان جا مقامي وڏيرا ۽ سردار ۽ مظلوم قوم جو حصو آهن ۽ اُهي ۽ ظلم جو شڪار آهن. پر هن ڪتاب ۾ وضاحت سان ثبوت ڏنا ويا آهن ته اُهي مظلوم نہ پر ظالم آهن. غدار آهن ۽ پنهنجي اڪثريتي عوام کي ڦرين ٿا لٽين ٿا ۽ ظالمن سان گڏ پائيواري ڪن ٿا انهن جا سهولت ڪار آهن. هن ڪتاب لکندي محسوس ڪيو ته لکڻ لاءِ خاص ماحول گھرجي ۽ مواد گھرجي.

آءُ پهراڙي ۾ رهندڙ گهٽ پڙهيل ۽ گهر ۾ رهندي وري لکڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ۽ منهنجي هڪ ڪمزوري اها به آهي ته پار مون کي ڏاڍو وٽندا آهن انهي سان گڏ مون کي ڪيئي بيماريون به لڳل آهن. پر خاص ڪري دما (استما) ڏاڍو تنگ ڪندو آهي.

هن ڪتاب ۾ منهنجن ڪيترن دوستن سات ڏنو تڏهن وڃي ڪتاب اُوهان جي هٿن تائين پهتو آهي جن ۾ ڪامريڊ حميد چنا، ڊاڪٽر هريش، غلام رسول سوهو گوبند رام ۽ سائين گل حسن ڪلمتي جو به تمام گهڻو ٿورائتو آهيان ۽ ٿورائتو رهندس انهن دوستن جو به جيڪي انهي بحث کي وڌائيندا ۽ همٿائيندا ۽ اميد تو ڪريان ته اُهي ڏريون به ائين لکت ۾ بحث کي آڻيندیون جن کي مون ڪتاب ۾ رد ڏنو آهي. بهرحال هي ڪتاب منهنجي سوچ کي نروار ڪري ٿو.

اُهو ڏينهن جڏهن رتا گل هر پاسي هوندا، خوشبوءَ هوندي، سُونهن هوندي، آزادي هوندي، ڪو باندي نه هوندو ۽ نه ئي ڪو آقا هوندو اُهو ڏينهن اوس اڇٽو آهي ۽ انهي ڏينهن جي اوسيڑي ۾ هي ڪتاب اهو سرخ جهنڊو هوندو. اهو ڪتاب اوچو ڪري هلبو ۽ منزل تي پهچائيندو منزل جنهنجي اسان سيني کي تلاش آهي. اميد ته هي ڪتاب سهارو بڻجندو

مارڪس هڪ هنڌ چيو آهي ته "هر اها شي جيڪا موجود آهي انهي تي تنقيدي نگاهه وجهڻ گهرجي. اها بي رحم هجڻ گهرجي. بي رحم انهي اعتبار سان ته تنقيد نه ته پنهنجي نتيجن کان گهبرائجي ۽ نه ڪنهن جي اقتدار کان ڊڄي ڪري پريشان ٿجي (ڪارل مارڪس)

سات سلامت، سنڌ ۽ پورهيت سلامت

محمد خان احمداڻي

سرمائيداري جو دور

1. يورپ ۾ سرمائيداري جي ارتقا سڀ کان پهرين ٽي، جنهن ۾ 700ع کان 1200ع تائين جو دور هو جنهن ۾ خانداني نظام کي صليبي جنگين تباهه ڪيو هي دور جاگيرداري نظام تي مشتمل هو.
صليبي جنگيون حقيقت ۾ تجارتي رستن کي آزاد ڪرائڻ ۽ ان تي قبضي لاءِ هيون.
2. 1200ع کان 1492ع تائين گلڊ جو دور هو
3. برآمدي(وڪري جو) نظام جيڪو 1492ع کان 1700ع تائين هو جنهن ۾ گلڊ جي جمهوريت ختم ٿي وئي ۽ اها طبقاتي بنيادن تي ورهائجي وئي، گلڊ مقامي ۽ ڪوناٽي معيشت جي پيدوار هئي.
4. ڪارخانيداري نظام جيڪو 1700ع کان 1789ع تائين هو سڀ کان پهرين سرمائيداري انقلاب ڊينمارڪ،هالينڊ ۽ بيلجيم وغيره ۾ 15 ۽ 16 هين صدي ۾ آيا.

وڏا انقلاب برطانيا،فرانس ۽ جرمني ۾ آيا، جڏهن ته آمريڪا ۾ اهڙو انقلاب 1786ع کان 1876ع جي گهرو ويڙهه جي خاتمي سان مڪمل ٿيو سرمائيدازي جي ترقي واري دور ۾ 1492ع کان 1700ع تائين يورپ آمريڪا کي ڪولي ورتو ۽ اتان جي عوام جو قتل عام ڪيو ويو نه رڳو آمريڪا پر ڪينيڊا، آسٽريليا ۽ نيوزيلينڊ جي اصولڪن رهواسين جو به قتل عام ڪري خاتمو ڪيو ويو ۽ انهن علائقن مان سون ۽ چاندي کي لٽي ڦري ۽ واپار مان دولت کي گڏ ڪيو تنهن ڪانسواءِ غلامن جي ڪاروبار ۽ انهن کان محنت ڪرائيندي به دولت کي وڌايو قبضي ڪيل ملڪن ۽ علائقن مان ڪچو مال هت

ڪيو ان ريت اسان ڏسون ٿا تہ سرمائيداري جي ترقي ۾ 3 اهمّ ۽ بنيادي هٿيار سرمائيدارن استعمال ڪيا.

1: ڏاڙو 2: غلام ملڪن جو سون، چاندي ۽ ڪچو مال 3: غلامن جو واپار ۽ پورهيتن جو استحصال

پيودور: 1880ع کان 1914ع تائين سرمائيداري جو پيو دور شروع ٿيو جنهن کي صنعتي انقلاب سڏجي ٿو جنهن ۾ سرمائيداري سامراج ۾ تبديل ٿيڻ لڳي ۽ سامراجي سرمائيداري منڊين کي حاصل ڪرڻ لاءِ قومن ۽ ملڪن کي غلام بڻائڻ لاءِ عالمي جنگون شروع ڪيون ۽ دنيا تي قبضو ڪري ورتو ان ريت ڏسون ٿا تہ سرمائيداري نظام جو ارتقا پرتشدد، جنگين، خانہ جنگين، قرلت، استحصال، قتل ۽ غارت تي مشتمل آهي. 1914ع کانپوءِ دنيا ۾ رڳو هڪ ملڪ سرمائيداري ۾ ترقي ڪري سگهيو هو اهو آهي جاپان، جنهن کي آمريڪي سامراج اهڙي حالت ۾ پهچايو آهي. يورپ ۾ صنعتي ترقي جي دور ۾ گليلو آدم اسمٿ، فائر باغ، هيگل، ڊارون ۽ مارڪس ۽ اينگلس يا مارٽر لوٿر ڪنگ جهڙا فلاسافر ۽ دانشور پيدا ٿيا، جن صنعتي دور جا فلسفا پيش ڪيا.

سرمائيدارن پنهنجي پيداوار کي وڪڻڻ لاءِ پنهنجن منڊين کي لڳاتار وڌائڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ پنهنجا پير پکيڙيا آهن ۽ اهڙي ريت قومن، خطن ۽ علاقن کي لتاڙيو آهي. اڄ دنيا عالمي منڊي ۾ تبديل ٿي وئي آهي ۽ شين جو وڪرو دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ٿي رهيو آهي. اهڙي طرح ڪو ملڪ ۽ قوم آزاد نہ آهي. خاص ڪري ٽين دنيا جون قومون ۽ ملڪ مڪمل طرح غلام بڻيل آهن. سرمائيداري نظام شروع ۾ امن، آزادي ۽ برابري جا جيڪي نعرا ڏنا هئا، اهي سامراج ۾ بدلجڻ

سان تبديل ٿي جنگون، غلامي ۽ استحصال جي شڪل صورت اختيار ڪري ويون آهن. اڄ ملٽي نيشنل ڪمپنيون سڄي دنيا جي پيداوار تي قابض آهن.عالمي بئنڪ(آءِ ايم ايف) ۽ ڊبليو ٽي او سڄي دنيا تي غلبو حاصل ڪري ورتو آهي. اڄ عالمي طور تي 5 عالمي سرمائيداري هڪ هٿيون سڄي دنيا تي قابض آهن. انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين ملڪي ۽ قومي سرحدن کي توڙي ڇڏيو آهي،سرحدون رڳو مظلوم قومن ۽ پورهيت عوام لاءِ قائم رکيون ويون آهن. جڏهن ته حڪمرانن ۽ سرمائيدارن ۽ عالمي ملٽي نيشنل ادارن ۽ عالمي سامراج لاءِ ڪا به سرحد ۽ بائونڊري نه آهي.دنيا جي ڪروڙ پتي سرمائيدارن جو ڪو به وطن، مذهب، قوم ۽ ملڪ نه آهي.دنيا هينين هڪ هٿين وٽ مغلوب آهي. 1: ٽيڪنالاجي جي هڪ هٿي 2: عالمي مالياتي منڊي جي هڪ هٿي 3: دنيا جي ڪچي مال ۽ وسيلن تي هڪ هٿي 4: ميڊيا ۽ ڪميونيڪيشن جي هڪ هٿي 5: خطرناڪ هٿيارن جي هڪ هٿي

مثال طور: آئي بي ايم آمريڪا، شيل، برطانيا، هالينڊ ۽ ٽيوٽا جاپان جهڙيون وڏيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون ترقي ڪندڙ ملڪن جي قومي اپت کان وڌيڪ سالياني منافعو حاصل ڪن ٿيون.مثال طور ڪوڪا ڪولا آمريڪي ڪمپني آهي پر اها سڄي دنيا جي هر هڪ ملڪ ۾ پنهنجي پيداوار کي تيار ڪري ٿي ۽ وڪڻي ٿي، وولڪس ويگن جرمني جي ڪمپني آهي پر اها ڪمپني پنهنجي پيداوار آمريڪا ۾ ٻه ڪري ٿي، نيسلي سوئٽزرلينڊ جي ڪمپني آهي پر هن 126 ملڪن ۾ پنهنجا پيداواري يونٽ قائم ڪري ورتا آهن.انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين جا بجيٽ ڪيترين ئي قومن جي ڪچي مال کان وڌيڪ آهن. مثال طور:شيل ۽ وال مارٽ جا بجيٽ، چوٽي جي 100

معيشتن مان 51 ملٽي نيشنل ڪمپنيون آهن، جڏهن ته 49 ملڪ آهن، جڏهن ته 1999ع تائين دنيا جي 40 معيشتن ۾ رڳو 14 ملڪ هئا، جڏهن ته 26 سامراجي هڪ هٿيون هيون، اهڙين ڪمپنين ۾ رائل ڊچ شيل،فورڊ موٽرز،جنرل موٽرز ايڪسون، آئي بي ايم، برٽش پيٽروليم، نيسلي، يوني ليور، ايشن برائون بوري، فلپس، سيمينز متسبويشي،جنرل اليڪٽرانڪ، ٽويوٽا، سينڊون توشيبا ۽ زيروڪس شامل آهن.انهن ڪمپنين جي دولت ۽ منافعو ڪينٽرن ٽي ملڪن جي، جي-ڊي-پي کان وڌيڪ هو. مثال طور: شيل جو ٽرن اوور چلي، پيرو، شام ۽ سينگاپور جي، جي ڊي پي کان وڌيڪ آهي.اهو منافعو ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا سميت سڄي دنيا جي مظلوم قومن جي ڪچي مال ۽ پورهيت عوام جي سخت استحصال مان حاصل ڪيو ويو آهي، انهن ڪمپنين جي ڪاروبار جو طريقو گهڻ قومي آهي مثال طور فورڊ ڪمپني ڪار ٺاهي ٽي ۽ اها ڪمپني 15 ملڪن ۾ ڪار ڪي بٽائي ٽي هڪ مشين ڪنهن ملڪ ۾ ٺاهي ٽي ته بي مشين ڪنهن ٻئي ملڪ ۾، اها ڪمپني فرانس، ڪينيڊا، آمريڪا، اسپين، اٽلي، سوئٽزرلينڊ، جاپان، آسٽريليا، ڊينمارڪ، ناروي، بيلجيم، هالينڊ، سوئيڊن، برطانيا ۽ جرمني ۾ مشترڪ طور تي ڪارون ٺاهي ٽي.

اهي ملٽي نيشنل ڪمپنيون پنهنجي سرمائيڪاري پنهنجي نفعي جي حاصلات لاءِ ڪن ٽيون، جتي ڪين وڌيڪ نفعو حاصل ٽي سگهي،انهي ۾ اسين ڏسون ٿا ته 1992ع ۾ انهن ڪمپنين ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۾ غير ملڪي سرمائيڪاري صرف 5 سيڪڙو ڪئي، جڏهن ته باقي سرمائيڪاري 14 ترقي يافته ملڪن ۾ ڪئي، جن کي او اي سي ڊي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

ڪاڏي پيتي تي عالمي هڪ هٿي

نيسلي، ڪوڪا ڪولا، پيپسي، ميڪ‌ڊونلڊ، ڪي ايف سي، پيزا هٽ ۽ والز قلفي جي هڪ هٿي آهي. هن وقت دنيا جون 10 وڏيون پج جون ڪمپنيون دنيا جي 23 بلين ڊالرز جو ڪاروبار ڪن ٿيون. جيڪو خوراڪ جو 32 سيڪڙو ٿئي ٿو اهڙي ريت آئي بي پي ايڪسل ڪارگل ۽ ڪون ايگرا ٽي وڏيون گوشت جون هڪ هٿيون آهن. اهڙي ريت دنيا جون 10 وڏيون ملٽي نيشنل ڪمپنيون آهن. جيڪي ايگرو ڪيميڪل جو 85 سيڪڙو ڪاروبار ڪن ٿيون. ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ چين کي بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب ۾ زمينون ڏنيون پيون وڃن. جتي ٽيڪس فري سهولتون هونديون ۽ هڪ لک گارڊ فورس وٽن هوندي. اهڙي ريت دوائن(علاج) تي به هڪ هٿي ڪمپنيون قابض آهن ۽ دنيا جي تمام وڏي گهٽائي علاج کان محروم آهي ۽ موت جي ور چڙهي رهي آهي. دوائن جي انهن ڪمپنين جو نفعو ڪيترن ئي غريب ملڪن ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڪل بجيٽ کان وڌيڪ آهي. غريب ملڪن ۾ انهن دوائن جي ڪمپنين جو استحصال ٽيڪس فري هجڻ ڪري تمام گهٽو آهي. هڪ اندازي جي مطابق بيچمر گروپ 1970ع ۾ پنهنجي نفعي جو 71 سيڪڙو ٻين ملڪن ۾ دوائن جي وڪري مان حاصل ڪيو. اهڙي طرح هڪ وڏي مثال 1975ع کان 1997ع تائين(22 سالن ۾) ملٽي نيشنل فارماسٽيڪل ڪارپوريشنز هڪ هزار 2 سؤ 33 دوائون ناهيون پر انهن دوائن مان صرف 13 دوائون غريب ماڻهن لاءِ هيون. يعني صرف هڪ سيڪڙو جڏهن ته ٻيون دوائون سڀ جون سڀ سرمائيدارن لاءِ هيون. اهي دوائون وياگرا قسم جون هيون. علاج لاءِ ڏسنداسون ته 1990ع ۾ موزنبيق ۽ بنگلاديش ۾ هڪ هڪ ڊالر ۽ هندستان 2 ڊالر ساليانو في ڪس خرچ ڪري رهيا هئا. ملٽي نيشنل ڪمپنين جي اهڙي هڪ هٿين کي

سامراجيت چيو وجي ٿو. انهن هڪ هٿين، ڦرلٽ ۽ استحصال سان پنهنجي اها حيثيت ناهي آهي، انهن جي لاءِ پروڏون هن ريت چيو آهي ته "اها سموري دولت ۽ جاگيرون چوري ۽ ڏاڙي جو نتيجو آهن. اهو ضروري نه آهي ته اهو ڏاڙو دولت جي موجوده مالڪن هنيو هجي. اهو ڪم انهن جي ابن ڏاڏن، 10_20 پشتن جي ماڻڻن جو به ٿي سگهي ٿو" ۽ هن حقيقت جو اظهار سامراجي ميڊيا به ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو آهي. ايڪنامسٽ 27 مارچ 1993ع جي هڪ مضمون ۾ چوي ٿو ته دنيا جي 300 وڏين گهڙ قومي ڪمپنين وٽ دنيا جي پيداواري دولت جو 25 سيڪڙو آهي. جڏهن ته دنيا جي 50 وڏين بينڪن وٽ 60 سيڪڙو دولت آهي، اهي ملٽي نيشنل دنيا جي پيداوار جو 25 کان 30 سيڪڙو گلوبل واپار جو 70 سيڪڙو ۽ عالمي سرمائيداري جو 80 سيڪڙو پنهنجي قبضي ۾ رکن ٿيون ۽ دنيا جي 10 وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين جيڪو واپار ڪيو اهو 100 ننڍن ملڪن جي آمدني کان وڌيڪ هو. جنرل موٽرز جي ڪاروبار جي دولت 1992ع ۾ 23 بلين ڊالر هئي، جيڪا تنزانيا، ايٿوپيا، بنگلاديش، يوگنڈا، نائجيريا، ڪينيا ۽ پاڪستان جي، جي ڊي پي کان وڌيڪ هئي.

82 ملڪن جي، جي ڊي پي 6.5 ٽريلين هئي. جڏهن ته 200 وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين جي، جي ڊي پي 7.1 ٽريلين هئي.

1992ع ۾ 100 وڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين مان 38 يورپ، 29 آمريڪا ۽ 16 جاپان سان واسطو رکندڙ هيون، اهي ڪمپنيون نام نهاد، آزاد، خودمختار ۽ جمهوريت جي دعويدار ملڪن کان وڌيڪ طاقتور آهن. مثال طور: ايڪسون وليڊرز الاسڪا جي تيل جو حادثو هجي يا يوپال (هندستان) جي ڪاربان يونين جو خطرناڪ ۽ خوفناڪ حادثو. پر انهن ڪمپنين نقصان جو ڏنڊ، معاوضو ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هن وقت سرمائيداري پيداوار جو عمل غير

پيداواري عمل ۾ ٿئي ٿو جيئن اسٽاڪ ايڪسچينج جي جوا، آئي ٽي، ڪارو ناٽو،جڏهن ته دنيا جي چوٽين وڏي معيشت ڪاروبار ۾ جسم فروشي آهي.مطب ته هاڻي سرمائيداري دنيا کي ترقي ڏيڻ کان لاچار آهي، اهو سڀ ڪجهه سرمائيداري جو سامراج ۾ بدلجڻ سان ٿيو آهي ۽ سرمائيداري رجعتي نظام بڻجي ويو آهي.هن نظام ۾ رهندي هاڻي ترقي ڪرڻ ناممڪن ٿي ويو آهي. هن نظام بربريت، بک، بدحالي، جهالت، غربت، بيروزگاري،مذهبي جنونيت، نسلي تعصب،جنگون ۽ خانه جنگيون وڌايون ۽ پکيڙيون آهن. هن نظام ملڪن، خطن ۽ قومن کي ورهايو ۽ تقسيم ڪيو آهي.غلام ۽ محتاج بڻايو آهي. آفريقا ۽ عرب دنيا کي ليکون ڏئي قبيلن ۽ قوميتن کي وڍي ڪٽي مختلف 15_50 ملڪن ۾ ورهائي ڇڏيو.جڏهن ته اسرائيل ۽ پاڪستان کي مذهبي بنيادن تي فلسطين ۽ ننڍي کنڊ هند، سنڌ کي ورهائي ۾ ملڪ ناهيا ويا. پاڪستان جي ڳالهه ڪريون ٿا ته پاڪستان ارتقا جي نتيجي ۾ يا يورپ جي سرمائيدارانه انقلاب جي صورت ۾ وجود ۾ نه آيو هو پر برطانوي سامراج جي سازش ۽ جناح، نهرو پٽيل ۽ گانڌي جي (گانڌي رام راج جو نعرو هڻي هندو ۽ مسلمانن ۾ نفرت جو بيج ڇٽيو ۽ باهه ڀڙڪائي ۽ ورهاڱي جو سبب بڻايو منافقي ۽ دلالي ۽ طبقاتي مفادن جيڪري وجود ۾ آيو اُنهي سازش، منافقي ۽ دلالي ۾ جاگيردار سياستدان، چوڌري، پير وڏيرا، مرشد، خان ۽ سردار به شامل هئا ته پي طرف سويت روس جي ڪميونسٽ پارٽي جي ليبر شپ ۽ انهي جي پيچ لٽڪائو هندوستان جي ڪميونسٽ پارٽي به شريڪ هئي.

پاڪستان ۽ اسرائيل جو وجود مذهب جي نالي تي ٻيو ۽ قومن کي ورهائي ملڪ ناهيا ويا اهڙي طرح جي سازش عرب خطي سان ڪئي ويئي جو هڪ عرب قوم کي 22 ملڪ ۾ ورهائي آزاد ڪيو ويو. اهڙو ئي

سلسلو افريقا ۾ ڪيو ويو. قومن، قبيلن کي ليکون ڪيڊي وڏي ڪتي "آزاد" ملڪ ناهيا ويا. اهو سڀ ڪجهه سامراج جي مفاد ۾ ڪيو ويو. انهي ڪري اُتي جنگون ۽ قبيلائي جنگون جاري آهن ۽ سامراج ۽ انهن جون ملٽي نيشنل ڪمپنيون انهن علاقن جي مارڪيٽن ۽ اتان جي خام مال (تيل، گيس ۽ معدنيات) کي ڦري لٽي استحصال ڪري رهيون آهن ۽ انهن "ملڪن" جا حڪمران دلال بڻجي هڪ پاسي حڪمراني ڪري رهيا آهن ته ٻي پاسي پنهنجي پورهيت عوام جو استحصال ڪري ۽ ڪرائي رهيا آهن. اسان جي ننڍي کنڊ جي صورتحال کي ڏسون ٿا ته اهو انهن علاقن کان جدا نه آهي. نالي ماتر آزادي کان پوءِ "آزاد" ملڪ بڻجڻ کان پوءِ به ٻئي مُلڪ برطانوي ملڪ جا غلام (ڪامن ويلٿ جي صورت ۾) رهڻ تي راضي رهيا ته ٻي طرف هندوستان جو گورنر جنرل اُهوئي انگريز سامراج جو نمائندو مائونٽ بيٽن هو ته پاڪستان جا هڪ ٻئي پويان 2 انگريز فوجي ڪمانڊر فوج جا سربراهه بڻيا. انهي صورتحال ۾ اسين ڏسون ٿا ته پاڪستان جي افسر شاهي (فوجي ۽ سول) انگريز سامراج جو پيدا ڪيل ادارو آهي جيڪو پاڪستاني رياست جي وجود کان اڳ موجود هو. ورهاڱي جي صورت ۾ بنگال، پنجاب ۽ آسام کي ورهايو ويو ته ٻي طرف پختون آبادي کي جيڪا انگريز حڪمراني ۾ ٽن حصن ۾ ورهائي ويئي هئي. انهي کي اڃان به وڌيڪ ورهائي ڇڻن حصن ۾ ڪيو ويو هڪ حصو افغانستان ۾ ته باقي حصا پاڪستان ۾ پختون خواه، فاٽا ۽ بلوچستان ۾ ورهايو ويو. بلوچن سان به ساڳيو سلوڪ ڪيو ويو. انهن کي پاڪستان، ايران ۽ افغانستان ۾ ورهائي رکيو ويو. ڪشمير تي هندوستان ۽ پاڪستان قبضو ڪري ورهائي ڇڏيو. سندڙ خطي جي صورت ۾ ته ڪونه ورهائي ويئي پر هندوستان مان مهاجر ٿي اچڻ وارن ۽ پوءِ ون يونٽ جي دور ۾ پختون ۽ پنجابي ۽ ان کان پوءِ بنگالي، برمي ۽ افغاني وغيره کي

آباد ڪرائي سنڌ ڪي سنڌي ۾ غير سنڌي ۾ ورهايو ويو خاص ڪري سنڌ جي شهرن ڪراچي ۽ حيدرآباد کي. انهي لاءِ سنڌ جي شهرن ۾ ڪراچي کي سنڌ کان ٻاهر ڪيو ويو يعني ته سنڌ کي ورهايو ويو. اڳتي هلي پنجابي، مهاجر، پناڙ محاذ سنڌ ۾ جوڙي عملي طرح ورهاڳي جو بنياد رکيو ويو. پاڪستان جي ٺهڻ جي اعلان سان گڏئي مظلوم قومن جي خلاف جبر ۽ استحصال شروع ڪيو ويو. بلوچستان تي فوج ڪشي ڪئي ويئي. ڪراچي کي سنڌ کان ڇني ٻاهر ڪيو ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه پاڪستان اردو زبان ۽ مسلمانيت جي نالي ۾ شروع ڪيو ويو ۽ اهو سڀ ڪجهه جناح جي مرضي سان ٿي رهيو هو. انهي ۾ اسين سنڌ ۾ ڏسون ٿا ته ڪراچي ۾ سنڌي تعليم ۽ انهي جي استعمال تي پابندي هنئي ويئي. اٽڪ 62 سالن ۾ سنڌ جون زمينون انعام ۾ نيلام ۾ فوج ۽ پي افسر شاهي پنجابين، پناڙن، بنگالين ۽ اردو ڳالهائيندڙن کي ڏنيون ڀئي ويون آهن. ملازمتون به پنجابي ۽ اردو ڳالهائڻ وارن کي ڏنيون ڀئي ويون آهن. سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائڻ واري کي نظر انداز ڪيو ڀئي ويو آهي. انهي صورتحال ۾ سنڌ جو مٿيون طبقو دلالن جو به دلال بڻجي استحصال ڪندي حڪمراني ۾ شريڪ رهيو آهي.

هاڻي اسين اڃوڪي صورتحال ۾ ڏسون ٿا ته ملڪ ۾ حڪمران طبقي جي صورتحال هن ريت نظر اچي ٿي.

1. پاڪستان سامراج، ملٽي نيشنل ڪمپنين، آئي.ايم.ايف، عالمي بينڪ ۽ W.T.O جي جديد بينڪيت آهي. اسان ملٽي نيشنل ڪمپنين جو مختصر جائزو ڏيئي رهيا آهيون. جڏهن ته انهن جو استحصالي جائزو جدا ڏنو آهي. 1992ع ۾ هڪ سئو ڏين ملٽي نيشنل ڪمپنين مان 38 يورپ جون 29 امريڪا جون ۽ 16 جاپان سان واسطو رکندڙ هيون. 1998ع جي قائم. اوور سيز انويسٽر آف چيمبرس آف

ڪامرس اينڈ انڈسٽريز پاڪستان جي موجب پاڪستان ۾ هيٺ ڏنل ملٽي نيشنل ڪمپنيون ڪم ڪري رهيون هيون.

1.اي بي اين ايمرو بينڪ، 2.الڪائل پاڪستان لميٽيڊ، 3.امريڪن ايڪسپريس بينڪ 4.اي اين زي گرين ليز بينڪ، 5.بينڪ آف امريڪا، 6.اين. ٽي. اينڈ ايس. اي، 7.بينڪ آف سيلون، 8.بينڪ آف ٽوڪيو متوبشي لميٽيڊ، 9.باٽا پاڪستان، 10.بائيزر پاڪستان، 11.بيڪام، 12.بي. ايڇ پي منرلز انٽرنيشنل ايڪسپوريشن، 13.بروڪ باند، 14.برما آئل، 15.ڪيڊ بري، 16.ڪالٽيڪس آئل، 17.ڪاسٽرول، 18.سيبا گائيگي، 19.ستي بينڪ، 20.ڪوڪا ڪولا بيورريجز 21.ڪمرشل يونين انشورنس پي.ايل.سي، 22.ڪوڪا ڪولا ايڪسپورٽ ڪارپوريشن، 23.ڪامن ويلٿ ڊولپمينٽ ڪارپوريشن 24.سي. پي. سي رفحان، 25.دي گلوبل فرينچ بينڪ، 26.ڊوئچي بينڪ. اي جي، 27.دوها بينڪ، 28.ڊو يونٽ فار ايسٽ، 29.ايل للي پاڪستان لميٽيڊ، 30.امارات بينڪ انٽرنيشنل، 31.ايڪسائيڊ پاڪستان، 32.فيصل بينڪ، 33.جيلٿ پاڪستان، .34.هانگ ڪانگ اينڈ شنگهائي بينڪ، 35.هوئيڪسٽ ميرين رسل، 36.هُنڊا اٽلس ڪارز 37.هانگ ڪانگ اينڈ شنگهائي بينڪ، 38.حب پاور ڪمپني، 39.آئي بي ايم اٽليا، 40.آئي سي آئي پاڪستان، 41.فلپس پاڪستان. 42.ڪي. ايل. ايم رائل. ڊچ ايئر لائين، 43.ڪنول فارماسٽيڪل، 44.ڪوڊڪ، 45.ڪوٽ ادو پاور ڪمپني، 46.ليور برادرس، 47.لفٽ. هنسا جرمن ايئر لائين، 48.ٽري ايم پاڪستان لميٽيڊ، 49.متوبشي ڪارپوريشن، 50.نيشنل پاور انٽرنيشنل، 51.نيسلي مِلڪ پيڪ، 52.پيپسي ڪولا انٽرنيشنل، 53.فائزر ليبارٽري، 54.پروڪٽڪ اينڈ گيمبل پاڪستان، 55.آر. جي رينالڊز 56.شيل پاڪستان، 57.ريڪٽ

اينڈ کولمن آف پاڪستان، 58.سينڈوز پاڪستان، 59.سيمنز پاڪستان، 60.استنڈرڈ چارٽرڈ پاڪستان، 61.سائنامڈ پاڪستان، 62.سيرلي پاڪستان، 63.ايبٽ ليبارٽريز پاڪستان، وغيره وغيره. انهن کان سواءِ هي مالياتي ادارا ب هتي موجود آهن.

2006ع جي مطابق: 1.پاڪستان صنعتي قرض ۽ سرمائيداري کارپوريشن (P.I.C.I.C)، 2.پاڪ ڪويت انويسٽمنٽ ڪمپني، 3.پاڪ ليبيا هولڊنگ ڪمپني، 4.پاڪ اومان انويسمينٽ ڪمپني، 5.سعودي پاڪ انڊسٽريل اينڈ ايگريڪلچر انويسمنٽ ڪمپني، 6.اسمال انٽرپرائز وغيره جڏهن ته هيٺيان بينڪ ب هتي ڪم ڪري رهيا آهن.

1.ڪريسٽ انويسٽمينٽ بينڪ، 2.سيڪيورٽي انويسمنٽ بينڪ، 3.اسلامڪ انويسمنٽ بينڪ، 4.جهانگير صديقي انويسمنٽ بينڪ، 5.ترست انويسمنٽ بينڪ، 6.فرسٽ انٽرنيشنل بينڪ، 7.فيڊلٽي انويسمنٽ بينڪ، 8.آسيٽ انويسمنٽ بينڪ، 9.فرينڪلين انويسمنٽ بينڪ، 10.ايڪسپورٽس انويسمنٽ بينڪ، 11.اٽلس انويسمنٽ بينڪ، 12.پرووِيشنل انويسمنٽ بينڪ، 13.التوفيق انويسمنٽ بينڪ، 14.اووريڪس انويسمنٽ بينڪ سميت ب بيا ب بينڪ آهن .جڏهن ته P.I.C.I.C کي 14 غير ملڪي سرمائيڪارن قرض ڏنو آهي. ان.۾ امريڪا، برطانيه، جرمني، فرانس، جاپان، سوئزرلينڈ ۽ اٽلي اهم ملڪ آهن. هن اداري کي 5 غير ملڪي ڊائريڪٽر هلائين ٿا. تنهن کان سواءِ هتي البراڪ اسلامڪ بينڪ، حبيب بينڪ اي جي زيورخ ۽ روپالي بينڪ ب موجود آهن. هن وقت I.M.F سان لاڳاپيل 177 ملڪن مان 39 ملڪ امريڪي ڊالر سان ۽ 14 ملڪ فرانسيسي فرانڪ سان لاڳاپيل آهن. جڏهن ته هاڻي يوروب سرگرم آهي.

پاکستان کي قرض ڈينڈڙ ملڪ ۽ ادارا

1. امريڪا 2ڪرب 87 ڪروڙ 41 لک 28 هزار ڊالر
2. ابوظهبي 6 ڪروڙ 46 لک 44 هزار ڊالر
3. اٽلي 26 ڪروڙ 65 لک هڪ هزار ڊالر
4. استريا 2 ڪروڙ 77 لک 14 هزار ڊالر
5. آسٽريليا 5 ڪروڙ 41 لک ڊالر
6. اوپيڪ فنڊ 7 ڪروڙ 83 لک 79 هزار ڊالر
7. ايشين ڊولپمنٽ بينڪ 1 ارب، 6 ڪروڙ 33 لک ڊالر
8. انٽرنيشنل ڊولپمينٽ ايجنسي 4 ارب 73 لک ڊالر
9. آئي. بي آر. ڊي (I.B.R.D) 12ارب 52ڪروڙ 17 لک 46 هزار ڊالر
10. آئي بي آر ڪنسوريشم 7 ڪروڙ 79 لک 37 هزار ڊالر
11. اسلامڪ ڊولپمنٽ بينڪ 36 ڪروڙ 37 لک 2 هزار ڊالر
12. انٽرنيسنل فنڊ فار ايگريڪلچر ڊولپمنٽ 25 ڪروڙ 10 لک 14 هزار ڊالر
13. انٽرنيسنل فنانس ڪارپوريشن 3 ڪروڙ 49 لک 83 هزار ڊالر
14. برطانيہ 4 ڪروڙ 42 لک 83 هزار ڊالر
15. بيلجيم 8 ڪروڙ 42 لک ڊالر
16. جاپان 5 ارب 32 ڪروڙ 44 لک ڊالر
17. جرمني هڪ ارب 83 ڪروڙ 57 لک ڊالر
18. چين 53 ڪروڙ 26 لک 22 هزار ڊالر
19. چيڪوسلواڪيہ 2 ڪروڙ 36 لک 33 هزار ڊالر
20. ڊنمارڪ 2 ارب 64 ڪروڙ 67 لک ڊالر
21. رومانيہ 3 ڪروڙ 12 لک 48 هزار ڊالر
22. روس 33 ڪروڙ 12 لک 2 هزار ڊالر
23. سويڊن 9 ڪروڙ 79 لک 56 هزار ڊالر

24. سعودي عرب	29 ڪروڙ 38 لک 71 هزار ڊالر
25. اسپين	4 ڪروڙ 66 45 هزار ڊالر
26. سوئزرليند	10 ڪروڙ 61 لک 10 هزار ڊالر
27. فرانس	هڪ ارب 39 ڪروڙ 28 لک ڊالر
28. فنلينڊ	90 لک ڊالر
29. ڪويت	14 ڪروڙ 11 لک 87 هزار ڊالر
30. قطر	50 لک 69 هزار ڊالر
31. ليبيا	2 ڪروڙ 78 لک 58 هزار ڊالر
32. مليشيا	2 ڪروڙ 16 لک 73 هزار ڊالر
33. ناروي	3 ڪروڙ 22 لک 28 هزار ڊالر
34. ناروي ڪنسورشيم	5 ڪروڙ 17 لک 41 هزار ڊالر
35. هالينڊ	15 ڪروڙ 24 لک 26 هزار ڊالر
36. اومان	10 لک 25 هزار ڊالر
37. ورلڊ بينڪ (IMF)	4 ارب 94 ڪروڙ 2 لک 47 هزار ڊالر
38. اي. آئي جي. (AIG)	6 ڪروڙ 80 لک 19 هزار ڊالر

پاڪستان لوٽڻي ۾ ڪنهن ڪنهن ڪا هاٿ صفحہ 292

انهن سامراجي ملڪن ادارن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين سوبت اثر کي روڪڻ، مارڪيٽ تي قبضو برقرار رکڻ ۽ خام مال ڦرڻ لاءِ پاڪستان کي پنهنجي ڪنٽرول ۾ رکڻ لاءِ سيٽو ۽ سنٽو جهڙا معاهدا ڪيا. سامراج لاءِ استعمال ٿيندي. سعودي منڊي جي حفاظت جي لاءِ ۽ فلسطيني تحريڪ آزادي کي ڪچلڻ ۽ اسرائيل ۽ عرب حڪمرانن جي مفاد ۾ هي رياست استعمال ٿيندي رهي آهي. انهي سان گڏ هي ايران لاءِ به جڏهن ايران امريڪا جي اثر ۾ هو استعمال ٿي. افغان انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ امريڪا، سعودي عرب ۽ هاٿي نيٽو جي

ساڻ سان امريڪا لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. اِهائي ڳالهه اقبال الهه آباد جي خطبي ۾ چئي هئي ته پاڪستان اتر اُولهه جي نظريي جي خلاف هڪ مورچو هوندو. انهن سامراجي ادارن جا هٿي مضبوط اتحادي پاڪستان جي افسر شاهي (فوج ۽ سول) آهي ۽ اهي ٻئي ادارا انگريز سامراج جا پيدا ڪيل آهن ۽ اُهي شروع کان ئي سامراجي ساڻ سان ڪم ڪندا هئا ۽ هاڻي به اُهي ساڳيو ڪم ڪري رهيا آهن. افسر شاهي ۾ خاص ڪري فوجي افسر شاهي کي سامراجي ادارن سوين ارب ڊالر ڏنا آهن. ته ٻي پاسي پاڪستان جي دفاع جي نالي ۾ هي ادارو ملڪي دولت جو تمام وڏو حصو 40 سيڪڙو پنهنجي استعمال لاءِ پنهنجي قبضي ۾ رکندو آهي. هي واحد اهڙو ادارو آهي جيڪو سپ کان وڌيڪ منظم آهي. هن اداري مدد، امداد ۽ دفاع جي نالي تي حاصل دولت کان سواءِ هتي ڦرلٽ ڪندي پاڻ کي تمام گهٽو مضبوط ۽ طاقتور بڻائي ورتو آهي. انهن ايٽم بم ۽ ٻين هٿيارن جي تياري ۽ وڻڪ ۽ وڪري سان به تمام گهڻي دولت گڏ ڪئي آهي. "افغان جهاد" ۽ القاعده ۽ طالبان جي حمايت ۽ "خلاف" راهه راست وسيلي هيروئن ۽ ٻي ڪرپشن سان هتي معيشيت تي قبضو ڪري ورتو آهي. هڪ اندازي موجب هن افسر شاهي ڏيڍ سؤ ارب ڊالر کان وڌيڪ دولت ٻاهرين ملڪن ۾ لڪائي رکي اهي. مثال طور اوجهڙي ڪئمپ مان اعجاز الحق (ضياء الحق) 550 ملين ڊالر ۽ اختر عبدالرحمان جي پٽ 750 ملين ڊالر ڪمايا. هن افسر شاهي پاڪستاني رياست جي قانون کان جدا پنهنجو قانون قائم ڪري رکيو آهي ۽ هي پاڪستاني قانون کي ڇُتي جي هينيان رکن ٿا. هون به جيڪي معيشيت تي قابض هوندا آهن اُهي ئي سياست تي به قابض هجن ٿا. هنن وٽ ته معيشيت سان گڏ بم ۽ بندوق به آهي ۽ رهيو قانون ته انهي ۾ رڳو ڪمزور هي

ڦاسن ٿا. هن اداري جي ملڪ تي سڌي ۽ اڻ سڌي حڪمراني آهي. هن افسر شاهي هتي ڪڏهن. ڪائونسل مسلم ليگ ته ڪڏهن ڪنوينشن مسلم ليگ ته ڪڏهن بلدياتي جمهوريتن (B.D) جو نظام، پي. اين. اي (پاڪستان قومي اتحاد) آئي-جي-آئي (اسلامي جمهوري اتحاد) ايم. ايم اي مسلم ليگ ن ۽ ق کي بنايو آهي ۽ جوڙايو آهي ته انهن سان گڏ الشمس، البدر، سپاهه صحابه، لشڪر طيبه، جيش محمد، لشڪر جهنگوي، حرڪت المجاهدين، طالبان، القاعده، دڪن مجاهدين ۽ MQM، PPI ۽ ٻيون مذهبي ۽ لساني تنظيمون قائم ڪرايون آهن. اها افسر شاهي هتي سامراجي مفادن جو بچاءِ ڪندي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن جو استحصال ڪري ٿي ڪين ڪچلي ٿي. مظلوم قومن جي چونڊيل حڪومتن تي راتاها هٽي انهن کي چونڊيندڙ ۽ چونڊجڻ وارن کي قتل ڪري ٿي. هي افسر شاهي سامراجي ۽ سرمائيدارانه حڪومتن جي لُٽ مار ۾ ڪميشن حاصل ڪري ٿي، چوري ۽ هيرا ڦيري ڪري ٿي. انهن ڪامرهه، اٽڪ، واهه، ٽيڪسلا، لانڊي ۽ ڪهوٽه ۽ ٻين لڪل هنڌن تي صنعتي ڪامپليڪس قائم ڪري رکيا آهن. اهي 85 سيڪڙو مفت بجلي استعمال ڪن ٿا. ۽ ٻيا به ڪيترائي مفت فائدا کٽن ٿا. پاڪستاني فوج لاءِ عام پرچار ڪيو ويندو آهي ته اها ملڪي سرحدن جي حفاظت ڪندي آهي، جڏهن ته حقيقت ۾ فوج رياست جو هڪ اهم ادارو هجڻ ڪري رياست ۽ سرمائيداري نظام جو بچاءِ ڪندي آهي. پوءِ پورهيتن ۽ مظلوم قومن کي ڪچليندي آهي. پاڪستان جي فوج، ترڪي، انڊونيشيا ۽ بنگلہ ديش وانگر معيشيت سان گڏ سياست تي به قبضو ڪري ورتو آهي. پاڪستان جي 60 سالن جي تاريخ ۾ 32 سالن تائين سڌو اقتدار ۾ رهي آهي. انهن اقتداري سالن ۾ فوج رڻ ڪڇ ۾ 1964 ۽ 1965،

1971 ۾ هندوستان سان تي جنگيون ڪيون جنهن ۾ رڻ ڪڇ کي هندوستان حوالي ڪرڻو پيو. 1965ع ۾ به شڪست کاڏائون ۽ 1971 ۾ بنگالين جو قتل عام ڪندي اڌ ملڪ کي ئي ڌار ڪري ڇڏيائون. اهڙي ريت ضياءِ پنهنجي اقتدار واري زماني ۾ سياچن تي هندوستان کي قبضو ڪرڻ ڏنو. مشرف ڪارگل ۾ فوجي مارايا ۽ اڄ به وانا ۽ وزيرستان ۾ پاڪستاني فوج "شهادتون" ماڻي رهي آهي. انهي فوج جو دفاعي خرچ به بحث هيٺ نه ٿو اچي سگهي، جنهن جو سڌو مطلب اهو آهي ته اهو دفاع جي نالي تي فوجي آفيسرن جي عياشيءِ لاءِ خرچ ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ فوجين کي زمين ڏيڻ جو سلسلو ته انگريز راڄ کان جاري هو پر پاڪستان جي نهڙ کان پوءِ اها فوج زمين سان گڏ باقي معيشت تي به هٿ صاف ڪرڻ شروع ڪيا.

فوج معيشت سان گڏ سياست تي قبضي جاري رکڻ لاءِ "قومي سلامتي جو ادارو" ۽ I.S.I قائم ڪرائي پنهنجي حيثيت کي تمام گهڻو مضبوط ڪري ورتو آهي. هن وقت پاڪستاني معيشيت جو 25 کان 30 سيڪڙو فوجين جي قبضي ۾ آهي. پاڪستاني بري فوج 5 لک 50 هزار نفري تي هوائي فوج 45 هزار ۽ ساموندي فوج 25 هزار ماڻهن تي مشتمل آهي. رزرو وغيره ملائي ڪري اها 11 لک کن ٿئي ٿي (جنهن ۾ رينجرز فرنٽيئر ڪور ليوي ۽ ان جهڙا ٻيا ادرا اچي وڃن ٿا.) انهي فوج جو 75 سيڪڙو پنجاب جي تن ڇڻ ضلعن چڪوال، جهلم، پنڊي ۽ اٽڪ ضلعن مان جڏهن ته 20 سيڪڙو سرحد پختون خواه جي ڪجهه ضلعن مان جڏهن ته باقي 5 سيڪڙو سڄي ملڪ مان پرتي ڪيا وڃن ٿا. انهي سڄي فوج مان اندازو آهي ته صرف 500 جرنل ۽ ٻيا وڏا فوجي آفيسر استبلشمينٽ جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن. پاڪستان جي فوج پنهنجي معاشي سلطنت قائم ڪري

ورتي آهي. انهي اقتصادي ۽ معاشي سلطنت جا 4 اهم ٿنب آهن. جيڪي آرمي ويلفيئر ٽرسٽ 2. فوجي فائونڊيشن 3. شاهين فائونڊيشن 4. بحريہ فائونڊيشن جي نالي سان ڪاروبار ڪري رهيا آهن. اهو سڄو ڏنڊو وزارت دفاع جي ماتحت ڪيو وڃي ٿو. اهو ڪاروبار ٽن خاص حصن تي مشتمل آهي. پهرين حصي ۾ فوج سڌو سنئون منافعو حاصل ڪرڻ وارن ڪمن ۾ رڌل آهي. جنهن ۾ سيڪ ڪان وڌو ڪم اين. ايل. سي (نيشنل لاجسٽڪ سيل (N.L.C) وسيلي ڪيو وڃي ٿو. آگسٽ 1978ع ۾ ڪڙو ڪيل هي ادارو ملڪ جي سيڪ ڪان وڌي ٽرانسپورٽ ڪمپني اهي. ايشيا جو پبلڪ سيڪٽر ۾ سيڪ ڪان وڌو هي ادارو 1689 بلاجيڏين گاڏين جو مالڪ آهي جنهن ۾ 7279 ماڻهو ڪم ڪن ٿا. جنهن ۾ 2549 حاضر سروس فوجي آهن. جڏهن ته باقي ريٽائرڊ فوجي آهن. 2001_2000 ۾ انهي اداري جا اٽاٽا 4 ارب جي لڳ پڳ هئا. فرنٽيئر ورڪس آرگنائزيشن (F.W.O) هڪ پيو ادارو آهي، جيڪو 1966ع ۾ 805 ڪلو ميٽر قراقرم هاءِ وي لاءِ وجود ۾ آندو يو. اهو هن وقت ملڪ ۾ روڊ ناهڻ جو سيڪ ڪان وڌو ٺيڪيدار ادارو آهي. هن وقت حڪومت جا سيڪ ڪان اهم روڊ رستا ناهڻ جا ٺيڪا انهي جي حوالي آهن. جڏهن ته هاڻ انهي اداري جي اهم شاهراهن تي ٽول ٽيڪس وٺڻ جي ڪم سان بہ لڳايو ويو آهي.

اسپيشل ڪميونيڪيشن آرگنائيزيشن (S.C.O) 1976ع ۾ قائم ٿيل هڪ پيو اهم ادارو آهي. جنهن جي پاڪستاني جموں ۽ ڪشمير ۾ فاٽا ۽ اترين علاقن ۾ ٽيلي ڪميونيڪيشن جو ڪم سونپيل آهي. F.W.O پاڪستان آرمي جي انجنيئرنگ ڪور جو جڏهن ته S.C.O سگنل ڪور جي حوالي آهي. جڏهن ته ليول 2 تي اهو ڏنڊو سبسڊي جي شڪل ۾ فوج جي "فلاح" جو ڪم ڪري رهيو آهي. فوج جا اهي 4

ادارا هڪ سئو آزاد پراجيڪٽ هلائي رهيا آهن. انهي ۾ 1954ع ۾ ريٽائرڊ فوجين جي پلائي لاءِ قائم ٿيل فوجي فائونڊيشن 29 صنعتي يونٽن جي مالڪ آهي جنهن جا اثاثا هن وقت لڳ ڀڳ 10 ارب جي برابر آهن. بري فوج جي هن اداري ۾ صرف 7000 ته ريٽائرڊ فوجي ملازم آهن. آرمي ويلفيئر ٽرسٽ کي 1971ع ڌاري قائم ڪيو ويو هو هن اداري جا 41 خود مختيار ادارا هلندڙ آهن. جنهن جا اثاثا 50 ارب روپيه ۽ ان ۾ 5 هزار کان وڌيڪ ريٽائرڊ فوجي ملازم آهن. هوائي فوج لاءِ 1977ع ۾ قائم ٿيل شاهين فائونڊيشن وٽ 2 ارب روپين جا اثاثا آهن ۽ اها 14 خودمختيار پراجيڪٽ هلائي ٿي. جڏهن ته بحريه لاءِ 1982 ۾ قائم ٿيل بحريه فائونڊيشن وٽ هن وقت 4 ارب رپين جا اثاثا آهن ۽ اها 19 خودمختيار پراجيڪٽ هلائي رهي آهي. ادارن جي شڪل ۾ جاري اهو ڪاروبار پاڪ فوج جي ذاتي ڪاروبار تائين ڦهليل آهي جنهن ۾ شهري ۽ پهراڙي جي علائقن ۾ فوج کي انعام ۽ رعايتن ۾ مليل پلاٽ شامل آهن. هائوسنگ اسڪيمون الڳ آهن. مشرف سرڪار ريٽائرمينٽ کان پوءِ چئن کان پنج هزار آفيسرن کي مختلف ڪاتن ۾ اهم ملازمتون ڏنيون آهن ۽ هڪ رپورٽ مطابق هن وقت ملڪ جي اهم 56 هزار سول عهدن تي فوجي آفيسر قابض آهن جن ۾ 1600 ڪارپوريشن ۾ آهن. پاڪستان رينجرز به ڪاروبار ۾ ڪاهي پيئي آهي ۽ هن ساموندي علائقن جي 18 سئو ڪلو ميٽر ڊگهي سنڌ بلوچستان جي ساحل تي مڇي مارڻ لاءِ ڏينهن ٺي قبضو ڪري ورتو هو. وڏي ويڙهاند کان پوءِ به هن وقت سنڌ جي 20 ڏينهن تي مڇي مارڻ جا حق رينجرز وٽ آهي. هن اداري پيٽرول پمپ ۽ اهم هوٽلون به هلائڻ شروع ڪيون آهن. جڏهن ته هاڻي F.W.O کي اهو به حق ڏنو ويو آهي ته اهم شاهراهن تي بل بورڊ هٽڻ لاءِ پرائيويٽ ڪمپنين کان پئسا وٺڻ شروع

ڪيا آهن. آرمي ويلفيئر ٽرسٽ جي هڪ اهم اداري عسڪري ڪمرشل بينڪ جا 2002ع ۾ اٽاڪا 70 ارب روپيا هئا. انهي لٽ مار جي جانچ متعلق نيب جي سابق پوليس سربراهه حسن عباس پنهنجي ڪتاب"پاڪستان جو انتها پسندي ڏانهن جهڪاءِ" ۾ چوي ٿو تہ "جنرل اسلم بيگ، حميد گل، زاهد علي اڪبر، جنرل طلعت مسعود ۽ جنرل حميد قادر خلاف جانچ متعلق نيب جا هٿ پڙل هئا. اهي جنرل هڪ وقت فوجي آفيسر ڪنهن پراجيڪٽ جا سربراهه تہ وري زمين جا مالڪ آهن. پاڪستان جي فوج رياستي زمين جي 12 سيڪڙو يعني هڪ ڪروڙ 16 لک ايڪڙ زمين جي مالڪ آهي. اها زمين پنجاب ۾ 62 سيڪڙو سنڌ ۾ 27 سيڪڙو ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ 11 سيڪڙو آهي. انهن زمين جي قيمت جيڪا فوجي آفيسرن کان ڪٽي ڪٽي ورتي وئي هئي انهي جو هڪ عام اندازو چولستان ۽ بهاولپور جو آهي جتي آفيسرن کي 380 روپيا في ايڪڙ جي حساب سان زمين الاٽ ڪئي وئي آهي: "روزنامہ ايڪسپريس" ڪراچي 05_2_2) جڏهن تہ 1965ع ۾ اهڙي زمين صرف 60 رپيا في ايڪڙ جي حساب سان فوجي آفيسرن کي ڏني وئي. فوجي آفيسرن کي مليل زمين جي لسٽ اڳيئي ڏئي آيا آهيون. هاڻي فوجي آفيسرن جي رهائش لاءِ ڊفينس هائوسنگ اٿارٽيز جو چرچو آهي. جنهن ۾ سموريون ڪالونيون ۽ گهر آفيسرن لاءِ ٺهي ۽ وکرو ٽي رهيا آهن اڳي صرف اي ڪيٽيگري واري زمين فوج جي اڏاوت لاءِ هئي پر هاڻ تہ بي ۽ سي ڪيٽيگري جون زمينون بہ جيڪي حقيقت ۾ مقامي ماڻهن جي ملڪيت هجن ٿيون فوج انهن کي ڪئمپن سکيا ۽ گهوڙن جي چاري لاءِ استعمال ڪري رهي آهي. اهڙي زمين جي ڪراچي، لاهور ۽ ڪوئيٽا ۾ مارڪيٽ ويليو 500 سئو ارب رپيا آهي. ان حساب سان زمين جي مالڪي جو اڳهہ ميجر جنرل هڪ

ڪروڙ ليفٽيننٽ جنرل 5 ڪروڙ آهي. 90ع جي ڏهاڪي ۾ نيم سول دور ۾ جيڪي پلاٽ فوجي آفيسرن کي ڏنا ويا جن ۾ هڪ پلاٽ جنرل وحيد ڪاڪڙ کي 10 ڪروڙن جو ڏنو ويو جڏهن ته اهڙا پلاٽ مشرف وٽ 8 آهن جنهن ۾ 2 هزار سڪوائر وال ڪراچي ڊي ايڇ اي ۾ 12 سئو اسڪوائر وال مورڳ راولپنڊي ۾ نو سئو اسڪوائر وال پشاور ۾ 50 ايڪڙ زرعي زمين بهاولپور ڇهه سئو اسڪوائر وال راولپنڊي ۾ 12 سئو اسڪوائر وال گوادر ۾ فارم هائوس اسلام آباد ۾ هجڻ هڪ ارب پتي هجڻ جو اهڃاڻ آهي. مشرف بهاولپور ۾ نمبردار به آهي. ۽ اهڙو بورڊ به اتي لڳل آهي. پينشن جو فرق واضح ڪري ٿو ته فوجين کي ڪيڏي نه رعايت ملي ٿي. 2004 ۽ 2005ع جي مالي سال ۾ سول پينشن 6 ارب روپيا جڏهن ته فوج جي پينشن لڳ ڀڳ ساڍا ٽيهه ارب هئي. مثال طور بلوچستان ۾ 2 هزار 7 سئو 25 مڪران اسڪائوٽ ۽ 28 هزار 8 سئو F.C 8 جا سپاهي آهن اهي ڪل 31 هزار 5 سئو 33 ٽين تا. مرڪزي حڪومت بلوچستان ۾ انهن کي هر سال 2 ارب 60 ڪروڙ به سئو روپيا ڏي ٿي. جڏهن ته گذريل 5 سالن ۾ حڪومت 11 ارب 31 ڪروڙ 40 لک 72 هزار 8 سئو روپيا ڏنا آهن. جڏهن ته مرڪزي حڪومت بلوچستان حڪومت کي رائلٽي جي مد ۾ صرف 2 ارب روپيا ساليانو ڏي ٿي. 15 فيبروري 2005 تي اها رپورٽ سينيٽ ۾ پيش ڪئي وئي هئي. فوج جا ڪيترا اهڙا ادارا ۽ ڪمپنيون به آهن جيڪي استاڪ ايڪسچينج ۾ رجسٽرڊ به ٿيل ته آهن. فوج جي اها سرمائيداري ڪنهن به صورت ۾ عالمي سرمائي کان الڳ يا ان سان ٽڪراءِ ۾ نه آهي. بلڪ عالمي سرمائيداري جي دلال آهي هيٺ فوجي ڪاروبار ۽ صنعت جي ادارن جي لسٽ ڏجي ٿي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته فوجي سرمائيداري ڪيئن نه "حقيقي ڪم" ۾ رڌل آهي.

(1) آرمي ويلفيئر ٹرسٹ جا پراجيڪٽ

(1) آرمي ويلفيئر نظام پور سيمينٽ پروجيڪٽ

(2) آرمي ويلفيئر فارماسيوٽيڪل

(3) عسڪري سيمينٽ لميٽڊ

(4) عسڪري ڪمرشل بينڪ

(5) عسڪري جنرل انشورنس ڪمپني لميٽڊ

(6) عسڪري ليزنگ لميٽڊ

(7) عسڪري لبريڪينٽس لميٽڊ

(8) آرمي ويلفيئر شوگر ملز ٻڈين

(9) آرمي ويلفيئر شو پروجيڪٽ

(10) آرمي ويلفيئر وولن ملز لاهور

(11) آرمي ويلفيئر هوزري پروجيڪٽ

(12) آرمي ويلفيئر رائس ملز لاهور

(13) آرمي اسٽڈ فارم پروبائيباڈ

(14) آرمي اسٽڈ فارم بائل گنج

(15) آرمي فارم ركبائڪنٽ

(16) آرمي فارم ڪوسڪي، بدين

(17) ريئل اسٽيٽ لاهور

(18) ريئل اسٽيٽ راولپنڈي

(19) ريئل اسٽيٽ ڪراچي

(20) ريئل اسٽيٽ پشاور

(21) آرمي ويلفيئر ٹرسٹ پلازه روالپنڈي

(22) بليو لاگون راولپنڈي

(23) الغازي ٹريول

(24) سروسز ٹريول راولپنڈي

(25) ليزن آفيس کراچي

(26) ليزن آفيس لاهور

(27) عسکري فارماسيوٹيکل

(28) آرمي ويلفيئر ٹرسٹ کمرشل مارکيٹ پروجيکٹ

(29) عسکري کمرشل انٹرپرائز

(30) عسکري انفرميشن سروس

(2)فوجي فائونڈيشن جا پروجيکٹ

1. فوجي شگر ملز تنڈو محمد خان
2. فوجي شگر ملز کوسکي (بدين)
3. فوجي شگر ملز سانگلاهل
4. فوجي شگر کين اينڈيس فارم
5. فوجي سيريلز
6. فوجي کارن کامپليکس
7. فوجي پولي پرپائلين پروڈکٹس
8. فائونڈيشن گئس کمپني
9. فوجي فرٹيلائزر کمپني، صادق آباد ۽ ڏهرکي
10. فوجي فرٹيلائزر انسٹيٹيوٹ
11. نيشنل آئڈنٹٹي کارڈ پروجيکٹ
12. فائونڈيشن ميڈيکل کاليج .
13. فوجي کبير والا پاور کمپني
14. فوجي جارڊن فرٹيلائزر گهگهر قاتک کراچي

15. فوجي سيكيورٹي كمپني لميٹڈ
16. ٹرانسپورٹ نيشنل لاجسٹک سيل N.L.C
17. ٹيکيداري پر فرنٹيئر ورکس آرگنائزيشن F.W.O.

(3) شاهين فائونڈيشن جا پروجيکٹ

1. شاهين انٹرنيشنل
2. شاهين کارگو
3. شاهين ايئرپورٹ سروسز
4. شاهين ايئروٹريڈرس
5. شاهين ٹريول جا ٹي پروجيکٹ
6. شاهين ٹريول جا ٹي پروجيکٹ
7. شاهين کامپليکس جا پہ پروجيکٹ
8. شاهين پي ٹي وي
9. F.M 100 ريڈيو چينل
10. شاهين انفرميشن ءِ ٹيکنالا جي سسٹم
شاهين نٹ ويئر

(4) بحريہ فائونڈيشن جا پروجيڪٽ

1. بحريہ يونيورسٽي
2. فلاهي ٽريڊنگ ايجنسي
3. بحريہ ڪنسٽرڪشن
4. بحريہ ٽريول ايجنسي
5. بحريہ پينٽس
6. بحريہ ڊيپ سي فشنگ
7. بحريہ ڪامپليڪس
8. بحريہ ٽائون اينڈ هائوسنگ اسڪيمون ٽي پروجيڪٽ
9. بحريہ ڊريڈنگ
10. بحريہ بيڪري
11. بحريہ شپنگ
12. بحريہ ڪوسٽل سروسز
13. بحريہ ڪيٽرنگ اينڈ ڊيڪوريشن سروسز
14. بحريہ فارمنگ
15. بحريہ هولڈنگ
16. بحريہ شپ بريڪنگ
17. بحريہ هاربر سروسز
18. بحريہ ڊائيونگ اينڈ سالويج انٽرنيشنل
19. بحريہ فائونڈيشن ڪاليج بهاولپور

(حوالو عائشہ صديقہ جو ڪتاب ملٽري انڪ)

انهيءَ کان سواءِ سنڌ ۾ ملٽري اسٽريٽ حيدرآباد کي 1992ع ۾ 74 هزار ايڪڙ فائرنگ رينج لاءِ ڏني وئي هئي. فوج انهي زمين جو هڪ روپيو به نه ڏنو آهي. (سنڌ هاءِ ڪورٽ جنگ ڪراچي 07_8_8)

جڏهن ته 1990ع ۽ 1993ع ۾ فوجين کي سنڌ ۾ 13 هنڌن تي زمين الاٽ ڪئي وئي اها هڪ لک 15 هزار 9 سئو 29 ايڪڙ هئي. جنهن جي انهي وقت مالیت 19 ارب 31 ڪروڙ 17 لک 59 هزار روپيه هئي". جڏهن ته ڪراچي ۾ بن بيٽن ڏنگي ۽ پنڌاڙ ٻيٽ 16 هزار 5 سئو 60 ايڪڙن تي مشتمل آهن (ڪاوش 20 جنوري 2007).

انهن بيٽن جي حقن، ملڪيت تي قبضي لاءِ فوج ۽ سول ادارن ۾ ويڙهه شروع ٿي ته انهن بيٽن جي وڪري جي مخالفت ڪئي، سنڌ جي سمورين قومپرست ڌرين به وڪري جي مخالفت ڪئي جڏهن ته هڪ لک 15 هزار ايڪڙن کان مٿي زمين فوج قبضي ۾ ڪئي ته ڪنهن به انهي تي زبان نه کولي. انهي زمين ۾ دادو ۾ آرمي ڪنٽومينٽ لاءِ 1990ع ۾ 600 هزار روپيا في ايڪڙ جي حساب سان 600 ايڪڙ دادو ۾ ئي اسمال يونٽ چانوٽي لاءِ 1993ع ۾ 6000 هزار روپيا في ايڪڙ جي حساب سان 400 ايڪڙ پي او ايل چانوٽي لاءِ 1993ع ۾ 15000 هزار روپيه في ايڪڙ جي حساب سان 94463 ايڪڙ ٽنڈو محمد خان جي ويجهو گنجي ٽڪر تي 1993ع ۾ هڪ لک في ايڪڙ جي حساب سان 4000 ايڪڙ سيوهڻ چانوٽي لاءِ 1993ع ۾ 80 هزار روپيه في ايڪڙ جي حساب سان هڪ هزار ايڪڙ ڊاپيجي فيلڊ فائرنگ رينج ڪراچي اوير (ملير) ۾ 1993ع ۾ 75 هزار روپيه في ايڪڙ جي حساب سان وڌيڪ 11500، ايڪڙ رائفل رينج ملير ڪراچي ۾ 2 لک روپيه في ايڪڙ جي حساب سان 1993ع ۾ 2632 ايڪڙ سڪرنڊ ويجهو چانوٽي لاءِ 1993ع ۾ 50 هزار في ايڪڙ جي حساب سان 1738 ايڪڙ

نيوي لاءِ ڪيپ مائونٽ ڪراچي ۾ 1993ع ۾ 30 هزار روپيه في ايڪڙ جي حساب سان 9154 ايڪڙ واهي پانڊي ۾ 1993ع ۾ 50 هزار روپيه في ايڪڙ جي حساب سان 200 ايڪڙ ۽ 1993ع ۾ ئي حيدرآباد ۾ ايئرپورٽ لاءِ ديهه گنجي ٽڪر لطيف آباد ۾ 1473 ايڪڙ زمين ڏني وئي هئي. جڏهن ته ڪنري پرسان ٽري ڪيٽل جي 2 هزار ايڪڙ زمين قطر جي حوالي ڪئي وئي آهي (جنگ ڪراچي 8 آگسٽ 2007ع) پاڪستان جي فوج 220ملين ڊالرز جو ڪاروبار ڪري رهي آهي.

انهن سان گڏ ئي هتي صنعتي ۽ زرعي سرمائيدار اچن ٿا. صنعتي سرمائيدار فوجي افسر شاهي جي سات سان ۽ انهن جي مدد سان سرمائيدار بڻيا آهن. پاڪستان جي نهڙ وقت سرمائيدارانه رياست جا ادارا قائم ڪيا ويا هئا ته سامراج ۽ سرمائيدارن جا مفاد پورا ٿي سگهن. پر پاڪستان ۾ صنعتي ترقي لاءِ سرمائيدار اڳتي نه آيا پر پاڪستاني رياست پي آئي ڊي سي جو ادارو قائم ڪري صنعتڪاري ڪئي جنهن سان واضع طور تي اهو نتيجو نڪري ٿو ته پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ هاڻي سرمائيدارن ۽ سرمائيداري جو ڪردار ختم ٿي ويو آهي ۽ هتان جو سرمائيدار ناڪام ٿي ويو آهي. انهي ڪري اهو اهڙي رياست جيڪا سيڪولر هجي، پارليماني هجي، جمهوري هجي، سامراج کان آزاد هجي قائم نٿو ڪري سگهي. اهو سندن وس ۾ نه آهي. اڳتي هلي پي آءِ ڊي سي طرفان قائم ڪيل صنعتون سرمائيدارن ۽ آفيسر شاهي جي پٽن پوٽن جي حوالي ڪيون ويون. ياد رهي ته صنعت ۾ رياستي سرمائيڪاري جو وڏو حصو 1952ع ۾ قائم ڪيل پاڪستان انڊسٽريل ڊولپمنٽ ڪارپوريشن (PIDC) جي ذريعي لڳايو ويو. هن اداري ملڪ جي صنعتڪاري ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪيو. 60 جي ڏهاڪي ۾ ڏسون ٿا ته انهي دور ۾

ڳري صنعت تعمير ٿي رهي هئي. 1960ع تائين پي آءِ ڊي سي جي سرمائيڪاري جي مجموعي مقدار هڪ ارب کان وڌي چڪي هئي.

حوالو پاڪستان 1959ع 60 ڪراچي صفحہ 69 حوالو پاڪستان سماج صفحہ 46 مدير و مترجم ڊاڪٽر محمود صادق مڪتبہ دانيال.

حڪومت ۾ پي آءِ ڊي سي جي صنعتڪاري سان قائم صنعتي ادارا جڏهن سرمائيدارن جي حوالي ڪيا ويا تہ پاڪستان ۾ 22 خاندان اجاره دار بڻجي ويا. جن جي خلاف 67_1968ع ۾ ياشاني جي قيادت ۾ نواجونن، هارين ۾ پورهيتن شاندار تحريڪ هلائي هئي. جيڪا بنگال، سنڌ، پختون خواهہ ۾ بلوچستان ۾ تمام گهڻي تيز هئي پوءِ پنجاب جا نوجوان ۾ هاري بہ انهي تحريڪ ۾ شريڪ ٿي ويا هئا انهي جو هڪ اهم سبب 1965ع ۾ هندستان سان جنگ ۾ ايوب جي ڪارڪردگي جي خلاف پنجاب ۾ ڪاوڙ هئي جنهن کي پٽو هوا ڏني هئي. پر مائوزي تنگ جي حڪم تي ياشاني انهي تحريڪ کي اڏ ۾ چڏي سياست تان ئي هٽ ڪٽي ويو تہ پي پاسي ماسڪو نواز جماعت اسلامي سان اتحاد ڪري (ڊيڪ) ۾ جمهوريت آڻڻ لاءِ ميدان ۾ آيا تہ مائو نواز وري پٽو جي پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويا. اهڙي ريت اها تحريڪ جمهوريت جي ڳولا ۾ راهہ گم ڪري گم ٿي ويئي. انهي تحريڪ جي سزا بنگالين کي سندن قتل عام زنا ۾ بي گهري جي صورت ۾ ملي. پٽو دور ۾ سوويت يونين ۾ چين هتي ڳري صنعت هٽي ڏني. پر سرمائيدارن ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنين ۾ عالمي سامراج اهڙي صنعت ڪاري نہ ڪئي. ضياءِ دور کان نجڪاري جو پيو دور شروع ٿيو آهي جيڪو اڄان تائين هلي پيو. سرمائيدارن 7000 کان وڌيڪ ڪارخانہ بند ڪري چڏيا آهن 4000 ڪارخانہ بيمار آهن، هاڻ تہ

هئا. بهرحال سوويت انقلاب بادشاهت، سرمائيداري ۽ جاگيرداري جي خلاف مزدورن، هارين ۽ جهموريت پسندن جو انقلاب هو جنهن جي اڳواڻي سوينٽن جي صورت ۾ مزدورن ڪئي اهو انقلاب گهڻ قومي ملڪ ۾ برپا ٿيو ۽ اڳواڻي جو ڪردار ظالم قوم جي مزدورن ڪيو جن انقلابي ويڑهه ۾ مظلوم قومن جي آزادي جي پرپور حمايت ڪئي. جيتوڻيڪ مظلوم قومن جي باري ۾ لينن جي سوچ جي ابتڙ ٽراٽسڪي ۽ استالن جا به خيال هئا ته روزا لڪسمبرگ جي سوچ به جدا هئي جن کي قومي سوال جي حوالي سان پيش ڪيو ويندو روس جي ظالم قوم يعني مها روسي قوم اقليت ۾ پڻ هئي جڏهن ته مظلوم قومن جي اڪثريت هئي. چين جو انقلاب هارين جي اڳواڻي ۾ هٿيار بندويڑهه سان برپا ڪيو ويو اُهو بادشاهت ۽ جاگيرداري ۽ سامراجي تسلط جي خلاف انقلاب هو. اُتي سرمائيداري جڙ ته مس پيدا ٿيڻ شروع ٿي هئي. ۽ اهو طريقو ايشيا ۽ افريقا ۾ به آزمايو ويو. يعني ته هٿيار بند جدوجهد وسيلي جدوجهد اُتي ايشيا ۾ اهو هارين جي اڳواڻي ۾ سامراج کان آزادي جو به انقلاب هو. يعني ته اهي انقلاب آزادي ۽ هارين جا انقلاب هئا. وري افريقه ۾ اُهي انقلاب اُتان جي وچولي طبقي هٿيار بند جدوجهد وسيلي، قومي آزادي جي جدوجهد جا انقلاب برپا ڪيا اُتي نه مزدور هئا ۽ نه ڪلاسيڪي هاري هئا اُتي جو سماج قبائليت تي بڌل هو. ۽ سامراجي غلامي پڻ هئي، اُتي لاطيني امريڪا ۾ هڪ نئون طريقو شروع ٿيو. اُتي چوندون ڪٽي ايندڙ ڪاپي ڏر سان واسطو رکندڙن انتهائي ريڊيڪل سڏارا آڻڻ شروع ڪيا. امريڪي سامراج اهڙين ڪاپي ڏر جي حڪومتن جا تختا اونڌا ڪرائي چڏيا ته پي پاسي وري پنهنجي مفاد ۾ فوجي حڪومتون قائم ڪرائي ۽ انهن سان گڏ يورپ ۽

آمريڪا ۾ سوشل ويلفيئر جو سلسلو شروع ڪيو ويو جيڪو ڪلاسيڪل سرمائيدارانہ نظام ۾ موجود نہ هو. اُتي 1992ع ۾ سوويت نظام ڏهي پيو. سوويت نظام يا چيني طريقو بنهين هنڌ ڪميونست پارٽي جي آمريت هئي. جيڪا ڪنهن بہ ريت مزدور جمهوريت نہ هئي. جيڪا مارڪس، اينگلس ۽ لينن جي سوچ واري نہ هئي سوويت روس ٽٽي ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو ۽ اُتي بيهر سرمائيداري نظام جو غلبو ٿي ويو. چين ۽ ايشياءِ افريڪا ۾ ڪابي ڏر جون حڪومتون ناڪام ٿي ويون ۽ اُتي بہ سرمائيداري نظام بحال ٿي ويو. روس کان سواءِ ٻيو ڪٿي بہ روس جهڙو انقلاب برپا نہ ٿي سگهيو. سڄي دنيا ۾ (سعودي عرب، ترڪي ۽ هاڻ ايران کي ڇڏي) ڪميونست پارٽين کي ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي، وري چين آهي جتي حڪومت ڪميونست پارٽي جي آهي جيڪا سرمائيداري کي بحال ڪري چڪي آهي اُهي مُلڪ جيڪي هڪ قومي آهن يا گهڻ قومي سيني هنڌن تي سرمائيدارانہ جمهوريت قائم آهي، يورپ ۽ ڪينيڊا ۾ علحيدگي گهرندڙن کي ريفرنڈم وسيلي اجازت ڏني وڃي ٿي تہ اُهي جدا ٿين يا گڏجي رهن. اهو يا اهڙو عمل مارڪس ۽ اينگلس جي وقت ۾ نہ هو. هڪ تبديلي پي بہ آئي آهي لاطيني امريڪا ۾ ڪابي ڏر سان واسطو رکندڙ پارٽين چونڊون کٽي اُتي سڌارا آڻڻ شروع ڪيا آهن. سرمائيداري نظام ۽ سامراج انهن کي برادشت ڪيو ڪري اڳي سامراج پنهنجي مفاد ۾ مذهبي رجعتي ڏرين کي مدد ڏيو ڪري هاڻ انهن جي خلاف ٿي پيو آهي. هي جيڪو ڪجهہ مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون سو انهي ڪري تہ جيئن سمجهي سگهجي تہ 1924ع کان پوءِ ڪيتريون حالتون تبديل ٿيون آهن. مارڪسي فلسفو ڪو عقيدو نہ آهي جنهن کي جيئن

جو تيئن مجڪي هي هڪ سائنس آهي جنهن ۾ واڌ ويجهه ٿيندي رهڻ گهرجي مارڪسزم ۽ سرمائيداري نظام ۾ معاشي مسئلي تي بنيادي اختلاف آهي. پر مارڪسزم کي اڃوڪين حالتن ۾ ڪيئن ڪتب آڻڻجي اُنهي تي مارڪسزم خاموش آهي. لينن ازم بہ خاموش آهي. چيني فڪر بہ خاموش آهي اُتي ٽراٽسڪائٽ وڏا وڏا حوالا ڏيئي خوش فهمي جي افيم ۾ غلطان آهن. مارڪس، اينگلس ۽ لينن جي طريقي موجب ڪابہ مارڪسٽ لييننسٽ ۽ مائو سٽ انٽرنيشنل نہ آهي اُتي وري ٽراٽسڪائيٽن جون ڪيتريون ئي نالي ۾ انٽرنيشنلسٽ آهن پر انهن جو سڄو زور پڙهڻ لکڻ ۽ بحث مباحثن ۾ آهي ۽ تنقيدون ڪرڻ تي آهي الزام بازي تي آهي۽ اُهي ٽراٽسڪائيٽ بي عمل آرام پسند فوٽو سيشن وارا پورهيت عوام کان پري ۽ ڪتيل آهن. اُتي ڪجهه فرد وري مارڪسزم لينن ازم کي عقيدو سمجهي اُنهي کي جيئن جو تيئن عمل ۾ آڻڻ جو سوچين ٿا. ڪين انهي جو ڪو فڪر نہ آهي تہ سوويت نظام ڇو ناڪام ٿيو. يا چيني ڪميونسٽ پارٽي اقتدار ۾ هوندي بہ سرمائيداري ڇو ٿي بحال ڪري دنيا ۾ ملٽي نيشنل ڪمپنين جو غلبو ٿي ويو آهي. ڪا انٽرنيشنل نہ آهي. سرمائيدرانہ جمهوريت ۾ پرولتاريہ آمريت ڪيئن نافظ ڪبي. يا انقلاب جو ڪهڙو طريقو عمل ۾ آڻبو يا يورپ ۾ ڇو نٿو انقلاب برپا ٿئي ياد رهي تہ اُتي ڪميونسٽ پارٽيون ڪم ڪري رهيون آهن. اليڪشن ۾ بيهن ٿيون، حڪومتن ۾ اتحاد طور شريڪ ٿين ٿيون خود هندستان ۽ نيپال ۾ بہ ساڳيون عمل جاري آهي اُهي ملڪ جيڪي گهڻ قومي ملڪ آهن جتي ظالم ۽ مظلوم قومون آهن اُتي ڪيئن ڪم ڪجي. رياست کي توڙڻ جي مارڪسي نظريئي کي ڪيئن عمل ۾ آڻجي ٻيا بہ ڪيترائي مسئلا

آهن جيڪي اڃوڪين حالتن پيدا ڪيا آهن انهن کي ڪيئن حل ڪجي ٻيو هڪ اهم مسئلو پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ آهي.

پاڪستان جيڪو ننڍي کنڊ کي ورهائي سامراجي مفاد ۾ ملڪ ٺهرايو ويو ٻيا ب ڪيترائي ملڪ سامراجي مفاد ۾ قومن کي ورهائي ٺهرايا ويا اُتي ڪيئن ڪم ڪجي مثال طور پاڪستان کي مارڪسي، لينني نظريئي موجب ڪيئن تسليم ڪجي؟ اهڙو ملڪ جيڪو مذهب جي بنياد تي سامراج ٺهرايو هجي. درست ٿي سگهي ٿو ته پوءِ جيڪڏهن بلوچستان ۽ سنڌ کي ڪو سامراجي ملڪ آزاد ڪرائي ٿو ته ڪيئن غلط ٿيندو؟ جڏهن ته پاڪستان کي مذهب جي بنياد تي بنگال، پنجاب، ڪشمير، پٺاڻ ۽ بلوچ قوم کي ورهايو ويو. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان کي مذهب جي ابتڙ قوم جي بنياد تي پاڪستان کان آزاد ڪرايو وڃي ٿو ته ڇو غلط ٿيندو؟

هڪ صورت ۾ اهو غلط ٿي سگهي ٿو جڏهن پاڪستان ۾ سوويت روس وانگر سوشلسٽ نظام هجي يا پاڪستان ۾ هڪ طاقتور سوشلسٽ تحريڪ هلندڙ هجي يا پاڪستان يورپ يا ڪينيڊا وانگر سرمائيدارانہ جمهوري ملڪ هجي اها صورتحال هتي بلڪل ناهي. هتي پاڪستان جي نالي ۾ عالمي سامراجي مفاد آهن پاڪستان ۾ سوشلسٽ انقلاب لاءِ ضروري آهي ته پنجاب ۾ سوشلسٽ تحريڪ هجي جيڪا پاڪستاني حڪمرانن جي شڪست لاءِ جدوجهد ڪندڙ هجي. جيڪا مظلوم قومن جي آزادي لاءِ وڙهندڙ هجي. پر هتي پنجاب ۾ پاڪستانيت واري قوم پرستي آهي جيڪا هندو ۽ هندستان دشمنيَ تي ٻڌل آهي پاڪستان جي قوم پرستي انتهائي رجعت پرست قوم پرستي آهي. جڏهن ته سنڌ ۽ بلوچستان جي قوم

پرستي، لينن ۾ استالن موجب ترقي پسند آهي. اُتي اسان کي مارڪسي ۾ لينني سوچ کي اڳيان رکندي ڏسڻو پوندو اچو تہ ڏسون اُهي ڇا ٿا چون.

"مزدورن کي هڪ ڏينهن لازمي طور تي سياسي طاقت تي قبضو ڪرڻو پوندو... انهي جي هي معنيٰ هرگز نہ آهي تہ پنهنجي منزل تي پهچڻ لاءِ هر ملڪ کي ساڳيو ئي رستو وٺڻو پوندو. مختلف ملڪن جي مختلف ادارن مختلف روايتن مختلف عادتن ۾ خصلتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي... ڪائوتسڪي جي ڪتاب

"پرولتاري آمريت ۾ لکيل مارڪس جي تقرير جو حوالو.

"جنهن ڏينهن پولينڊ روس کان آزاد ٿيندو روس جي موجوده نظام کي ڌاهي پٽ ڪرڻ جي تحريڪ خود روس ۾ طاقتور ٿيندي پولينڊ جي آزادي ۾ روس ۾ انقلاب هڪ ٻئي لاءِ لازمي آهن" اينگلس 1874ع

"يورپي قومن جو پر خلوص بين الاقوامي اتحاد صرف تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. جڏهن اُهي سڀ قومون پنهنجي علاقي ۾ مڪمل خود مختيار هجُن. (اينگلس 1892ع مينيفيسٽو جو پولش مهاڳ)

"هر قوم جي اتحاد ۾ خود مختياري بحال ڪرڻ کان سواءِ پرولتاريہ جو بين الاقوامي اتحاد ناممڪن آهي" اينگلس 1893ع مينيفيسٽو جو مهاڳ.

"قوم پرستي هڪ سماجي تاريخ جو اهو مرحلو آهي، جيڪو مخصوص اقتصادي حالتن پيدا ٿيڻ ڪري وجود ۾ اچي ٿو ۽ اُهي مخصوص اقتصادي حالتون قوم جي تشڪيل ڪن ٿيون. (لينن)

سڀني سماجي تبديلين ۽ سياسي انقلابن جا سبب نہ تہ انسانن جي دماغ ۾ ئي ملي سگهن ٿا ۽ نہ ابدي انصاف ۽ "سچائي" لاءِ

سندس وڏندڙ عمل ۾ شعور ۾ ڪولي سگهجن ٿا. اُهي ته رڳو پيداوار ۾ مٽا سٽا جي طريقن جي تبديلين ۾ ئي ملي سگهن ٿا ٻيو ڪٽي ٻه نه انهي ڪري انهن سببن کي انهي زماني جي فلسفي ۾ نه پر انهي وقت جي اقتصاديات (معيشت) ۾ ڪولڻ گهرجي... اينگلس اينٽي ڊيورنگ، اوسر ۾ وڏندڙ سرمائيداري ۾ قومي مسئلي جي سلسلي ۾ به تاريخي لاڙا ملن ٿا. پهريون: قومي زندگي ۾ قومي تحريڪن جو اُپار سموري ظلم ۾ جبر جي خلاف جدوجهد، قومي رياستن جو جنم ٻيو قومن جي وچ ۾ هر طرح جي ميل جول ۾ ترقي ۾ تيزي ۾ قومي ديوارن جو ڀڃڻ / ڀڄڻ، سرمائي جو بين الاقوامي اتحاد عام طرح تي اقتصادي زندگي جو، سياستن جو، سائنس وغيره جو اتحاد ٻئي لاڙا سرمائيداري جا عالم گير قانون آهن، ترقي جي شروع ۾ پهريون لاڙو غالب رهي ٿو ٻيو لاڙو پڪي ۾ پرپور سرمائيداري جي خاصيت آهي جيڪا سوشلسٽ سماج ۾ بدلجڻ جي منزل ڏانهن هلندڙ آهي. مارڪسي پنهنجي قومي پروگرام ۾ پنهين لاڙن کي اڳيان رکن ٿا.." لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ۾ قومن جو حق خودارادیت صفحہ نمبر 15 سيڪشن پهرين ته اُهو ته سرمائيداري جي پنهين دورن جي وچ ۾ صاف صاف امتيازي ليڪو ڪڍڻ گهرجي جيستائين جو قومي تحريڪن جو تعلق آهي ٻئي دور هڪ ٻئي کان بنيادي طور تي مختلف آهن. هڪ پاسي ته جاگيرداري ۾ بادشاهت جي ڀڃڻ ۾ منجڻ جو دور آهي سرمائيدار جمهوري سماج ۾ رياست جي ٺهڻ ۾ اوسر جو دور آهي، جڏهن قومي تحريڪون پهرين دفع عام تحريڪن جو روپ اختيار ڪن ٿيون ۾ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اخبارن وسيلي، نمائيندا ادارن ۾ شرڪت وغيره جي ذريعي آبادي جي سڀني طبقن کي سياست ۾ ڇڪي آڻين ٿيون. ٻي طرف،

اسان جي اڳيان مڪمل طرح ترقي يافته سرمائيدار رياستن جو دور آهي، قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو لينن صفحه نمبر 52 قومن.جي خودارادیت جي لحاظ کان ملڪن جا ٽي قسم انهي لحاظ کان، ملڪن کي ٽلهي ليکي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو! پهرين قسم اولهه يورپ جا ترقي يافته سرمائيدار ملڪ ۽ امريڪا انهن ملڪن ۾ بورجوا ترقي پسند قومي تحريڪون تمام اڳي ختم ٿي ويون. انهن سيني "وڏين، قومن مان هر قوم بينڪن ۾ ۽ خود پنهنجي ملڪ ۾ بين قومن کي ظلم ۽ محڪومي. جو شڪار ڪن ٿيون. انهن حڪمران قومن جي پرولتاريه جا فرض اُهي آهن جيڪي اوڻيهين صدي ۾ آئرلينڊ جي سلسلي ۾ برطانيه جي پرولتاريه جا فرض هئا". مارڪس خط ۽ لکڻيون انگريزي صفحه نمبر 230 اُهي فرض هي هئا ته "آئرلينڊ انگريز جاگيرداري جو ڳڙهه آهي جيڪڏهن انهي کي آئرلينڊ ۾ شڪست ملي ته انگلينڊ ۾ به ٽيندي. آئرلينڊ ۾ اُها وڏيڪ آسان اُنهي لاءِ آهي ته هتي معاشي جدوجهد زرعي ملڪيت تي ٽڪي پئي. انهي سان گڏ اُها جدوجهد قومي آزادي لاءِ به ٽڪي پئي ۽ عوام انگلينڊ جي مقابلي ۾ وڏيڪ انقلابي ۽ مشتعل آهن.. (انهي لاءِ) موجود زبردستي ناهيل يونين کي توڙي ڇڏجي. انهيءَ کان سواءِ انگريز پورهيت طبقي جي آزادي ناممڪن آهي، مارڪس جو خط بحوالو قومي سوال ۽ بين الاقواميت صفحه نمبر 50,51 جيڪڏهن انگلينڊ يورپي سرمائيداريَ ۽ جاگيرداري جو ڳڙهه آهي ته آئرلينڊ ٽي هڪ اهڙي جڳهه آهي جتي انهي تي ڪارائتو ڏڪ لڳي سگهي ٿو"، مارڪس

ٻيو قسم، اوير يورپ : آسٽريا، بلقان ۽ خاص طرح تي روس هتي 20 صدي ٽي ۾ خاص طرح تي بورجوا جمهوري تحريڪون وڏيون

۽ قومي جدوجهد تيز ٿي انهن ملڪن جي بورجوا جمهوري نئين جڙت جي تڪميل جي لحاظ کان ۽ گڏوگڏ ٻين ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلاب جي مدد ڪرڻ جي لحاظ کان صفحہ 129 لينن قومي سوال

ٽيون قسم. نيم بينڪي ملڪ جيئن چين، ايران، ترڪي ۽ سيئي ڪالونيون جن جي مجموعي آبادي هڪ ارب تائين آهي. انهن ملڪن ۾ بورجوا جمهوري تحريڪون اڃان مشڪل سان شروع ٿيون آهن يا تڪميل جي منزل کان گهڻو پري آهن. سوشلسٽن کي گهر جي ته نه رڳو ڪالونين جي بغير معاوضي غير مشروط ۽ فوري آزادي جو مطالبو ڪن (۽ هن مطالبي جو سياسي مطلب انهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٿيندو ته حق خودارادیت کي مڃيو وڃي) پر انهن کي گهر جي ته انهن ملڪن ۾ قومي آزادي جي بورجوا جمهوري تحريڪن ۾ وڌيڪ انقلابي عنصرن جي جمي حمايت ڪن ۽ انهن کي ظلم ۽ محڪومي جو شڪار ڪندڙ سامراجي طاقتن جي خلاف انهن جي بغاوت ۾ جيڪڏهن ضرورت پوي ته انهن جي انقلابي جنگ ۾ مدد ڏين" لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 129 "اوپر يورپ ۽ ايشيا ۾ بورجوا جمهوري انقلابن جو دور صرف 1905ع ۾ شروع ٿيو. روس، ايران ترڪي ۽ چين ۾ انقلاب، بلقان ۾ جنگون اهي آهن اسانجي "اوپر" ۾ اسانجي دور جا عالمگير اهميت جا سلسلا واقعن جي انهي زنجير ۾ بورجوا جمهوري تحريڪن جي هڪ سڃڻ سازن سلسلن جو اُپار قومي طور تي خودمختيار ۽ قومي طور تي متحد رياستن جي قيام جي خواهش جي سڃاڻي ڏسڻ ۾ جيڪو ناڪام ٿي وڃي اهو ڪوانڊو ئي هوندو. لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 58 مٿين مارڪسي ۽ لينني حوالن سان اِها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي ته پاڪستان

ارتقا جي نتيجي ۾ يا يورپ جي سرمائيدارانہ انقلاب جي صورت ۾ وجود ۾ نہ آيو هو پر سامراجي سازشن ۾ قومن کي ورهائي شامل ڪيو ويو هو ۽ اهو سامراج لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ چوڪي ۽ مورچو آهي هتان جي حڪمرانن جي دشمني هندستان ۽ هندن سان آهي، وٽس ايٽم بم آهي هن ملڪ 1948ع ۾ ڪشمير ۽ بلوچستان تي چڙهائي ڪئي ۽ قبضو ڪيو. سرحد (پختون خواه) جي چونڊيل حڪومت کي ڌاهي پنهنجي پٺو حڪومت قائم ڪري هٿ نات وسيلي ريفرنڈم ڪرائي پاڪستان ۾ شامل ڪيو. بنگالي سميت هتي ڳالهائجندڙ هولين کي ختم ڪرڻ جي زبردستي ڪئي ويئي. هڪ مخصوص باهرين هولي کي زوري مڙهيو ويو پنجاب کي فاعدي ڏيڻ لاءِ اُتي خشڪ بندرگاهون قائم ڪيون ويون. سمنڊ سنڊ ۽ بلوچستان سان لڳي ٿو پر ساموندي فوج جو هيڊ ڪواٽر اسلام آباد ۾ آهي. ساڳي ريت واپڊا جو هيڊڪواٽر لاهور ۾ رکيو ويو آهي. معاشي ۽ سياسي ظلم ۽ جبر جيڪري مظلوم قومن بنگالين، سنڌين، پناٽن ۽ بلوچن ۾ قومي سجاڳي پيدا ٿي ۽ اُهي انهن ظلم ۽ جبر جي خلاف احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو. جئي بنگلہ ۽ جيئي سنڌ جا نعرا انهي ظلم جي خلاف احتجاج هئا. قومي جبر جي خلاف وڙهندي بہ مظلوم قومن پاڪستان ۾ سرمائيدارانہ جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد کي جاري رکيو. ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ پهريون دفعو سرمائيدارانہ جمهوريت لاءِ چونڊون ٿيون جن ۾ حڪمران ڏر جون اسلام پرست، ۽ پاڪستان پرست پارٽيون ميسار جي ويون. سڄي پاڪستان ۾ سيڪولر ۽ قوم پرست پارٽيون کٽي ويون. اها ڳالهہ پاڪستاني حڪمرانن کي پسند نہ آئي تہ هتي جمهوريت قائم ٿئي ڇو تہ انهيءَ سان سڀ کان وڌيڪ

نقصان پنجاب کي ٽيڻو هو. نتيجي ۾ جيڪو ڪجھ بنگال سان ٿيو اهو تاريخ جو بدترين ۽ سياھ واقعو آهي بنگال جي آزادي ۽ پاڪستاني حڪمرانن جي شڪست سان باقي بچيل ملڪ ۾ سرمائيدارانہ جمهوريت قائم ٿي. پر جلد ئي پاڪستاني استيبلشمنٽ بلوچستان جي صوبائي حڪومت کي برطرف ڪرائي ڇڏيو ۽ بلوچستان تي وري چڙھائي ڪري بنگال جي شڪست جو بدلو بلوچ عوام کان ورتو اڳتي هلي پاڪستاني فوج سول حڪومت کي هٽائي وري ملڪ تي سڌو قبضو ڪري ورتو ۽ سنڌ سان واسطو رکندڙ وزير اعظم کي هڪ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسي ڏيئي ڇڏي ۽ پوءِ لڳاتار 10 سال سنڌ ۾ ڪهرام متل رهيو. انهي عرصي ۾ سنڌ جي عوام کي فوج قتل ڪندي رهي، گرفتار ڪري ڪوڙا هٽندي جيل ۾ ڇڏيا ۽ ڪيترن کي ڦاسي تي چاڙهيو ويو. لکين ڪوڙا کائيندي سنڌ جي عوام وري جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد کي جاري رکيو. انهي عرصي دوران پاڪستاني فوج ۽ پاڪستاني رجعتي ڏريون امريڪي سامراج جي هُشي تي افغان ثور انقلاب کي ختم ڪري دين ۽ دنيا جو لاپ حاصل ڪيو. عالمي سامراج امريڪا جي ڪم نڪري وڃڻ کان پوءِ ضياءِ آمر جو خاتمو ڪيو ويو. پر پوءِ بہ سنڌ ۾ ٻولي جي بنياد تي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ فساد ڪرايا ويا. سنڌ جي جمهوري جدوجهد کان ڊڄي حڪمران پاڪستاني استيبلشمنٽ سنڌ ۾ ٻولي جي بنياد تي دهشتگرد تنظيمون جوڙايون ۽ ڏاڙيل فيڪٽر کي تمام گھٽو مضبوط ڪندي قبيلائي ويڙھ کي وڌايو ۽ سنڌ جا اهم شهر ڪراچي حيدرآباد، ميرپورخاص، نوابشاھ ۽ سکر ٻولي جي بنياد تي ٺهيل MQM جي دهشتگردن حوالي ڪيا ويا. جن ڪراچي ۾ رت وهايو ۽

پوري بندلاشن جو سلسلو شروع ڪيو. اهڙي ريت سنڌ دهشت گردن، ڏاڙيلن ۽ قبيلائي جهڳڙن ۽ فساد جي حوالي ڪئي ويئي. اها سنڌ جي عوام کي جمهوري هلچل هلائڻ جي سزا هئي پر پوءِ به سنڌ ۽ بلوچستان پنهنجي جدوجهد جيڪا قومي جهموري رخ اختيار ڪري چڪي هئي جاري رکي. ڪالاباغ ڊيم پنو عاقل ڇاوڻي ۽ بين قومي مسئلن تي سنڌ ۾ هلچل جاري رهي انهي ۾ ميوزيڪل چيئر وانگر بن ايڊائي سالن جي واري وٽي سان سول حڪومتون قائم ٿينديون رهيون پر گهٽو عرصو پوءِ به فوج اقتدار ۾ رهي انهي عرصي دوران سنڌ ۽ بلوچستان کي مفتوح علاقي وانگر سمجهي پاڪستاني حڪمران حڪمراني ڪندا رهيا. پر پوءِ به مزاحمت جاري رهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سنڌ جي عوام اُتي سنڌ پنجاب جي سرحد تي ڪمون شهيد وٽ تاريخي ڏڙٽو هنيو ۽ حڪمرانن کي ڪالاباغ ڊيم تان هٽ ڪٽايو. انهي عرصي دوران بلوچستان تي فوجي چڙهائي ڪئي وئي. اُتي بمباري ڪئي ويئي اُتان جي عوام ۽ انهن جي اڳواڻن کي قتل ڪيو ويو وري جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد شروع ٿي ڪراچي ۾ تاريخي جلسو ٿيو جتي 30 لک ماڻهو اچي ڪنا ٿيا هئا اُتي بم بلاسٽ ڪري پاڪستاني حڪمرانن ڏيڍ سو کان مٿي ماڻهو ماري 500 کان وڌيڪ زخمي ڪري ڇڏيا ۽ حڪمران اهو چتاءِ ۽ ڏمڪيون ڏيندا رهيا ته عوام جي موبلائيزيشن نه ڪئي وڃي پر سنڌ سان واسطو رکندڙ بينظير ڏمڪين کان نه ڊڄندي موبلائيزيشن جاري رکي. انهي جمهوري هلچل جي قيادت کي راولپنڊي ۾ نيٺ قتل ڪيو ويو رد عمل ۾ سنڌ ۾ باهه لڳي ويئي لاڳيتو 3 ڏينهن پاڪستاني رياست گم ٿي وئي. سنڌ جي عوام ڪاوڙ ۽ غم ۾ پاڪستاني حڪمرانن جي پارٽين کي ڏينهن

۾ تارا ڏيکاري ڇڏيا. انهي هلچل کي پولي جي فسادن ۾ اُلجهائڻ جي هر ممڪن کوشش ڪئي ويئي پر اُها ڪامياب نه ٿي سگهي. انهن ڏينهن ۾ هڪ بي تحريڪ به شروع ڪرائي ويئي. جيڪا عدالت جي بحالي جي نالي سان شروع ٿي. بهرحال سنڌ جي عوام جي ۽ اُتان جي قيادت جي قربانين جي نتيجي ۾ جمهوريت بحال ڪئي ويئي. پر انهي جي شڪل ۽ صورت اهڙي ترتيب ڏني ويئي. جو پنجاب ۽ ڪراچي وري به پاڪستاني حڪمرانن جي هٿ ۾ رهي. انهي جمهوري حڪومت جنهن جي قيادت سنڌ سان واسطو رکندڙ هئي ڏي قابو ۾ رکڻ لاءِ پنجاب کي استعمال ڪيو ويو اهو پنجاب جيڪو اڳي هڪ هزار ماڻهو مس ٿي گڏ ڪري سگهيو. فوج ۽ پوليس جي سات سان اهو لک ماڻهو گڏ ڪري احتجاج ڪرڻ لڳو. اهو سلسلو اڃان جاري آهي انهي ۾ اسان ڏسون ٿا ته قادر پور گيس جي نجڪاري تي سنڌ جو عوام اُٿي ڪڙو ٿيو ۽ حڪمرانن کي پوئتي هٽڻو پيو. پهريون دفعو ڪراچي ۾ لکين سنڌي گڏ ٿي ويا ۽ احتجاج ڪيو. N.F.C تي سنڌ جي عوام پرپور احتجاج ڪيو. سنڌ جي ثقافت تي ٽيل حملي جي رد عمل ۾ سڄي سنڌ اُٿي ڪڙي ٿي نه رڳو سنڌ پر سڄي دنيا ۾ رهندڙ سنڌين گڏجي رد عمل ڏيکاريو. انهي کان اڳ ڪراچي جي بيٽن جي نجڪاري تي به سنڌ جي احتجاج تي حڪمرانن کي پوئتي هٽڻو پيو هو ۽ سڀا تي پناڻن جي اچڻ جي خلاف به سنڌ جي عوام احتجاج ڪري کين هتي اچڻ کان روڪي ڇڏيو. هي سڀ ڳالهيون واضح ٿيون ڪن ته پاڪستان ۾ سرمائيدارانه جمهوريت به هتان جي حڪمرانن کي قبول نه آهي ته پوءِ ڪيئن گڏجي رهي سگهجي ٿو؟

سنڌ لينن جي چواڻي موجب سرمائيداري جي پهرين لاڙي ۾ آهي. جتي قومي زندگي ۾ قومي تحريڪن جو اُڀار آهي، جنهن ۾ سموري ظلم ۽ جبر جي خلاف جدوجهد ۽ قومي رياستن جو جنم. سنڌ جي قومي رياست جو جنم تاريخي اوسر جي بنياد تي هڪ ترقي پسند عمل آهي. جيڪو اهو نڏو مڃي اهو لينن جو مخالف جدليات جو انڪاري ۽سامراجين جو ساٿاري آهي. سنڌ جي قومي رياست بنجڻ سان ايشيا ۾ سامراجي چوڪيَ ڍهي پوندي جنهن وٽ اڃ بم آهي ۽ مذهبي جنونين جي پناهه گاهه آهي هن پاڪستاني رياست جي ڍهڻ سان هتي ايٽمي جنگ جو خطرو ٽري سگهي ٿو. چين ۽ ڪيوبا وانگر هتي به هڪ سماجي انقلاب برپا ٿي سگهي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ وينزويلا جهڙو نظام قائم ٿي سگهي ٿو. آخر ۾ اهو ته روزا لڪسمبرگ لينن جي اُبتڙ قومي حق خوداختياري جي مخالف هئي جنهن لاءِ لينن جو ڪتاب قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحه نمبر 46,92 کان 55,116 تائين پڙهي ڏسڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته لينن ڪيئن نه روزا جي موقف جي مخالفت ڪئي آهي. پي پاسي استالن هو جيڪو وري مها روسي بڻجي ويو هو ۽ جارجياجي قومي مسئلي تي لينن جا ساٿس سخت اختلاف ٿيا هئا. جنهن لاءِ لينن جو آخري خط گواهه آهي ۽ استالن تا تاري قوم کي سڄي روس ۾ سزا طور موڪليو هو جنهن جي نتيجي ۾ اڌ تا تاري بک، مصيبتن ۾ رستي ۾ ئي مري ويا هئا. اهو استالن ئي هو جنهن پاڪستان ۽ اسرائيل جي قيام جي حمايت ڪئي هئي هندستان ۾ ڪميونسٽ پارٽي انڊيا جو اهو خط شامل آهي جيڪو هن برطانوي سرڪار کي لکيو هو جيڪو استالن جي حڪم تحت ٿيو هو جنهن ۾ قومي آزادي لاءِ وڙهندڙ جي خلاف برطانوي سامراج کي تعاون

جي پيش ڪش ڪئي ويئي آهي اُتي وري ٽراٽسڪي هو جيڪو زباني طرح اڇوڪين ٽراٽسڪاين وانگر قومي حق مڃيندي ۽ عملي طرح قومي آزادي جو مخالف هو. جنهن لاءِ لينن هن ريت چيو آهي "..انهن ماڻهن جي مقابلي ۾ جيڪي خودارادیت کي اهڙي ريت مڃين ٿا جهڙي ريت زباني طرح تي رياڪاري سان جرمني ۾ ڪائوتسڪي ۽ اسان وٽ ٽراٽسڪي ۽ مارتوف تسليم ڪن ٿا؟ لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 137 پر ڪائوتسڪي پرست رياڪاري سان خودارادیت کي تسليم ڪن ٿا. اسان وٽ روس ۾ ٽراٽسڪي ۽ مارتوف ۽ ساڳيو رستو ورتو آهي. زباني طرح ٻئي ڪائوتسڪي وانگر خودارادیت جي حق ۾ آهن ۽ عمل ۾ ٽراٽسڪي جي سلسلي ۾ (ناشي سلوا) ۾ سندس مضمون "قوم ۽ معيشت" ڏسو) اسان کي سندس اُهو ئي پراٽو ايڪليڪٽسزم (مختلف قسم جي خيالن، لاڙن ۽ نظرين کي ميڪانڪي ۽ غير اصولي طرح تي گڏائڻ، گڏو چڙڪرڻ) نظر اچي ٿو. هڪ پاسي ته معيشت قومن کي متحد ڪري ٿي ۽ ٻي پاسي، قومي ظلم ۽ جبر انهن ۾ ڏڦيڙ وجهي ٿو. نتيجو ڇا نڪتو؟ نتيجو هي آهي ته موجوده رياڪاري جو پردو نٽو ڦاٽي، پر چار ٻي جان رهي ٿو. بنيادي ۽ ضروري مسئلن کي هٿ نٽو لاڻو وجي. انهن شين کي هٿ نٽو لاڻو وجي جن جو عمل سان گهرورشتو آهي يعني "منهنجي" قوم جي هٿان ظلم ۽ ستم جو شڪار ٿيندڙ قوم ڏانهن رويو... داخلي طور تي ٽراٽسڪي ۽ مارتوف جي نيٽ ڪٽي ڪيتري به "نيڪ" هجي، خارجي طور تي اُهي پهنجي پاڇ ۽ هٽڻ سان روسي سوشل سامراجيت جي حمايت ڪن ٿا" لينن 1916ع لينن جون چوند لکڻيون پنجون روسي ايڊيشن جلد 30 صفحہ نمبر 17 58 لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو قومن جو حق

خودارادیت صفحہ نمبر 186 ۽ 187 "انهيءَ ڪري ٽراٽسڪي روزا لڪسمبرگ جي ڪجهہ مداحن جي تمام ڪني / گندي خدمت ڪئي آهي جڏهن هن "بوربا" جي ايڊيٽرن طرفان "بوربا" جي شماري 2 (مارچ 1914ع) ۾ هي چيو "...پولش مارڪسين جي نظر ۾ قومي حق خوداريت" سياسي مغز کان بلڪل خالي آهي ۽ انهيءَ کي پروگرام مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي (صفحہ 25) هي ڪرم فرما ٽراٽسڪي دشمن کان وڌيڪ خطرناڪ آهن! روزا لڪسمبرگ جيڪو ڪجهہ لکي ٿي، سندس هڪ هڪ مضمون جي حامين جي زمري ۾ ٽراٽسڪي عام طور تي "پولش مارڪسين" کي شامل ڪري ورتو ۽ انهيءَ جي ثبوت ۾ نجي ڳالهہ ٻولهہ (يعني رڳو گپ شپ جيڪا سدائين ٽراٽسڪي جو سهارو رهي آهي) کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ثبوت پيش نہ ڪيو آهي.

ٽراٽسڪي "پولش مارڪسين" کي اهڙن ماڻهن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي جيڪي بي عزت ۽ بيضمير ماڻهو آهن، جيڪي خود پنهنجي عقيدن ۽ پارٽي جي پروگرام جو احترام ڪرڻ جي اهميت بہ نٿا رکن. ڪرم فرما ٽراٽسڪي!

ٽراٽسڪي پنهنجي رسالي ۾ پڙهڻ وارن کان اهي حقيقتون لڪايون ڇو؟

رڳو انهي لاءِ تہ انسداد پسندي جي پولش ۽ روسي حريفن جي وچ ۾ اختلافن کي وڌائڻ جي سلسلي ۾ خيالي گهوڙا ڊوڙائڻ ۽ پروگرام جي سوال تي روسي مزدورن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ ۾ فائدو ئي فائدو آهي. هاڻي تائين مارڪسزم جي ڪنهن بہ اهم سوال تي ٽراٽسڪي جمي مضبوطي سان پنهنجي راءِ جو اظهار نہ ڪيو آهي. اهو سدائين ڪنهن نہ ڪنهن طرح اختلاف راءِ جي صورت ۾ "ٻين جي ڪڍي ۾ پير

وجهي ٿو". ڪڏهن هڪ فريق کي ڏوکو ڏيو وڃي ڪڏهن ٻئي کي، لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو قومن جو حق خودارادیت صفحہ نمبر 107,108 هتي پاڪستاني تراتسڪائيٽ بہ ساڳيو رويو رکن ٿا. مارڪس، اينگلس ۽ لينن جي لکڻين کي توڙي مروڙي پنهنجي پسند جون معنائون ۽ تشريحون ڪن ٿا. قومي سوال تي سندن ڪتاب انهي جا چٽا مثال آهن. مثال طور هو اِها ڳالهہ بار بار ورجائين ٿا تہ "سرمائيداري ۾ قومي مسئلو حل ٿي نٿو سگهي انهي ڪري سوشلسٽ انقلاب تائين مظلوم ۽ مجبور قومون ظالم ۽ جابر قومن جي قبضي ۾ رهن "ڇو تہ اُهي مظلوم قومون سندن "قوم" جي جبر ۾ آهن پر ڪشمير تي سندن راءِ بلڪل ابتڙ هوندي اُتي اُهي I.S.I جي حمايت ڪندي نظر اچن ٿا. ان لاءِ اسان لينن کي ڏسون ٿا تہ هو ڇا ٿو چوي اُها انهي کان گهٽ خطرناڪ غلطي نہ هوندي تہ جمهوري پروگرام جي ڪجهہ نقطن مان هڪ کي، مثال قومن جي خود ارادیت جي نقطي کي انهي ڪري ڪڍي ڇڏجي تہ اهو سامراج هوندي "ناممڪن" يا "خيالي پلاءَ" آهي قومن جو حق خو ارادیت سرمائيداري جي اندر حاصل نٿو ڪري سگهجي. هن دعوي کي يا تہ قطعي اقتصادي مفهوم ۾ وٺڻ گهرجي يا مشروط سياسي مفهوم ۾ پهرين صورت ۾ اها دعوي نظرياتي حيثيت سان بنيادي طرح تي غلط آهي. پهرين هن معنيٰ ۾ سرمائيداري ۾ پوڙهي جي معاوضي جي رسيد (ڪوپن) يا بحران جو خاتمو وغيره نا ممڪن آهي. پر هي دليل پيش ڪرڻ يڪسر غلط آهي تہ اهڙي طرح قومن جي خود ارادیت بہ ناممڪن آهي. ٻيو 1905ع ۾ سويڊن کان ناروي جي علحيدگي جي هڪ مثال بہ هن مفهوم ۾ "ناممڪن" هجڻ جي دليل جي تردید ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. مثال طور جرمني ۽

انگلستان جي رشتن ۾ تبديلي. نئين رياستن جو قيام پولش، هندستاني رياستن وغيره جو قيام اڃ نہ تہ سياڻي "ممڪن" ڪري سگھي ٿي.. سيئي انقلابي سوشل ڊيموڪريٽ بينڪن کي فورن آزاد ڪرڻ جو جيڪو مطالبو پيش ڪن ٿا اهو به سرمائيداري جي ڇانو ۾ انقلابن جي هڪ سڃي سلسلي کان سواءِ ناقابل حصول آهي. پر انهي جو مطلب هر گز هي نٿو ٿئي تہ سوشل ڊيموڪريٽ انهن سيني مطالبن جي لاءِ فوري ۽ فيصلاڪتي جدوجهد کان پري رهن. انهن کان پري رهڻ رڳو بورجوازي ۽ رجعت جي فائدي ۾ ٿيندو. لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 119، 120 ٿي سگھي ٿو تہ هڪ سامراجي طاقت جي خلاف قومي آزادي جي جدوجهد کي ٻي "وڏي" طاقت خاص حالتن ۾ پنهنجي هڪ جهڙي سامراجي مفاد جي خاطر استعمال ڪري، انهي حقيقت جي بنياد تي سوشل ڊيموڪريٽ قومن جي حق خودارادیت کي مڃڻ کان اهڙي طرح انڪار نٿا ڪري سگھن جيئن انهي حقيقت جي باوجود جو بورجوازي ڪيترائي دفع ريپبلڪن نعرن کي سياسي فريب ۽ مالي ڦرلٽ لاءِ استعمال ڪيو آهي (جيئن لاطيني زبان وارن ملڪن ۾) پوءِ به سوشل ڊيموڪريٽن کي ريپبلڪن ازم تان هٿ کڻڻ تي مجبور نٿو ڪري سگھجي.

قومي سوال جو تنقيدي جائزو لينن صفحہ نمبر 124 "جنهن حد تائين مظلوم ۽ مجبور قوم جي بورجوازي ظالم ۽ جابر قوم سان وڙهي ٿي اسين هميشہ، هر حال ۾ ۽ سڀ کان وڌيڪ ثابت قدمي سان انهيءَ جي حق ۾ آهيون ڇو تہ اسين ظلم ۽ جبر جا ڪٽر ۽ ثابت قدم سان انهي جي حق ۾ آهيون قومي سوال جو تنقيدي جائزو لينن صفحہ نمبر 64 "مجبور ۽ مظلوم قوم جي هر بورجوا قوم پرستي ۾ هڪ عام

جمهوري مواد لڪل هوندو آهي، انهي جو رخ ظلم ۽ جبر جي خلاف هوندو آهي ۽ اهو ئي اهو مواد آهي جنهن جي حمايت اسين بناروڪ رنڊڪ جي ڪريون ٿا. لينن ساڳيو ڪتاب صفحہ نمبر65 تراتسڪائي چون ٿا تہ سرحدون ڍهڻ گهرجن چاهي ظالم قوم چو نہ مظلوم قومن جو سرحدون ڍاهي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتيون هجن. هو سرحدن جي ڍهڻ جي ڳالهہ مظلوم قومن جي آزادي کان انڪار ڪرڻ واسطي ڪن ٿا. ان لاءِ اسان هتي لينن کي پيش ڪريون ٿا "اڄ سامراج" جرمني ۽ بيلجيم جي وچ ۾ روس ۽ گليشيا جي وچ ۾ "سرحدي چوڪيون ڍاهي ڇڏيون آهن" اسان کي چيو وڃي ٿو تہ بين الاقوامي سوشل جمهوريت پسندن کي گهرجي تہ عام طور تي ڪنهن بہ شڪل ۾ انهن سرحدن جي بحالي جي مخالفت ڪن.. 1905ع "سامراجي دور ۾" جڏهن ناروي جي خود مختيار پارليامينٽ سويڊن کان ناروي جي علحيدگي جو اعلان ڪيو.. تہ انهي وقت سوشل جمهوريت پسندن کي ناروي جي علحيدگي جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ها چو تہ بنان ڪنهن شڪ جي انهي جو مطلب هو يورپ ۾ نئين سرحدي چوڪين جو قيام.. اها آهي زبردستي الحاق جي ڪليل حمايت.. ڪا بہ سوشلسٽ پارٽي اها پوزيشن اختيار نٿي ڪري سگهي.: لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 153 اهم ڳالهہ هي نہ آهي تہ سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ننڍين قومن جو هڪ ڏهائي پنجاهہ يا هڪ ڏهائي سؤ حصو آزاد ٿيندو يا نہ. اهم ڳالهہ هي حقيقت آهي تہ سامراج جي دور ۾ خارجي سبب جيڪري پرولتاريہ پن بين الاقوامي حصن ۾ ورهائجي ويو آهي. هڪ حصي تہ حڪمران قومن جي بورجوازيَ جي دسترخوان جو اُباريل لبيل کائي پاڻ کي

زهريلو ڪري ورتو آهي انهي مال غنيمت جو اُباريل لُٻيل جيڪو حڪمران قوم جو بورجوازي ننڍين قومن جي ٻيٽي ٽيٽي قرلت مان قري ٿو" لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر166 اجوڪين حالتن ۾ اسرائيل، شام، اردن ۽ فلسطين جي علاقن تي قبضو ڪري اُتي سرحدي چوڪيون ڌاهي ڇڏيون آهن يا لبنان جي ڪجھ علاقن تي قبضو ڪري ورتو آهي تہ ڇا اُتي اُهي سرحدي چوڪيون بحال نہ ٽيڙ گھرجن؟ اُتي اسرائيل جو قبضو رھڻ ڏجي؟ هندستان ۽ پاڪستان ڪشمير کي ورهائي قبضو ڪري ورتو آهي تہ ھاڻ ڪشمير جون سرحدي چوڪيون بحال نہ ٽيڙ گھرجن؟ پاڪستان جي صورت ۾ پختونن ۽ بلوچن کي مختلف ملڪن ۾ ورهائي رکيو ويو آهي تہ ڇا انهن پختونن ۽ بلوچن جون قبضيگيري هيٺ آيل زوري مڙهيل زوري ڌاڙل سرحدي چوڪين کي جيئن جو تيئن رھڻ ڏجي؟ رھڻ ڏجي جو سڏو سئون مطلب قومن جي حق خودارادیت کان انڪار ۽ والارڪيل ملڪن جي جبر ۽ ظلم جي حمايت آهي پاڪستان ۾ ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ پنجاب بهاول پور ۽ ماڇڪو تي قبضو ڪيو ويٺو آهي تہ ڇا انهي قبضي کي جيئن جو تيئن رھڻ ڏنو ويڃي يا اُهي جبر سان ڌاڙل سرحدي چوڪين کي بحال نہ ڪجي؟ مارڪس ۽ لينن تہ اهڙي صورتحال ۾ ڌاڙل سرحدي چوڪين جي بحالي جي حمايت ڪن ٿا. پوءِ هي ٽراٽسڪائيٽ ڇو ٿا مارڪسزم لينن ازم کي غلط نموني ۽ ڪوڙ بد وڙهڻي پيش ڪن؟ هي ٽراٽسڪائيٽ ايران ۾ ٽيندڙ چند گرفتارين تي تہ احتجاج ڪن ٿا پر سندّ ۽ بلوچستان يا پختون خواھ ۾ ٽيندڙ پاڪستاني ظلم، جبر ۽ بمباري ۽ قتل تي اگر مگر سردار، قوم پرست ۽ قوم پرستي جو جواز ڄاڻائي خاموش رهن ٿا. جنهن جو سڏو

سئون مطلب ۽ سندن "پنهنجي قوم جي ظلم تي خاموش رهڻ ۽ انهن جي ظلم ۽ جبر جي حمايت ڪرڻ آهي جيڪڏهن سنڌ، بلوچستان وغيره ۾ پاڪستاني رياست جبر ٿي ڪري ته سنڌ بلوچستان کي احتجاج نه ڪرڻ گهرجي ڇا؟ بلوچستان ۾ پاڪستاني رياست ڪيترن بلوچ اڳواڻن سميت سندين ۽ بلوچ عوام کي قتل ڪيو آهي گرفتار ڪيو آهي پر هي تراتسڪائيٽ نڪ جي پکائي سان چوندا رهيا آهن تہ اهي سردار ۽ قوم پرست ۽ قوم پرستي لاءَ وڙهن ٿا انهي ڪري اُهي شهيد نه آهن. بلڪ اُهي امريڪا جي چوڻ تي اهو سڀ ڪجهه ڪن پيا. سنڌ ۾ ٿيندڙ ظلم تي به سندن ساڳيو موقف آهي، مطلب ته پاڪستاني رياست جڙ سوشلسٽ رياست آهي ۽ امريڪي سامراج جي مخالف رياست آهي باقي بلوچ ۽ سنڌي قوم پرست امريڪا جا حمائتي آهن. پاڪستاني رياست قومن جو قيد خانو آهي ۽ بنياد پرستي جي نرسري آهي آمريڪي سامراج جي هڪ چوڪي آهي.۽ هاڻ چين جي به سيٽو سنٽو ۽ نيٽو وسيلي سامراج لاءِ ڪتب ايندڙ رياست آهي. جيڪڏهن انهي چوڪي جي خلاف هتان جون قومون ۽ عوام وڙهن ٿا ته ڪيئن غلط آهن ۽ جيڪڏهن انهن جي ڪير مدد ڪري به ٿو ته چو مدد نه ونجي؟ رهي ڳالهه ته انهي ويڙهاند جي قيادت ڪير ٿو ڪري. چين، ويٽ نام، لاٽوس، انگولا، ڏکڻ يمن، موز بيق، گني بساو وانگر هتي انقلابي ۽ ترقي پسند يا ڪميونسٽ يا تراتسڪائيٽ اڳواڻي نه ڪندا ته مظلوم قومون ۽ عوام وينا انتظار ته نه ڪندا. ڪيوبا جو هڪ اهم مثال اسان جي اڳيان آهي. اُتان جي ڪميونسٽ پارٽي آمر بتستا جي حڪومت ۾ شامل هئي پر چي گويرا ۽ فيدرل ڪاسترو وڙهيا ۽ آمر جو تختو اونڌو ڪيو. انهن

ٽراتسڪائيٽ جي خيال جي ابتڙ ڪميونسٽن، انقلابين ۽ مزدور طبقي جو انتظار نہ ڪيو. هتي به جيڪڏهن ظلم ۽ جبر (قومي ظلم ۽ جبر به ان ۾ شامل آهي) جي خلاف ڪميونسٽ، انقلابي ۽ ٽراتسڪائيٽ وڙهندا ته اُهي ئي اڳواڻي ڪندڙ هوندا ته ان سان هڪ پاسي حقيقي طرح پورهيت بين الاقواميت ٿيندي ته ٻي پاسي مظلوم قومن جي آزادي چين ۽ ڪيوبا وغيره وانگر سماجي انقلاب ۾ تبديل ٿي ويندي. انهي ڪري ٽراتسڪائيٽ مارڪسزم، لينن ازم کي ٽوڙڻ مروڙڻ، غلط بياني ڪرڻ ۽ پاڪستاني رياست جو دفاع ڪرڻ بند ڪن. انهي ۾ ئي مارڪسزم، لينن ازم جو فائدو آهي. جيڪي مارڪسسٽ سڏائيندڙ پاڪستاني رياست جيڪا عالمي سامراج جي چوڪي آهي پاڪستان جي ناليِ ۾ پنجاب جي حاڪميت آهي. ننڍي کنڊ کي ايٽمي جنگ ڏانهن ڌڪيندڙ آهي. مظلوم قومن جو قيد خانو آهي. هتان جون مظلوم قومون تخت لاهور جون قيدي آهن کي ڌاهڙ جون مخالف آهن سي پاڻ فيصلو ڪن ته اُهي ڪنهن جي طرف آهن. سامراجي چوڪي جا سپاهي آهن يا مظلوم قومن جا ساٿاري؟ انهي ڪري مارڪسزم قومي سوال تي واضح موقف ڏي ٿو ته قومن کي آزادي جو حق آهي ۽ جيڪي ائين نٿا ڪن اُهي مها پاڪستاني ۽ شاونسٽ ۽ سامراجي ۽ وڏن سرمائيدارن جا حمايتي آهن. پاڪستاني رياست جي ڌهڙ سان پختون، بلوچ ۽ سنڌي قومون آزاد ٿي ويندیون ۽ پوءِ برابري جي بنياد تي يورپ وانگر اتحاد ٿي سگهي ٿو تنهن کان سواءِ جيڪي تاويلون ڏين ٿا ڪن ٿا سي خيال پرست آهن.

اسان وٽ ڪي دوست چون ٿا ته اهي سڀ ڳالهيون درست آهن يا گهٽي ياڳي درست آهن پر پوءِ به پاڪستان ۾ پورهيت بين

الاقواميت جي نالي ۾ سوشلزم لاءِ گڏيل جدوجهد ڪجي. اُهي دوست سوشلزم کي عقيدو سمجهي ويٺا آهن انهي ڪري اُهي دوست سوشلزم جي نالي تي پاڪستاني رياست جو بچاءُ ڪن ٿا. اُهي چون ٿا ته سوشلزم اچڻ سان مسئلا حل ٿي ويندا. کين ان جي ڪابہ پَڪتي نہ آهي ته اهو سوشلزم ايندو ڪيئن؟ ۽ گهڻ قومي ملڪ ۾ حاڪم قوم جي سوشلسٽن ۽ پورهيتن جا ڪهڙا فرض آهن سي کين ورسريو وڃن. اُهي فرض جيڪي حاڪم قوم جي پورهيتن ۽ سوشلسٽن جا آهن سي بہ مظلوم ۽ محڪوم قوم جي پورهيتن ۽ سوشلسٽن کان پورا ڪرائڻ گهرن ٿا. جڏهن ته هتي اهڙي گهر ڪرڻ يا ته مارڪسزم لينن ازم کان اڻ ڄاڻائي آهي يا حڪمران قوم ۽ انهي جي رياست جي حمايت ۽ سات ڏيڻ آهي دنيا ۾ واحد خطو روس هو جتي گهڻ قومي ملڪ ۾ گڏيل جدوجهد هلي جڏهن ته روس ۽ سندس قبضي ۾ آيل قومون هزارين سالن جي ارتقا جي صورت ۾ موجود رهيون. جڏهن ته پاڪستان ائين نہ آهي. پيو ته اُتي مها روس سان واسطو رکندڙ سوشلست ڌر ۽ اڳواڻ، زار روس، اُتان جي جاگيردارن، سرمائيدارن جي خلاف جدوجهد ڪندي مظلوم قومن جي آزادي لاءِ بہ ويڙهہ ڪئي. ڇا پاڪستان ۾ ائين ٿيو آهي ؟ يا ائين ٿي رهيو آهي؟ جواب ناڪار ۾ آهي ته پوءِ مظلوم قومون ۽ اُتان جا پورهيت ڪنهن جو انتظار ڪن ۽ ڪنهن تي پروسو ڪن؟ اچو ته ڏسون ته اهڙي صورتحال ۾ ظالم ۽ حاڪم قوم جي سوشلسٽن ۽ اُتان جي پورهيتن تي مارڪسزم لينن ازم ڪهڙا فرض ٿو عائد ڪري

قومي سوال تاريخ چا ٿي ٻڌائي

سرمائيداري انقلاب يورپ کان شروع ٿيو انهي ڪري اُتي قومي منڊيون وجود ۾ آيون. انهي سبب جيڪري اُتي قومن جو وجود به مڪمل ٿيو پر سامراجي وجود سان بينڪي نيم بينڪي ۽ جديد بينڪي نظام قائم ٿي ويو. اهي ملڪ جيڪي سامراجي مفادن لاءِ قائم ڪيا ويا اُتي جيئن ته سرمائيداري انقلاب برپا نه ٿي سگهيا ۽ اُتي محتاج سرمائيداري نظام قائم ٿيو اُتي قومي مسئلو يورپ وانگر حل نه ٿي سگهيو. انهي ۾ اُهي ملڪ جيڪي گهڻ قومي آهن ۽ اُتي محتاج سرمائيداري آهي اُتي قومي مسئلو شديد آهي مثال طور هندستان گهڻ قومي ملڪ هو ۽ ايجان به آهي اُتي ورهانگي انهي مسئلي کي حل ڪرڻ جي بجاءِ وڌيڪ منجهائي ۽ تيز ڪري ڇڏيو آهي. قومن کي مذهب جي بنياد تي ورهائي وڙهائي ڇڏيو آهي. اُتي طبقاتي جدوجهد ورهاڱي کان اڳ به موجود هئي پر طبقاتي جدوجهد گهڻ قومي ملڪ کي گڏ نه رکي سگهي انهي جا ڪيترا به سبب چو نه هجن پر طبقاتي جدوجهد انهن کي گڏ نه رکي سگهي بنگال ۾ بنگالي قوم جي ورهاست سرمائيدار جاگيردار بنگالي هندوهٿا ته وري هاري تمام وڏي گهٽائي ۾ مسلمان بنگالي هٿا. سروسز ۾ به ساڳيو حال هو. هندو وڏيڪ سروسز ۾ هٿا. جيتوٽيڪ بنگالي مزدور هندو ۽ مسلمان ٻئي هٿا پر مٽين ورهاست جيڪري اُها مذهب جي شڪل صورت اختيار ڪري ويئي ۽ نندي ڪنڊ هندستان ۾ سڀ کان پهرين ورهاست بنگالي قوم جي ٿي هئي ۽ اُها ورهاست 1947ع کان ڪيئن ڏهاڪا اڳ ٿي هئي 1905ع ۾ جيڪڏهن اهڙي طبقاتي ورڇ جيڪري هڪ قوم به اڌ ٿي وڃي ٿي

ته مختلف قومون قومي ورچ جيڪري ڪيئن گڏ هلي سگهن ٿيون؟ پاڪستان ۾ ضلع جهنگ ۾ ساڃي پولي ڳالهائيندڙ شيعه زميدار ۽ سني هارين جي ورچ مذهب جو روپ وٺي فسادن تي وڃي پهتي. اڄ کان 62_60 سال اڳ دنيا جي نقشي تي پاڪستان ۽ يوگوسلاويه موجود نه هئا. نازي جرمني جي وحشيانه تسلط جي خلاف اُتان جي ڪميونسٽ پارٽي سوويت يونين جي فوجي سات سان هٿيار بند جدوجهد وسيلي اُتان جي مذهبي فرقن ۽ قومن کي متحد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وئي ۽ هڪ نئون ملڪ يوگوسلاويه وجود ۾ آيو ۽ اُتي سوشلسٽ نظرين تي بڌل نظام قائم ڪيو ويو پر اُتي طبقاتي سماج جي خاتمي هوندي به سرب قوم جو پارٽي تي غلبو هو جنهن جي خلاف 1990ع ۾ سلوانيه جا ڪميونسٽ ان کان جدا ٿيا ۽ پنهنجي قوم جي پارٽي ٺاهڻ جو اعلان ڪيو اڳتي هلي ڪروٽ قوم سان تعلق رکندڙ کي صدر چونڊجڻ جي باوجود صدر ٿيڻ نه ڏنو ته ڇهه هفتا جهگڙي هلڻ کان پوءِ ڪروٽ ۽ سرب قومن يوگوسلاويه کان علحيده ٿيڻ جو اعلان ڪيو ۽ آخر دنيا جي نقشي تان يوگوسلاويه متجي ويو هاڻي اُتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اهو طبقاتي نظام جي خاتمي هوندي به قومون ڇو گڏ نه رهي سگهيون؟ سڌو سئون جواب آهي ته هڪ قوم جي بالادستي پوءِ اُها ڪٽي سوشلسٽ نظام رکندڙ ڇو نه هجي ٻيون قومون کير کنڊ نه ٿي سگهڻ جيڪري ڏار ٿي ويون اهو نه رڳو يوگوسلاويه ۾ ٿيو پر چيڪوسلاويه ۾ به ائين ٿيو. ڪيترو وقت سوشلسٽ نظام ۾ گڏ رهندي به طبقاتي نظام جي خاتمي هوندي به اُتان جون قومون سرب بوسينائي، ميسو ڊونيا ۽ چيڪ وغيره کير کنڊ نه ٿي سگهيون ۽ آخرڪار هڪ ٻئي جو قتل عام ڪندي ڏار ٿي ويون ۽ دنيا جي نقشي تان چيڪو

سلواڪيہ منجي ويو. ڇو تہ اُتي بہ پارٽي ۾ بہ ۽ حڪومتي ڪارونهوار ۾ بہ مخصوص قوم سان واسطو رکندڙ غالب زهيا ۽ نتيجو سيني جي اڳيان آهي اهي تہ هڪ پاسي پر سوويت روس ۾ ڇا ٿيو؟ سوويت روس ۾ ڪيترين ئي قومون شامل هيون ۽ ٿيون ۽ ڪيون ويون 70 سال اُتي سوشلسٽ نظام قائم رهيو طبقاتي نظام جو خاتمو ڪيو ويو پر نتيجو ڇا نڪتو؟ اُتي مها روسي قوم سان واسطو رکندڙ سوشلسٽ هر هنڌ تي غالب رهيا جنهن سان طبقاتي نظام جي خاتمي هوندي بہ اُتان جون قومون کير کنڊ نہ ٿي سگهيون ۽ سوويت روس ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو جنهن جي اڳ ڪٽي ڪامريڊ لينن پنهنجي آخري خط ۾ ڪري ويو هو. اهو يوڪرين جنهن لاءِ ڪامريڊ لينن چيو هو تہ "جتي مها روس کان هزارين لکين هاري ۽ مزدور اڃن پيا ۽ سرمائيدارن جي فارمن، ڪاٽين ۽ شهرن ۾ آباد ٿي رهيا آهن. انهي حد تائين مها روسي ۽ يوڪريني پرولتاريہ طبقي جو هڪ ٻئي ۾ جذب ٿيڻ جو عمل بلاشڪ هڪ حقيقت آهي ۽ اهو قطعي طور تي ترقي پسند آهي" پر تاريخ ڇا ثابت ڪيو تہ اُهو جذب ٿيڻ نہ ٿي سگهيو ۽ 70 سالن کان پوءِ مها روسي ۽ يوڪريني پرولتاريہ روسي ۽ يوڪريني ٻڌجي ويا". طبقاتي نظام جي خاتمي کان پوءِ بہ قومون ڇو موجود رهيون؟ جارجيا کي ڏسون تا اهو جارجيا جنهن بالشويڪ پارٽي کي جوزف استالن ۽ پوءِ شورناڏزي ڏنو اهو جارجيا بہ سوويت روس کان جدا ٿي ويو. ڇو؟ ڇو تہ طبقاتي نظام جي خاتمي هوندي بہ اُتي مها روسي غالب هئا. ٻين سوشلسٽ قومن تي حاوي هئا اُهي ئي حڪمران هئا مثال طور تي قزاقستان کي ڏسون تا انقلاب کان پوءِ ٻين قومن سان واسطو رکندڙ پورهيتن ۽ افسر شاهي جو نشانو ٿيا ۽ ايستائين جو قزاق پنهنجي

سوويت ريپبلڪ ۾ آبادي جو 32 سيڪڙو ٿي ويا. سندن گادي جو هنڌ الماتا قزاق شهر جي بجاءِ سنڌ جو ڪراچي بڻجي ويو. هاڻ سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جڏهن طبقاتي ظلم ۽ جبر نه هو ته پوءِ اُهي پرولتاريه بين الاقواميت جي اثر هيٺ ڇو ڪير ڪنڊ نه ٿي سگهيا؟ مطلب ته صرف طبقاتي ظلم جو خاتمو پرولتاريه کي ڪير ڪنڊ ڪرڻ لاءِ ڪافي نه آهي. انهي ۾ رسم رواج ڪلچر، بولي عقيدا ۽ رڪاوٽ هوندا آهن ۽ ڪنهن هڪ قوم جو غلبو پوءِ اُها ڇو نه ڪٽي سوشلست هجي پرولتاريه کي به ڪير ڪنڊ نٽي بنائي سگهي. وري جرمني کي ڏسون تا اوير جرمني ۾ سوشلست نظام قائم ٿيو ۽ اُتي طبقاتي نظام جو خاتمو ڪيو ويو جڏهن ته اولهه جرمني ۾ سرمائيداري نظام قائم رهيو. ڪيترائي ڏهاڪا اها ورهاست قائم رهي ۽ اوير جرمني جو پرولتاريه سرمائيداري ظلم کان آزاد رهيو پر نتيجو ڇا نڪتو؟ اوير جرمني جو سوشلست پرولتاريه سوشلزم جي عظيم مقصد پرولتاريه سوچ ۽ نظريئي تان هٽ ڪٽي سرمائيدار جرمني سان گڏجي سرمائيدار ۽ سامراجي جرمن قوم ۾ گڏجي ويو ڇو؟ هاڻ پاڪستان کي ڏسون تا. پاڪستان 62 سال اڳ دنيا جي نقشي تي موجود ڪون هو. سنڌ ۽ هند مشهور هٿا. سنڌ 1843ع تائين ڌار ملڪ رهندو پي آيو. پنجاب 14 سو سالن ۾ مٽش هڪ سو سال 1700ع کان 1845ع تائين آزاد ملڪ ٿيو. 1947ع ۾ سامراجي سازش جيڪري قومن کي مذهب جي بنياد تي ورهائي وڙهائي پاڪستان ناهيو ويو. اهو ملڪ ڪنهن انقلاب يا ارتقا جي ڪري وجود ۾ نه آيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ 25 سالن ۾ ٽٽي ويو. پاڪستان ۾ رهندڙ قومن جي پورهيتن جو ايڪو ۽ اتحاد نه ٿي سگهيو پاڪستان ۾ ڪراچي کي ڏسون تا جتي پنجابي، پناڻ، اردو ڳالهائيندڙ

ڪشميري، سرائڪي، هزاره ۽ سنڌي بلوچ پرولتاريہ ڪروڙ ڪان مٿي گڏجي ڪم ڪري ٿي. نتيجو ڇا نڪتو آهي. مذهبي تفرقو شديد آهي. پنڌ غير شيعہ آهن ۽ وهابي عقيدي سان واسطو اٽن ان ڪري شيعہ سني فساد ٿيندا رهيا. ٻي پاسي وري قومي تفرقو عروج تي آهي، ڪراچي پرولتاريہ جو شهر هوندي بہ اردو پنڌاڻن، پنجابين، بنگالين، برمين، سنڌين، ڪشميرين ۽ بلوچن جو شهر وڌيڪ آهي اُها پرولتاريہ بين الاقواميت ڇو قائم نٿي سگهي آهي؟ ڇو تہ پرولتاريہ استحصال هوندي بہ جيڪو سيني پورهيتن جو ساڻيو ٿئي ٿو. پر پولي ڪلچر مذهبي ۽ تاريخي اثر ۽ سبب ڪان وڌيڪ قومي اثر غالب ۽ حاوي آهن. انهي ڪري اهي گڏجي جدوجهد نٿا ڪن نہ ڪري سگهيا آهن، انهي جو بنيادي سبب اهو آهي تہ پاڪستان تي حاوي ۽ غالب پنجابي حڪمران سرمايدار زميندار ۽ ڪامورا شاهي آهي، پنجاب بهاول پور ۽ ماڇيڪو تي قبضو ڪري رکيو آهي، اهي حڪمران پاڪستاني شاونسٽ قوم پرستي جو شڪار آهن پاڪستان جيڪو مظلوم قومن جو قيدخانو آهي جتي مظلوم قومن کي دٻايو ۽ ڪچليو ويچي ٿو. جتي مظلوم قوم سان امتيازي سلوڪ ڪيو ويچي ٿو. انهي جو حل اهو آهي تہ لينن جي بالشويڪ پارٽي وانگر پنجاب ۾ حڪمرانن جي خلاف، سرمائيدارن، زميندارن، ڪامورا شاهي ۽ فوج جي خلاف جدوجهد منظم ۽ تيز ٿئي ساڻي طريقي تي ڪراچي ۾ بہ ٿئي تڏهن ويجي وقتي طرح هي سهي گڏيل جدوجهد ٿي سگهي ٿي. جڏهن سوشلسٽ نظام ۾ ڪيترو وقت گڏ رهندي بہ اُتان جا پورهيت گڏ نہ رهي سگهيا تہ سرمائيداري ظلم ۽ جبر ۾ مختلف قومن جا پورهيت ڪيئن گڏجي سگهن ٿا. اها خيال پرستي تہ ٿي سگهي ٿي پر سائنسي سوچ نٿي ٿي

سگهي. جيڪو عمل تاريخ جي ڪسوٽي تي پور نه لهي اهو غلط هوندو آهي ۽ غلط عمل جي پويان هلڻ ڪنهن به ريت درست نه آهي درست عمل اهو آهي ته ويت نام وانگر سامراج ۽ سرمائيدارن ۽ جاگيردارن جي خلاف قومي ۽ طبقاتي جدوجهد ڪجي.

لينن ازم کان انحراف. مظلوم قومن ۽ پورهيتن سان غداري ۽) ڊسمبر 1920ع تي لينن سامراج ۽ سرمائيداري جي خلاف اڀتي جي حڪمت عملي ۽ نظرياتي وات واضح ڪئي ته "مون تي ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڪانگريس ۾ چيو هو ته دنيا مظلوم قومن ۽ حڪمران قومن ۾ ورهايل آهي. مظلوم قومون دنيا جي گهٽ ۾ گهٽ 70 سيڪڙو آبادي تي ٻڌل آهي ورسائي جي معاهدي انهن ۾ 10 ڪروڙ يا 15 ڪروڙ ماڻهن جو واڌارو ڪيو آهي. اسين هن وقت رڳو سيني ملڪن جي مزدورن جي نمائندن جي حيثيت سان هي سرگرم نه آهيون پر مظلوم ۽ مجبور قومن جي نمائندن جي حيثيت سان به سرگرم آهيون ۽ مظلوم ۽ مجبور قومن جي نمائندن جي حيثيت سان به اڀتي وڌي رهيا آهيون. ڪميونسٽ انٽرنيشنل تازو هي هڪ رسالو "اوپرجون قومون" شايع ڪيو آهي جنهن ۾ هن اوپر جي قومن جي لاءِ هي نعرو پيش ڪيو آهي "دنيا جي ملڪن جا پورهيت ۽ مظلوم ۽ مجبور قومون هڪ ٿي وڃو".

ظاهر آهي ته هي نعرو ڪميونسٽ مينيفيسٽو جي نقطه نظر سان ٺيڪ نه آهي، پر ڪميونسٽ مينيفيسٽو بلڪل مختلف حالتن ۾ لکيو ويو آهي ۽ اڄ جي سياست جي لحاظ کان هي نعرو صحيح آهي". لينن اقوام مشرق کي تحريڪ آزادي" ۽ چونڊ لکڻيون پنجون. روسي چاپو جلد نمبر 42 صفحه نمبر69_78 روسي ڪميونسٹ

پارٽي (بالشويڪ) جي ماسڪو تنظيم کي خطاب "هن کان اڳ مارڪس جي نعري کي بہ وفاق پرستن ظالم قوم سان واسطو رکندڙن بدلائي ڇڏيو آهي اهو نعرو جيڪو مارڪس جي قبر تي اڄ بہ لکيل آهي هن ريت آهي" سڄي دنيا جي ملڪن جا پورهيتو هڪ ٿي وڃو. پر استالنست ۽ ٽراٽسڪائيٽ سڏائيندڙ ٻنهين ڏرين مارڪس جي انهي نعري جي بجاءِ ٻنهنجو ناهيل نعرو هٽي مظلوم قومن ۽ پورهيتن سان. ويساهہ گهاتي ڪندا رهيا آهن ۽ جنهن سان سڀ کان وڌيڪ فائدو سامراجين ۽سرمائيداري کي ٿيو آهي هتي بہ مها پاڪستاني استالنست ۽ ٽراٽسڪائيٽ مظلوم قومن جي خلاف پاڪستان پرست ٿيو بينا آهن. اسان مٿي جيڪا لينن جي لکڻي ڏيئي آيا آهيون ان ۾ ڏسو تا تہ لينن چا ٻيو ڪرڻ گهري؟ لينن پورهيتن ۽ مظلوم قومن جي اتحاد سان سامراج ۽ سرمائيدارن سان وڙهڻ ٻيو گهري ۽ اهو ئي درست طريقو هو ۽ آهي تہ دنيا مان استحصال جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو. پورهيتن جي اڳواڻي ۾ مظلوم قومن جي آزادي جنهن سان سامراج ڪمزور ٿئي ها. سامراج جيڪو مظلوم قومن جي لٽ مار ۽ استحصال سان ٻنهنجي حڪمراني سڄي دنيا ۾ قائم رکي سگهيو آهي. پر ٿيو چا؟ ٽراٽسڪائي مظلوم قومن کي وساري ظالم قومن يورپ ۽ امريڪا جي مزدورن کي منظم ڪرڻ جي خواهش ڪرڻ لڳا. اُهي مارڪس، اينگلس ۽ لينن کي وساري وينا تہ سامراجي ملڪن جا پورهيت ڪهڙي صورتحال ۾ آهن "مارڪس چوي ٿو تہ "آئرلينڊ انگريز جاگيردار جو قلعو آهي جيڪڏهن انهي کي آئرلينڈ ۾ شڪست ملي تہ اُها انگلستان ۾ ٽيندي آئرلينڊ ۾ اُها وڌيڪ آسان انهي ڪري آهي جو هتي معاشي جدوجهد زرعي ملڪيت تي ٽئي پئي. انهي سان گڏ

اها جدوجهد قومي آزادي لاءِ بہ ٽئي پئي ۽ عوام انگلينڊ جي مقابلي ۾ وڏيڪ انقلابي ۽ مشتعل آهن... (انهي لاءِ) موجوده زبردستي ناهيل يونين کي توڙڻ ڇڏجي انهي کان سواءِ انگريز پورهيت طبقي جي آزادي ناممڪن آهي." مارڪس جو خط بحوالو قومي سوال ۽ بين الاقواميت صفحہ نمبر 50_51، اينگلس چا ٿو چوي"اوهان مونکان پڇو تا تہ انريز مزدورن جو بينڪي (غلام ملڪن، مظلوم قومن) پاليسي جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟ اصل ۾ اهڙي جيڪا عام طور تي سياست جي باري ۾ آهي، ائين جيئن بورجوازي (سرمائيدار) سوچي ٿي.. ۽ مزدور بلڪل خوشي سان عالمي مندي ۽ غلام ملڪن مان حاصل ڪيل انگريز هڪ هٽين جي سيٽي گرهہ مان حصو ڪٽن ٿا"، ويانا ۾ مقيم ڪارل ڪائوتسڪي جي نالي اينگلس جو خط 12 سيپٽمبر 1882ع چونڊ لکٹيون مارڪس اينگلس جلد 4 صفحہ نمبر 150 لينن چا ٿو چوي "اهم ڳالهہ هي حقيقت آهي تہ سامراج جيڪو دور ۾ خارجي سببن جيڪري پورهيت بن بين الاقوامي حصن ۾ ورهائجي ويو آهي. هڪ حصي تہ حڪمران قومن جي سرمائيدارن جي دستر خوان جو اُباريل لٻيل ڪائي پاڻ کي زهريلو ڪري ڇڏيو آهي. انهي مال غنيمت جو اُباريل لٻيل جيڪو حڪمران قوم جو سرمائيدار طبقو ننڍين قومن جي ٻيٽي ٽيٽي ڦرلٽ ڪري ٿو پر ٻيو حصو ننڍين قومن کي آزاد ڪرڻ کان سواءِ پاڻ کي آزاد نٿو ڪرائي سگهي. لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 166 "تمام گهڻا حوالا آهن. تراتسڪائيت انهي ڪري سامراجي ملڪن ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيا آهن. چو تہ جيستائين مظلوم قومون پورهيت طبقي جي اڳواڻي ۾ آزاد نہ ٿيندیون انهي وقت تائين سامراجي ۽ عالمي مالياتي ادارن جي رسد

بند نہ ٿيندي تيستائين سامراجي ۽ مالياتي ادارن جي ملڪن جا پورهيت بہ آزاد نہ ٿي سگھندا. پاڪستان ۾ بہ جيستائين مظلوم قومون آزاد نہ ٿينديون تيستائين پنجاب جو مزدور بہ آزاد نہ ٿي سگھندو. اسٽالنسٽ بہ ٽراٽسڪائي وات جي پيروي ڪندي مظلوم قومن جي آزادي کان انڪار ڪري اکرن جي اُلٽ ڦير سان مها پاڪستاني بڻجي ويا آهن ۽ اُهي تهران ۽ يالتا ۾ معاهدو ڪري انگريز ۽ امريڪي سامراج سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي بينا ۽ مظلوم قومن جي آزادي ۽ انقلاب تان هٿ کڻي دنيا جي ورهاڱي تي عالمي سامراج جو ساٿ ڏيئي مظلوم قومن جي آزادي جو گلو گھٽڻ ۾ سامراج جو ۽ هتي پاڪستان ۾ پنجاب جو ساٿ ڏنو آهي. انهي ڪري سامراج هڪ پاسي مضبوط آهي تہ ٻي پاسي مظلوم قومون غلام آهن ۽ سامراج ۽ عالمي مالياتي ادارا سڄي دنيا تي قابض آهن. ان لاءِ ضروري آهي تہ مظلوم قومن جي آزادي لاءِ جدوجهد تيز ڪجي. ان سان ئي دنيا جا پورهيت آزاد ٿي سگھندا.

پاڪستان ۾ قومي سوال ۽ ان جو حل

پاڪستان جو وجود ڪنهن تاريخي ارتقا يا يورپ وانگر ڪنهن سرمائيدار انقلاب جي صورت ۾ نه ٿيو آهي پر برطانوي سامراج جي سازشن ۽ هندستان جي سرمائيدارن جي ناڪامي جي ڪري ٿيو ورهاڱي جي نتيجي ۾ هندستان جي قومن بنگالين، اسامين، پنجابين، پختونن، ڪشميري ۽ بلوچن کي مذهب جي بنياد تي ورهائي ۽ ملڪ ناهيا ويا،هن ورهاڱي جتي قومن کي ورهايو اتي سڄي ننڍي کنڊ جي پورهيت هاري عوام کي ۽ ورهائي ڇڏيو.

پاڪستان، اسلام، اردو ۽ پاڪستاني قوم جي رجعت پرست، بورجوا قوم پرست سوچ ۽ نظرئي تي وجود ۾ آندو ويو ۽ اڄ تائين انهي نظرئي تي هي ملڪ قائم آهي،هي ملڪ جيئن ته ناهيو ئي سامراجي مفاد لاءِ ويو آهي ۽ شروع کان ئي سامراجي مفادن لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي، هي ملڪ عالمي سامراج جي هڪ چوڪي آهي، جيڪا عالمي سامراج لاءِ استعمال ٿيندي عالمي سرمائيداري جو وچ ايشيا ۾ اڳيون محاذ آهي، اهو عالمي صورتحال ۾ بين الاقوامي پورهيت طبقي جو وچ ايشيا ۾ سڀ کان وڏو ۽ اهم دشمن ملڪ آهي.

هي ملڪ مظلوم قومن جو پڻ قيد خانو آهي، جتي عالمي سامراج ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي استحصال سان گڏ پاڪستاني سرمائيدار(جيڪي دلال آهن، عالمي سامراج جا) پڻ هتي مظلوم قومن جو استحصال ڪن ٿا. پاڪستاني سرمائيدارن ۾ (سول ۽ فوجي) تمام گهٽو تعداد پنجاب سان واسطو رکي ٿو پاڪستاني سرمائيداري ۾ 85 سيڪڙو نه رڳو سرمائيداري ۾ پر بيوروڪريسي ۽ اسٽيبلشمينٽ ۾ ۽

پنجاب غالب ۾ حاوي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هتي يورپ وانگر جمهوري سرشتو به قائم نه ٿو ڪري ڏنو ويجي،انهي سان جتي پورهيتن جو استحصال ٿئي ٿو اتي ڪچي مال جي قوليت، مظلوم قومن جي ٿئي ٿي ۾ انهي قوليت ۾ 50 سيڪڙو پائيواري پنجاب جي پٽ آهي، انهي ڪري اسان ڏسون ٿا ته هتي جمهوري تحريڪون(قومي مسئلو پٽ جمهوري مسئلو آهي) سڀ کان وڌيڪ مظلوم قومن، بنگال، سنڌ، پختونن ۾ بلوچن ۾ اپريون آهن ۾ مڙهيون ويون آهن ۾ انهن کي ڪچلڻ ۾ پاڪستاني رياست جنهن تي پنجابي سرمائيدار ۾ ڪاموارا شاهي قابض آهن، سڀائين طاقت ۾ وحشت کي استعمال ڪيو آهي.پاڪستان جي اندر قومن کي ڏسنداسون ته پنجاب سرائيڪي علاقي کي چڏي ڪري اتي جاگيرداري انگريز دور ۾ ختم ڪئي وئي هئي،ڪشمير، گلگت ۾ بلتستان ۾ (سرحد) پختونخواهه ۾ بلوچستان ۾ قبائلي سرشتو آهي، اتي وڏيون زمينون نه آهن ۾ اتي پختونخواهه ۾ هزاره ڊويزن کي چڏي ڪري ۾ بلوچستان ۾ حب کي چڏي صنعتون به نه آهن، اتي سنڌ ۾ جاگيرداري باقيات موجود آهي ۾ ڪراچي سنڌ جو شهر هوندي به جتي تمام گهٽي صنعت موجود آهي،سنڌي عوام لاءِ اوپرو شهر بڻايو ويو آهي، وڏي صنعت ڪراچي کانپوءِ پنجاب ۾ آهي.

پنجاب مان فوج جو 75 سيڪڙو پرتي ٿئي ٿو ۾ 20 سيڪڙو سرحد مان، جڏهن ته باقي 5 سيڪڙو ٻين علاقن مان پرتي ٿئي ٿو(بحوالو عائشه صديقه ملٽري اڪ)فوج وٽ 12 سيڪڙو يعني ته هڪ ڪروڙ 16 لک ايڪڙن کان مٿي زمين آهي.پاڪستان جي سرمائيدارن ۾ پنجابي 65 سيڪڙو ٽين ٿا،جنهن ۾ فوجي سرمائيدارن

کي ملائجي(سول ۽ فوجي هڪ ٻئي جا مائٽ ۽ رشتيدار آهن) تہ پاڪستاني سرمائيدارن ۾ 85 سيڪڙو سرمائيدار پنجابي ٿين ٿا، اها تہ سرمائيدارٽي قرلت ٿئي ٿي،جيڪا پورهيتن ۽ مظلوم قومن جي ڪئي وڃي ٿي،وري سول ڪامورن کي ڏسبو تہ انهي ۾ بہ 70 سيڪڙو پنجابي آهن، سنڌ ۾ زمينون بہ پنجابين کي ڏنيون ويون آهن، خود عالمي سامراجي ادارن جا ڊائريڪٽر ۽ مئنيجر بہ 90 سيڪڙو پنجاب سان واسطو رکن ٿا، انهن ڳالهين جي ڪري پاڪستان ۾ پاڪستاني يڪجهتي قائم نہ ٿي سگهي آهي ۽ هتي رهندڙ قومن ۾ تضاد پيدا ٿيو ۽ وڌيو آهي.انهي جو حل ممڪن جل سوشلسٽ انقلاب ۾ آهي، جيڪو پاڪستاني رياست کي ڊاهي گهٽ ۾ گهٽ يورپ وانگر برابري جي بنياد تي گڏيل ننڍي ڪنڊ جو اتحاد جوڙي سگهجي ٿو جتي ورهايل قومون مذهب جي بنياد تي نہ پر معاشي بنيادن تي هڪ ٿين، ان لاءِ وري ضروري آهي تہ پاڪستان ۾ رهندڙ قومون توڙي هندستان ۾ رهندڙ ساڳيون قومون هڪ ٿين ۽ برابري جي بنياد تي ٻين قومن سان اتحاد ڪن يا وري پاڪستان جي سوشلسٽ انقلاب لاءِ پنجاب ۾ سوشلسٽ تحريڪ منظم ۽ مضبوط ٿئي، پر ٻين قومن جي قرلت سرمائيدار رياست جي تباهي ۽ بربادي ۾ مصنوعي رنڊڪ پيدا ڪري ٿي، اهو لينن چوي ٿو ۽ حقيقت بہ اها آهي،انهي ڪري اتي سوشلسٹ تحريڪ منظم ۽ مضبوط نہ ٿي ٿئي.ساڳيو حال پنجاب جو آهي، ان لاءِ اسان مارڪسي استادن کي ڏسنداسين تہ اهي ڇا ٿا چون. اوسر وڌندڙ سرمائيداري ۾ قومي مسئلن جي سلسلي ۾ بہ تاريخي لاڙا ملن ٿا،پهريون قومي، زندگي ۽ قومي تحريڪن جو ايار سموري ظلم ۽ جبر جي خلاف جدوجهد. قومي رياستن جو جنم. ٻيو قومن جي وچ ۾ هر

طرح جي ميل جول ۾ ترقي ۽ تيزي، قومي ديوارن جو ڀڄڻ/پڇڻ، سرمائي جو بين الاقوامي اتحاد، عام طرح تي اقتصادي زندگي جو سياستن جو سائنس وغيره جو اتحاد، پئي لاڳا سرمائيداري جا عالمگير قانون آهن، ترقي جي شروع ۾ پهريون لاڳو غالب رهي ٿو ٻيو لاڳو پڪي ۽ پرپور سرمائيداري جي خاصيت آهي، جيڪا سوشلسٽ سماج ۾ بدلجڻ جي منزل ڏانهن هلندڙ آهي. مارڪسي پنهنجي قومي پروگرام ۾ پنهي لاڳن کي اڳيان رکن ٿا ۽ گهر ٿا ڪن ته پهرين قومن ۽ زبانن کي برابري ملي ۽ انهي سلسلي ۾ هر قسم جي خصوصي حقن کي رد ڪيو وڃي،

لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو ۽ قومن جو حق خودارادیت صفحو 15.

سڀ کان پهرين ته اهو ته سرمائيداري جي پنهي دورن جي وچ ۾ صاف صاف امتيازي ليڪو ڪيڻ گهرجي، جيستائين جو قومي تحريڪن جو تعلق آهي، پئي دور هڪ پئي کان بنيادي طور تي مختلف آهن، هڪ پاسي ته جاگيرداري ۽ بادشاهت جي ڀڃڻ ۽ متجڻ جو دور آهي، سرمائيدار جمهوري سماج ۽ رياست جي نهڻ ۽ اوسر جو دور آهي، جڏهن قومي تحريڪون پهريون پيرو عام تحريڪن جو روپ اختيار ڪن ٿيون ۽ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ اخبارن وسيلي نمائندا ادارن ۾ شرڪت وغيره جي ذريعي آبادي جي سيني طبقن کي سياست ۾ ڇڪي آڻين ٿيون، پئي طرف اسان جي اڳيان مڪمل طرح ترقي يافته سرمائيدار رياستن جو دور آهي، قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو لينن صفه 52.

انهي لحاظ کان ملڪن کي ٽلهي ليکي ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو پهرين قسم، اولهه يورپ جا ترقي يافته سرمائيدار ملڪ ۽ آمريڪا، انهن ملڪ ۾ بورجوا ترقي پسند قومي تحريڪون تمام اڳي

ختم ٿي ويون، انهن سيني وڏين قومن مان هر قوم بينڪن ۾ خود پنهنجي ملڪ ۾ بين قومن کي ظلم ۽ محڪومي جو شڪار ڪن ٿيون، انهن حڪمران قومن جي پر ولتاريہ جا فرض اهي آهن، جيڪي 19 هين صدي ۾ آئرلينڊ جي سلسلي ۾ برطانيا جي پرولتياريہ جا فرض هئا.اهي فرض ڪهڙا هئا،آئون وڌ کان وڌ قائل ٿي ويو آهيان ۽ ضرورت هي آهي تہ انهي يقين کي انگريز مزدور طبقي جي گهر ۾ آندو وڃي تہ هي هتي انگلستان ۾ انهي وقت تائين فيصلاڪن قدم نہ ٿا کڻي سگهن، جيستائين اهي آئرلينڊ لاءِ پنهنجي پاليسي کي حڪمران طبقن جي پاليسي کان بلڪل جدا نہ ٿا ڪن، جيستائين اهي آئرش عوام سان گڏيل ڪاز نہ ٿا بڻائين، ايستائين جو 1801ع ۾ بڻجڻ واري يونين کي ٽوڙي هڪ آزاد، فيڊرل ناتن ۾ بدلائڻ لاءِ اڳتي قدم نہ ٿا وڌائين، اهو آئرلينڊ سان همدردي لاءِ نہ پر هڪ اهڙي مطالبي جي حيثيت سان جيڪا انگريز پرولتاريہ جي پنهنجي فائدي لاءِ آهي، جيڪڏهن اهو سڀ نہ ٿو ٿئي تہ انگريز عوام پنهنجي حڪمران طبقن جا پڇ لٽڪائو بڻيا رهندا.

مارڪس خط ۽ لکڻيون انگريزي صفہ 230.

آئرلينڊ انگريز جاگيرداري جو ڳڙهہ آهي، جيڪڏهن انهي کي آئرلينڊ ۾ شڪست ملي تہ انگلينڊ ۾ بہ ٽيندي، آئرلينڊ ۾ اها وڏيڪ آسان انهي لاءِ آهي تہ هتي معاشي جدوجهد زرعي ملڪيت تي ٽئي پيئي. انهيءِ سان گڏ هي جدوجهد قومي آزادي لاءِ بہ ٽيئي پئي ۽ عوام انگلينڊ جي مقابلي ۾ وڏيڪ انقلابي ۽ مشتعل آهن. آئرلينڊ ۾ جاگيرداري رڳو انگريزي فوج جي زور تي قائم آهي. جڏهن بنهي ملڪن جو جبري اتحاد ٽٽي پوندو تہ آئرلينڊ ۾ جهٽ ۾ هڪ سماجي

انقلاب ٿي پوندو. جڏهن ته انهي سان انگريز جاگيردار نه رڳو پنهنجي دولت جي هڪ وڏي وسيلي کان ئي محروم ٿي ويندا. پر پنهنجي سڀ کان وڏي اخلاقي طاقت به وڃائيندا. آئرلينڊ ۾ جاگيرون انگلينڊ جي جاگيردارن کي بچائين ٿيون. پي پاسي پنهنجي جاگيردارن جي طاقت کي آئرلينڊ ۾ برقرار رکي انگريز پرولتاريہ انهن کي خود انگلينڊ ۾ شڪست کان بچائي ٿو. پي پاسي انگريز بورجوازي غريب آئرش عوام کي انگلينڊ ۾ زبردستي لڏائي. آڻي انگلينڊ ۾ پورهيت طبقي کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو آهي. هُن رڳو اهو نه ڪيو آهي پر پرولتاريہ کي ٻن دشمن تولن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. هڪ پاسي انگريز پرولتاريہ ۽ پي پاسي آئرش پرولتاريہ وڏن وڏن صنعتي مرڪزن ۾ انهن جي وچ ۾ سنجيده دشمني ملي ٿي. هڪ عام انگريز مزدور هڪ عام آئرش پورهيت سان نفرت ڪري ٿو. انهي لاءِ موجوده زبردستي ناهيل يونين کي ٽوڙي ڇڏجي. انهي کان سواءِ انگريز پورهيت طبقي جي آزادي نا ممڪن آهي. مارڪس جو خط بحوالو قومي سوال ۽ بين الاقواميت صفہ نمبر 50، 51. جيڪڏهن انگلينڊ يورپي سرمائيداري ۽ جاگيرداري جو ڳڙهہ آهي تہ آئرلينڊ هي هڪ اهڙي جڳهہ آهي جتي انهي تي ڪاراڪتو ڏڪ لڳي سگهي ٿو. (مارڪس)

پي قسم اوپر يورپ؛ آسٽريا، بلقان ۽ خاص طرح تي روس- هتي ويهين صدي ۾ خاص طرح تي بورجوا جمهوري قومي تحريڪون وڏيون ۽ قومي جدوجهد تيز ٿي. انهن ملڪن جي پرولتاريہ جا فرض. انهن ملڪن جي بورجوا جمهوري نئي جڙت جي تڪميل جي لحاظ کان ۽ گڏوگڏ ٻين ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلاب جي مدد ڪرڻ جي لحاظ کان- انهي وقت تائين پورا نہ ٿي سگهندا. جيستائين تہ اهي

قومن جي حق خود ارادیت جو پرچم نہ کٹن. انهي سلسلي ۾ سڀ کان ڏکيو پر سڀ کان اهم فرض هي آهي تہ ظالم ۽ جابر ۽ مظلوم ۽ محکوم قومن جي مزدورن جي طبقاتي جدوجهد سان ملائي هڪ ڪيو وڃي. (روس ۾ لينن اهو ڪم ڪيو)

قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ۽ قومن جو حق خودارادیت نمبر 128، 129. تي قسم نيم بينڪي ملڪ جيئن چين، ايران، ترڪي ۽ سيئي ڪالونيون جن جي مجموعي آبادي هڪ ارب تائين آهي. انهن ملڪن ۾ بورجوا جمهوري تحريڪون اڃان مشڪل سان شروع ٿيون آهن يا تڪميل جي منزل کان گهٽو پري آهن. سوشلستن کي گهرجي تہ نہ رڳو ڪالونين جي بغير معاوضي غير مشروط ۽ فوري آزادي جو مطالبو ڪن (۽ هن مطالبي جو سياسي مطلب انهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿيندو تہ حق خودارادیت کي مڃيو وڃي) پر انهن کي گهرجي تہ انهن ملڪن ۾ قومي آزادي جي لاءِ بورجوا جمهوري تحريڪن ۾ وڌيڪ انقلابي عنصرن جي جمي حمايت ڪن ۽ انهن کي ظلم ۽ محکومي جو شڪار ڪندڙ سامراجي طاقتن جي خلاف انهن جي بغاوت ۾ جيڪڏهن ضرورت پوي تہ انهن جي انقلابي جنگ ۾ مدد ڏين. لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو قومن جو حق خودارادیت صفحو نمبر 129. "اوپر يورپ ۽ ايشيا ۾ بورجوا جمهوري انقلابن جو دور صرف 1905ع ۾ شروع ٿيو. روس، ايران، ترڪي ۽ چين ۾ انقلاب، بلقان ۾ جنگون اهي آهن اسان جي "اوپر" ۾ اسان جي دور جا عالمگير اهميت جا سلسلا واقعن جي انهي زنجير ۾ بورجوا جمهوري تحريڪن جي هڪ سڃن سارن سلسلن جو اُپار، قومي طور تي خودمختيار ۽ قومي طور تي متحد رياستن جي قيام جي خواهش

جي سجاڳي ڏسڻ ۾ جيڪو ناڪام ٿي وڃي اهو ڪو انڊو ئي هوندو. لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 58.

انهن مٿين قسمن جي ملڪن جي لحاظ کان اسين پاڪستان کي ڏسنداسون تہ اهو برطانيہ ۽ روس سان مشابهت رکي ٿو ۽ انهن لاءِ مظلوم قومن جي آزادي انتهائي ضروري ٿيو پوي پاڪستاني فوج ۽ پاڪستاني سرمائيدارن جا ڳڙهہ سنڌ ۽ بلوچستان يعني تہ مظلوم قومون آهن. جتي ڪين ڪارائتو ڏڪ هٽي سگهجي ٿو ۽ هڙڻ گهرجي. اُتي ڪجهہ دوست چوندا تہ روس ۾ تہ ڏيل انقلاب آيو هو ۽ ڏيل تنظيم R.S.D.L.P هئي جيڪا ڪنهن بہ ريت موجوده ڪميونسٽ پارٽي وانگر نہ هئي. اُها پارٽي روس جي سوشل ڊيموڪريٽ، ليبر پارٽي هئي. جنهن ۾ روس ۾ آباد يهودين جي ڊيموڪريٽ (سوشل ڊيموڪريٽن) جي پارٽي بند بہ شامل هئي. جنهن جو پنهنجو جدا ڊانچو نالو ۽ مخصوص آبادي تي ٻڌل پارٽي هئي. بهرحال انهي صورتحال ۾ جتي روس مظلوم قومن جو قيد خانو هو اُتي مها روسين ۾ انقلابي تنظيم مضبوط هئي ۽ هن مظلوم قومن جي آزادي حق خودارادیت جي جنگ وڙهي ۽ ڪامياب ٿيا پر هتي پاڪستان ۾ ائين نہ پيو ٿئي مها پاڪستاني پنجابين ۾ انقلابي تنظيم وجود ئي نٿي رکي ۽ نہ هي اها مظلوم قومن جي آزادي ۽ حق خودارادیت جي ويڙهہ ٿي وڙهي پر ان جي ابتڙ مظلوم قومن ۾ اُپار وڌيڪ آهي اهڙي صورتحال ۾ ڇا ڪجي؟ ڇا پنجاب ۾ اهڙي انقلابي تنظيم جي تعمير ۽ مضبوط ٿيڻ جو انتظار ڪجي؟ انهي وقت روس ۾ هڪ ٻيو اهم فرق بہ هو ان وقت هڪ عالمي پورهيت تنظيم جو وجود هڪ انٽرنيشنل جو هجڻ جنهن ظالم ۽ مظلوم قومن جي پورهيتن کي هڪ پي ڪيو اج اهڙي ڪابہ انٽرنيشنل نہ آهي. وري ڏسنداسون تہ روس کان پوءِ جيڪي بہ

انقلاب آيا آهن اُهي هڪ قومي ملڪ ۾ آيا ۽ ڪامياب ٿيا. چين، ويت نام، انگولا، موزنبيق ڪيوبا وغيره اهڙي صورتحال ۾ اسان ڏسون ٿا ته پاڪستان ۾قومي سوال هڪ عام جمهوري سوال جو حصو آهي ۽ لينن جي چوڻ موجب اسين تي قسم جي ملڪن ۾ اچون ٿا جتي "مجبور ۽ مظلوم قوم جي هر بورجوا قوم پرستي ۾ هڪ عام جمهوري مواد لڪل هوندو آهي، انهي جو رُخ ظلم ۽ جبر جي خلاف هوندو آهي ۽ اهو ئي اهو مواد آهي جنهن جي حمايت اسين بنا روڪ رنڊڪ جي ڪريون ٿا. قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحہ نمبر 65، جنهن حد تائين مظلوم ۽ مجبور قوم جي بورجوازي ظالم ۽ جابر قوم سان وڙهي ٿي اسين هميشہ هر حال ۾، ۽ سيڪ ڪان وڌيڪ ثابت قدمي سان انهيءِ جي حق ۾ آهيون، پوته اسين ظلم ۽ جبر جا ڪٽر ۽ سيڪ ڪان وڌيڪ ثابت قدم دشمن آهيون. لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 64، اسان تاريخ ۾ مارڪسي استادن کي ڏسون ٿا ته انهن عملي طرح ٽيندڙ واقعن تي ڪهڙو رد عمل ڏيکاريو جنهن ۾ هڪ خاص عمل ناروي ۽ سويڊن جو هو ناروي ۽ سويڊن جي وچ ۾ جاگرافيائي، اقتصادي ۽ بولي (مذهب بہ ساڳيو هو جا رشتا انهن رشتن کان گهٽ نہ هئا جيڪي گهٽين غير مها روسي سلاف قومن ۽ مهاروسين جي وچ ۾ آهن. پر ناروي ۽ سويڊن جو ملاپ مرضي سان نہ ٿيو هو. ناروي کي غير معمولي طور تي وسيع خود اختياري حاصل هئي. (سندس پنهنجي پارليامينٽ وغيره هئي) انهيءِ جي باوجود ملاپ کان پوءِ ڪئين ڏهاڪن تائين ناروي ۽ سويڊن جي وچ ۾ ٽڪر ۽ جهڳڙا هلندا رهيا ۽ ناروي وارن سويڊن جي اشرافيہ جي غلامي مان جان آجي ڪرڻ لاءِ ننهن چوٽي جو زور لڳائيندا رهيا. آخرڪار 1905ع جي آگسٽ ۾ اُهي ڪامياب ٿي ويا. لينن قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 83

سويڊن ۾ ناروي سرمائيدار ملڪ هئا. پر عليحدگي ٿي. لينن کي انهن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ها پر لينن انهي عليحدگي جو حوالو ڏيئي عليحدگي جي مخالفن کي جواب ڏنو. جڏهن ته سنڌ ۾ پنجاب ۾ اُها جڙت نه آهي جيڪا سويڊن ۾ ناروي ۾ هئي ته پوءِ گڏيل جدوجهد جي ڳالهه ڪرڻ قومي مسئلي کي نه مڃڻ استالن جو جارجيا جي سوال تي مها روسي ٿي وڃڻ وانگر آهي. جنهن تي لينن استالن جي مذمت ڪئي آهي. مها پاڪستان کاپي ڏر وارا به غلط ڳالهه ڪن ٿا. مثال طور تي ته يوڪرين هڪ آزاد رياست بڻجندي يا نه؟ هي هڪ اهڙو معاملو آهي جنهن جو تعين اُهي هزارين عنصر ڪندا جن کي اسين پهرين نه ڏسي سگهون ٿا، نه ڄاڻي سگهون ٿا. اسين بيڪار "قياس آرايون" ڪريون ۾ وقت وڃايون. اسين رڳو هُن شيءِ جو جهنڊو ثابت قدمي سان کڻون ٿا جنهن لاءِ ڪو به شڪ نه آهي ۾ نه ڪو ٿي سگهي ٿو. اُها شيءِ آهي ته يوڪرين کي اهڙي قسم جي رياست قائم ڪرڻ جو حق آهي. اسين انهي حق جو احترام ڪريون ٿا. (لينن قومي سوال صفحو نمبر 66)

اڄ "سامراج" جرمن ۾ بيلجيم جي وچ ۾ روس ۾ گليشيا جي وچ ۾ "سرحدي چوڪيون ڌهائي ڇڏيون آهن" اسان کي (لينن چوي ٿو) چيو وڃي ٿو ته بين الاقوامي سوشل جمهوريت پسندن کي گهرجي ته عام طور تي ڪنهن به شڪل ۾ انهن سرحدن جي بحالي جي مخالفت ڪن. 1905 "سامراج جي دور ۾" جڏهن ناروي جي خودمختيار پارليامينٽ سويڊن کان ناروي جي عليحدگي جو اعلان ڪيو ۾ جڏهن سويڊن جي مزدورن جي مزاحمت ۾ بين الاقوامي سامراجي صورتحال جيڪري، سويڊن ناروي جي خلاف جنگ نه ڪري سگهيو (جنهن جو پرچار سويڊن جي رجعت پسندن ڪيو) ته انهي وقت سوشل جمهوريت

پسندن کي ناروي جي عليحدگي جي مخالفت ڪرڻ گهرجي ها ڇو ته بنان ڪنهن شڪ جي انهي جو مطلب هو "يورپ ۾ نئين سرحدي چوڪين جو قيام"!! اهو آهي زبردستي الحاق جي کليل حمايت..

ڪا به سوشلسٽ پارٽي اِها پوزيشن اختيار نٿي ڪري سگهي. لينن قومي سوال جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 153". هن وقت اڳرين تي ڳڙڻ جيترين (پنج يا ڇهه) سامراجي "وڏين" طاقتن جو هڪ نظام وجود ۾ اچي چڪو آهي. انهن مان هر طاقت ٻين قومن کي چيپاٽي ۽ ڦري ٿي. اها ڦرلٽ سرمائيداري جي تباهي ۽ بربادي ۾ مصنوعي رندڪ جو سبب آهي. اها ئي ڦرلٽ سامراجي قومن ۾ جيڪي دنيا جي گردن تي سوار آهن، موقع پرستي ۽ سوشل شاونزم جي لاءِ سهاري جو ڪم ڪري رهي آهي. قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 164. "اهم ڳالهه هي نه آهي ته سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ننڍين قومن جو هڪ ڏهائي پنجاهه يا هڪ ڏهائي سو حصو آزاد ٿيندو يا نه. اهم ڳالهه هي حقيقت آهي ته سامراج جي دور ۾ خارجي سبب جي ڪري پرولتاريه ٻين بين الاقوامي حصن ۾ ورهائجي ويو آهي. هڪ حصي ته حڪمران قومن جي بورجوازي جي دستر خوان جو اُباريل ٽُڪيل جيڪو حڪمران قوم جو بورجوا طبقو ننڍين قومن جي ٻيٽي ٽيٽني ڦرلٽ ڪري ٿو. پر ٻيو حصو ننڍين قومن کي آزاد ڪرڻ کان سواءِ پاڻ کي آزاد نٿو ڪرائي سگهي. جيستائين ته عوام کي شاونسٽ دشمني يعني زبردستي الحاق جي مخالفت جي جذبي جي، يعني "خودارين" جي جذبي جي تعليم نه ڏني وڃي." قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو صفحو نمبر 166. "ظالم ۽ جابر ملڪن جي مزدورن جي ٻين الاقوامي جذبي جي تعليم جو زور لازمي طور تي انهي

تي هجڻ گهرجي تہ مظلوم ۽ محڪوم ملڪن جي عليحدگي جي آزادي جو پرچم اُپو ڪيو ويجي ۽ انهي جي وڪالت ڪئي ويجي. انهي کان سواءِ بين الاقواميت ٿي نہ ٿي سگهي. اهو اسان جو حق ۽ فرض آهي تہ اسين ظالم ۽ جابر قوم جي هر انهي سوشل جمهوريت پسند کي سامراجي ۽ بدمعاش سمجهون جيڪو انهي قسم جو پرچار نٿو ڪري ڪٽي سوشلزم جي قيام کان اڳ عليحده ٿيڻ جو موقعو ۽ "امڪان" هزار مان هڪ هي ڇو نہ هجي. اهو مطالبو هڪ قطعي مطالبو آهي. قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو لينن صفحو نمبر 170.

"ظالم ۽ جابر قومن جو پرولتاريہ عام قسم جي گنل پينل جملن ۽ فقرن تائين پاڻ کي محدود نٿو رکي سگهي جيڪو ڪو بہ صلح پسند بورجوا جبري الحاق جي خلاف ۽ قومن جي برابر حقن جي باري ۾ عام طور تي چئي سگهي ٿو. پرولتاريہ هن سوال کان اڪيون نٿو پوري سگهي. جيڪو سامراجي بورجوازي جي لاءِ خاص طور تي "اڻ وٽندڙ" آهي يعني اهڙي رياست جي سرحدن جو سوال جيڪو قومي ظلم ۽ جبر تي ٻڌل آهي. پرولتاريہ انهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نٿو ڪري سگهي تہ مظلوم ۽ محڪوم قومن کي هڪ خاص رياست جي سرحدن جي اندر زبردستي بند رکڻ جي خلاف جنگ ڪري ۽ اهو ئي مطلب آهي تہ حق خودارادیت جي لاءِ جدوجهد جو. پرولتاريہ جو فرض آهي تہ انهن بينڪن ۽ انهن قومن جي سياسي عليحدگي جي آزادي جو مطالبو ڪري جن کي پرولتاريہ جي "پنهنجي" قوم ظلم ۽ محڪومي جو شڪار ڪريو وينی آهي. جيستائين پرولتاريہ ائين نٿو ڪري پرولتاري بين الاقواميت رڳو بي معنيٰ اصطلاح رهندي. انهي

کان سواءِ ظالم ۽ جابر ۽ مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مزدورن جي وچ ۾ نہ پاڻ ۾ اعتماد ممڪن ٿيندو ۽ نہ طبقاتي يڪجهتي.

"قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو. لينن صفحو نمبر 124.

"سوشلزم جو مقصد ننڍين ننڍين رياستن ۾ بني نوع انسان جي ورهاست ۽ قومن جي سڀني الڳ الڳ گروهہ بندين کي ختم ڪرڻ آهي. قومن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ هي نہ پر انهن ۾ي کير کنڊ ڪرڻ آهي. انهي مقصد کي پورو ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ .....

رڳو عام طور تي نہ مبهم انداز ۾ نہ بي مغز قوالين سان نہ سوشلزم جي قائم ٿيڻ تائين انهيءَ کي "ڇڏي ڏيڻ" جي ڳالهہ ڪندي نہ. پر صاف صاف ۽ پڪي پختي انداز ۾ سياسي پروگرام ترتيب ڏيئي مظلوم قومن جي آزادي جو مطالبو ڪريون. هڪ اهڙو پروگرام ترتيب ڏيون جيڪو ظالم ۽ جابر قومن جي سوشلسٽن جي ريا ڪاري ۽ بزدلي کي بہ خاص طرح تي نظر ۾ رکي. نيڪ جهڙي ريت بني نوع انسان مظلوم ۽ محڪوم طبقي جي ڊڪٽيٽر شپ جي عبوري دور مان گذري هي طبقن جو خاتمو ڪري سگهي ٿو. نيڪ اهڙي ريت بني نوع انسان قومن جو کير کنڊ ٿيڻ جي اڻ تر منزل تائين سيني مظلوم ۽ محڪوم قومن جي مڪمل آزادي يعني انهن جي آزادي عليحدگي جي عبوري دور مان گذري هي پهچي سگهي ٿو. لينن:۔ قومي مسئلي جو تنقيدي جائزو ۽ قومن جو حق خودارادیت صفحو نمبر 122 ۽ 123.

هي مٿي ڏڳها حوالا ان لاءِ ڏيڻ تي مجبور ٿيا آهيون جو ڪي ٽراٽسڪي وانگر لفاظي جي حد تائين حق خودارادیت جي ڳالهہ ڪندي ان کي سوشلزم تائين روڪي رکڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا يا استالن وانگر جيڪو مظلوم قوم سان واسطو هوندي بہ

مها روسي بٹجي جارجيائي قومي حقن جي مخالفت ڪندو هو. لينن ۽ مارڪس جي اڪرن سان سمجهائي سگهون ٿو سرمائيداري جي ارتقا ۾ بہ لاڙا هجن ٿا. پهريون اهو ته اُتي قومي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي ٿي. حق عليحدگي آزاد رياست لاءِ اُن ۾ جيڪو طبقو اڳواڻي ڪندو اهو انهي کي پنهنجي مقصد ڏانهن ڪٽي ويندو. ويت نام جي پارٽي پاڻ اڳواڻي ڪندي قومي آزادي جي ويڑهه وڙهندي جمهوري انقلاب برپا ڪيو. بلڪل ساڳيو طريقو انگولا، موزينيق، گني وغيره ۾ ڪيو ويو. هاڻ جن يڪي انقلاب جي ڳالهه ڪئي سي ايڏا تائين ڪٽي بہ انقلاب نہ آڻي سگهيا آهن پر جن پنهنجي علائقي ۾ مخصوص حالتن کي سمجهندي عمل ڪيو تن دنيا ۾ ڪيترائي انقلاب برپا ڪري ڏيکاريا. هتي اسان وٽ بہ صورتحال ويت نام، لاٽوس، گني بسائو، انگولا موزنيق وغيره جهڙي آهي اُن ڪري عالمي سامراج جي چوڪي کي ڊاڙو وڃي ۽ مظلوم قومن کي آزاد ڪرائڻ جي ان سان جتي سامراج کي ڌڪ لڳندو اُتي پنجاب جي پورهيتن جي بہ آزادي ممڪن ٿي سگهندي. اُتي اسان هڪ پاسي پنهنجي پورهيتن کي آزاد ڪرائيندا سون تہ بي پاسي پاڪستاني سرمائيدارن کي ڪمزور ڪري پنجاب جي پورهيتن کي آزادي ڏانهن انقلاب ڏانهن وڌي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيندا سون اُتي ننديي ڪنڊ ۾ تعصب، رجعت پرستي ۽ جنگ کي ختم ڪرڻ ڏانهن وڪ وڌائيندا سون پاڪستاني قوم پرستي شاونسٽ قوم پرستي آهي انهي جي خلاف ٿيندڙ مظلوم قومن جي جدوجهد ترقي پسند آهي. انقلابي آهي آخر ۾ اينگلس جو خط ڏيئي رهيا آهيون. اوهين مونکان پڇو ٿا تہ انگريز مزدورن جو بينڪي پاليسي تي ڪهڙو خيال آهي. دراصل بلڪل اهڙو جيڪو عام طور تي سياست جي باري ۾ آهي، اهڙو ئي

جيئن بورجوازي سوچي ٿي. ڏس نہ هتي ڪا مزدورن جي پارٽي نہ آهي. رڳو ڪنزرويٽو ۽ لبرل ريپبليڪل پارٽيون آهن. ۽ مزدور گهٽي خوشي سان عالمي منڊي ۾ بينڪن مان حاصل ڪيل انگريز هڪ هٽين جي سٽيي گرهہ ۾ حصو وٺن ٿا. متهنجي راءِ ۾ حقيقي بينڪون يعني اُهي ملڪ جن تي يورپي آبادي قبضو جمائي ورتو آهي. مثال ڪينادا، ڪيپ ۽ آسٽريليا (اُتان جي اصولڪن رهواسين کي قتل عام ڪري خاتمو ڪيو ويو). آزاد ٿي ويندا. پي پاسي ديسي آبادي وارا ملڪ آهن جن کي رڳو ماتحت ڪيو ويو آهي. مثال هندوستان، الجزائر ۽ هالينڊ، پرتگال ۽ اسپين جا مقبوضہ علاقا۔ فاتح پرولتاريہ کي گهرجي تہ عارضي طور تي انهن کي سنياليِ ۽ جيترو جلد ٿي سگهي آزادي ڏانهن وڃي ويجي. مارڪس۔ اينگلس چونڊ لکڻيون جلد 4 صفحو نمبر 150.

پاڪستان جي وجود ۾ آيندي ئي ڪراچي کي سنڌ کان ڌار ڪيو ويو ۽ اُتي سنڌي ٻولي تي پابندي هنئي ويئي. اڳتي هلي باقي سنڌ جو خاتمو ڪري ون يونٽ مڙهيو ويو. هتي جبر سان اردو کي قومي زبان جو درجو ڏيئي امتيازي سلوڪ عطا ڪيو ويو. 63 سالن جي عمر ۾ پاڪستان تي حڪمراني ڪرڻ ۾ 30 سال سنڌو سنئون پنجابي فوجين حصو ورتو. بنگالين جو قتل عام ڪيو ويو سنڌ ۽ بلوچستان وغيرہ ۾ جبر جي انتها ڪئي ويئي. باقي عرصي ۾ بہ اڃ سڌي طرح فوجي بورجوازي اقتدار ۾ رهي ٿي. ون يونٽ جي خلاف مظلوم قومن جدوجهد ڪئي. ون يونٽ جو خاتمو ٿيو تہ پنجاب سنڌ جي ماڇي جي علاقي تي قبضو جاري رکيو. انهي سان گڏ بهاول پور رياست تي بہ قبضو ڪري پنجاب ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ اُتي وڏي پيماني جي نوآبادڪاري ڪري رهي آهي. جيڪو اڄ بہ پنجاب جي قبضي ۾ آهي. جيتوڻيڪ ماڇي کو جو زميني رابطو پنجاب سان نہ آهي پر

سامراجي قبضيگيري هيٺ اهو علاقو انتظامي علمداري هيٺ پنجاب جي قبضي ۾ آهي. هر سطح تي مظلوم قومن سان امتيازي سلوڪ ڪيو ويو وڃي ٿو. ٽوڙي ڦاٽڪ، شاهبندر مائي جندو ۽ 83 ۽ 86ع ۾ عوام جو قتل سيئي غلام قوم سان ٽيندڙ سلوڪ ۾ شمار ٿين ٿا ۽ اهو سڀ پاڪستاني رياست تي قابض پنجاب جي فوج ڪيو. لياقت علي هجي يا ضياءِ مشرف هجي يا نوازشريف سيئي سنڌي قوم کي گاريون ڏيندا رهيا آهن اهو سڀ حڪمران قوم جي حڪمرانن طرفان ٽيندو رهي ٿو. پاڪستاني رياست جي اها فوج نہ رڳو هتي مظلوم قومن کي ڪچليندي رهي آهي پر ٻاهر وڃي اردن ۾ فلسطينن کي ڪچلي ٿي. افغانستان ۾ انقلاب کي ڪچلڻ ۾ هر اول جو ڪردار ادا ڪري ٿي. هندستان ۾ مداخلت ڪري ٿي. سريلنڪا کان افريقہ تائين عالمي سامراجي قوتن جو ساٿ ڏئي ٿي ڇا اهڙي فوج سامراجي نہ آهي؟ ڇا انهن جي خلاف جدوجهد نہ ڪجي اسان جڏهن ويٺ نام کي ڏسون ٿا تہ هن فرانسيسي غلامي هيٺ آيل لائوس ۽ ڪمپوچيا سان گڏ هوندي بہ الڳ پارٽي جوڙي ۽ جدوجهد ڪئي. ساڳيو طريقو افريقا ۾ اختيار ڪيو ويو. هتي بہ خواهش کي ڇڏيندي معروضي حالتن مطابق ڪم ڪرڻو پوندو. وطن دوست طريقي موجب تہ سنڌ ۾ ٻوڙهيتن کي منظم ڪندي هارين، نوجوانن ۽ ننڍين آبادگارن وچولي طبقي جي ساٿ سان سنڌ جي سوشل، جمهوري عوام جي پارٽي ٺاهڻي پوندي جيڪا هتي سنڌ جي مٽين طبقي سرمائيدارن، جاگيردارن پاڪستاني رياست جي حڪمرانن سرمائيدارن جاگيردارن، افسر شاهي، ملٽي نيشنل ڪمپنين ۽ عالمي سامراج سان وڙهڻو پوندو ۽ سنڌ ۾ جمهوري پورهيت عوام جو راج قائم ڪرڻو پوندو. جنهن جو مطلب آزاد سنڌ ۾ عوام جي حڪمراني آهي.

سنڌ ۾ طبقاتي قرلٽ جو شڪار سنڌ جو پورهيت عوام

سنڌ جتي قومي غلامي ۽ قومي قرلٽ جو شڪار آهي اتي سنڌ جو اڪثريتي عوام طبقاتي غلامي ۽ طبقاتي قرلٽ جو شڪار آهي. اها طبقاتي قرلٽ سنڌ جو مٿيون طبقو جاگيردار زميندار ۽ سرمائيداري ڪري ٿو. اسان ماضي جا قصا ۽ ڪهاڻيون ته تمام جوش ۾ پرجي ٻڌائيندا آهيون پر ماضي جي موهين جي ڏڻي جي رهواسين جي زندگي گذارينڊ طور طريقن تي خاموش ۽ اڻ ڄاڻ رهندا آهيون. موهين جا رهاڪو تمام گهٽو سڌريل هئا اها ڳالهه سو سيڪڙو سچ آهي پر انهن اهي جيڪي شهر آباد ڪيا انهن ۾ اسان کي طبقاتي فرق نظر نٿو اچي جيئن اڄ ڪلهه ڊفينس ۽ چنيسر ڳوٺ ڪراچي ۾ فرق نظر اچي ٿو. موهين جا رهواسي گڏيل پئنچائتي راڄ ۾ رهندا هئا جنهن کي اوائلي اشتراڪي سماج چيو ويندو آهي. گڏيل وهنجڻ گهر شهر لاءِ گڏيل اناج جو گدام ۽ تقريبن هڪ جهڙا گهر ۽ هٿيارن جو نه هجڻ معني ته اُتي طبقاتي ظلم ۽ جبر نه هو. اڄ جڏهن اها ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته سنڌ ۾ طبقاتي ظلم به ختم ٿيڻ گهرجي ته ان مهل سنڌ جي قومي سياست ڪندڙ ڏرين جي وڏي اڪثريت داهون ۽ رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ٿي ته طبقاتي ڳالهه ڪرڻ سان سنڌي قوم ورهائجي ويندي ۽ قومي آزادي ۾ رندڪ پئجي ويندي. ڪين ڪا خبر ئي نه آهي ته سندن طور طريقن سان سنڌ جو اڪثريتي پورهيت عوام قومي آزادي جي سوچ ڪان ڇو پري آهي؟ جيتوڻيڪ اسان خوردبين سان ڏسندا سون ته قومي آزادي يا قومي هلچل ۾ سائين جي ايم سيد، حيدر بخش جتوئي

۽ فاضل راهو شهيد کان سواءِ پيو ڪو به مٿين طبقي سان واسطو رکندڙ فرد نظر نہ ايندو يا انگريزن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ صرف پير پاڳارو ڏسڻ ۾ ايندو. مٿين طبقي جي تمام وڏي اڪثيريت ڏارين سان سات ڏيندي وطن سان غداري ڪندي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن 14 مارچ 1941ع ۾ سنڌ اسيمبلي ۾ ويٺل وڏيرن حُر ايڪٽ پاس ڪري سنڌ وطن سان غداري ڪئي. اسان جي قوم پرست ڏرين کي سنڌ ورهايل نظر نٿي اچي ڇو ته سنڌ جي قومي هلچل ۾ وچون طبقو متحرڪ آهي ۽ وچولو طبقو اقتدار کان باهر آهي ۽ اهو پاڻ مٿين طبقي ۾ شامل ٿيڻ گهري ٿو. ان ڪري اهو اڪثريتي پورهيت عوام جي ڳالهہ ڪرڻ کان لنوائي ٿو. اهڙي ريت سنڌ جي اڪثريتي پورهيت عوام کان هو ڪٽيل آهي ۽ اڪثريتي عوام جو ساٿ نہ هجڻ ڪري کا اثرائتي هلچل نہ پيئي ٿئي. اهڙي ريت قومي آزادي جي جدوجهد منظم ۽ مضبوط نہ پئي ٿئي. اسان چين، ويٽنام ۽ افريقہ جي ملڪن کي ڏسون ٿا تہ اُتي قومي آزادي جي جدوجهد ۾ اُتان جي سياسي ڏرين اڪثريتي پورهيت عوام کي طبقاتي بنيادن تي منظم ڪيو ۽ آزادي حاصل ڪئي سنڌ ۾ طبقاتي جدوجهد اسان تاريخ ۾ ڏسون ٿا تہ 1700ع ۾ ميران پور جهوڪ ۾ شاهہ عنايت لانگهاه هاري هلچل جو بنياد وڌو ۽ پروگرام ڏنون تہ "جيڪو کيڙي سو ٿي کائي" ان تحريڪ سنڌ ۽ هند کي لوڏي ڇڏيو ۽ ڪورو مٿين طبقي جي لٽيرن جون ننڍون حرام ٿي ويون. اها تحريڪ جوهر ۾ طبقاتي جدوجهد هئي جنهن جي خلاف هڪ پاسي جاگيردار ۽ وڏيرا هئا تہ سنڌ جا مقامي حڪمران ڪلهوڙا ۽ ملتان جو نواب، ٿٽي جو گورنر اعظم خان، گڏجي ويا. سبي ۽ ڏاير کان فوجون گهرايون ويون. سنڌ جي مقامي حڪمرانن سان تہ جا سيئي نامي

گرامي وڏيرا ۽ مرشد گڏ هئا ۽ انهن مقامي حڪمرانن دهلي جي ڏاري حڪومت کان مدد ورتي. هاري شاهه عنايت جي اڳواڻي ۾ پورا ٽي مهينا وڙهندا رهيا. ڪلهوڙا نه رڳو حڪمران هئا پر مرشد ۽ پير به هئا تہ ملان به هئا پر هارين جڏهن "جيڪو کيڙي سو ئي کائي" جو نعرو ٻڌو تہ صدين کان جاري رواج جي خلاف بغاوت جو جهنڊو کڻي اٿي بيٺا. گهر بار ڇڏي ڏنائون ۽ ملن جا حجرا ۽ پيرن مرشدن جون خانقائون ويران ٿيڻ شروع ٿي ويون. وڏيرن ۽ جاگيردارن کي سائين سائين چوڻ وارا هٿيار کڻي اچي اڳيان بيٺا. هارين ڪميون قائم ڪيو ۽ گهرج آهر کڻي باقي دائري ۾ جمع ڪندا هئا. ان تحريڪ جي خلاف پير عبدالواسع جيڪو وڏو زميندار به هو تہ نور محمد پليجو به هو جيڪو پڻ وڏو زميندار هو. انهن رات جو جهوڪ تي حملو ڪيو. دفاع ڪندي 35 هاري شهيد ٿيا. اهو حملو 13 اڪتوبر 1717ع ۾ ڪيو ويو. هارين جو تعداد 24 هزار هو. لڳاتار ٽن مهينن جي ويڙهه کان پوءِ به جڏهن مٿين طبقي سان واسطو رکندڙ حڪمران، پير مرشد ۽ ملان ۽ وڏيرا توڙي ڏاريا حڪمران ڪامياب نہ ٿيا تہ ڏوکي لاءِ قرآن کي وچ ۾ آندائون ۽ اهو پهرين جنوري 1718ع تي ڪيو ويو ۽ پوءِ شاهه عنايت کي قيد ڪري قتل ڪيائون جهوڪ کي باهه ڏيئي ساڙيائون اهو 7 جنوري 1718۾ واقعو ٿيو ۽ شهيد ٿيندڙ هارين کي ستن کوهن ۾ گڏيل طور دفنايو ويو. شهيد ٿيندڙ هارين جو تعداد هزارن ۾ هو. انهي جنگ هڪ ڳالهه واضح ڪئي تہ جڏهن به اڪثريتي عوام آزادي لاءِ اُٿي وڙهي ٿو تہ اُتان جو مقامي حڪمران ڏارين سان ٻٽ ٿي غداري ڪندي پنهنجي ڌرتي ۽ ان تي رهندڙ عوام کي رت ۽ باهه جي حوالي ڪري ٿو. اسان اهو پڇڻ جو حق رکون ٿا تہ شاهه عنايت جي هلچل کي آزادي کي

انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ مقامي حڪمرانن غداري ڪئي هئي يا نہ؟ مٿيون طبقو ڏاڍين سان گڏ هو يا پنهنجن سان گڏ هو. اهو ساڳيو طريقو 1871ع ۾ جهوڪ جي ڪميون کان 153 سال پوءِ پيرس ڪميون سان ڪيو ويو. پيرس جي پورهيتن پيرس ۾ پهرين پورهيت رياست قائم ڪئي هئي تہ ان وقت فرانس ۾ جرمن جي وچ ۾ جنگ لڳل هئي ۽ هزارين فرانسيسي فوجي جرمني وٽ گرفتار ٿيل هئا پر پورهيت انقلاب سرمائيدارن جون ننڍون حرام ڪري ڇڏيون ۽ ٻئي دشمن ملڪ هڪ ٿي ويا جرمن حڪومت گرفتار فوجين کي رها ڪيو ۽ پوءِ انهن گڏجي پورهيتن جي پيرس کي رت ۾ باهه ۾ ٻوڙي ۽ ساڙي ڇڏيو. حر تحريڪ ۾ بہ اسان ڏسون ٿا تہ ان وقت جي مٿين طبقي وارا پير پاڳاري کي ڇڏي ڪري سيئي ڏاڍين حڪمرانن انگريزن سان گڏ هئا اهڙي ريت اسان ڏسون ٿا تہ قوم کي ازل کان مٿين ڦورو طبقي ظلم، جبر ۽ ڦرلٽ ۽ غداري سان ورهائي رکيو آهي ۽ اها ورهاست جيڪو ڏسڻ کان عاري آهي ان کي پنهنجي دماغ ۽ اکين جو علاج ڪرائڻ گهرجي هي مٿي جيڪو مختصر لکي آيا آهيون ان جي لاءِ اسين موجوده سنڌ ۾ ڏسنداسون تہ سنڌ طبقاتي طرح ورهايل آهي. هڪ پاسي اڳرين تي ڪٽڻ جيترا سرمائيدار، وڏيرا، زميندار، پير، مرشد ۽ ملان آهن جيڪي ڪابہ محنت نٿا ڪن پر پنهنجي پورهيت عوام جو استحصال ڪندي حڪمراني ڪن ٿا ۽ وطن ۽ عوام کي غلام رکندڙن سان گڏ هجن ٿا. انهن مٿين طبقي وارن وٽ جيڪا مال ملڪيت آهي اها پورهيت عوام جي استحصال وسيلي حاصل ڪئي وڃي ٿي. مٿين طبقي جي دولت لڪل آهي انهن جا انگ اکر ملي نٿا سگهن. پر انهن جي زندگي، تعليم، علاج، رهائش ۽ عياشن ۽ غدارين کي ڏسي

محسوس ڪري سگھجي ٿو تہ وٽن تمام گھٽي دولت آھي. مٿين طبقي مان حڪمران رھندڙ اليڪشن ڪميشن وٽ پنھنجي ملڪيت ظاھر ڪن ٿا. جيتوٽيڪ اھا ملڪيت تمام گھٽ ظاھر ڪئي وڃي ٿي ۽ اليڪشن ڪميشن انھي دولت کي تسليم ڪري ٿو. اسان سندن ظاھر ڪيل ملڪيت جي تفصيل ڏيئي رھيا آھيون تہ جيئن خبر پوي تہ اھي سرمائيدار وڏيرا ۽ زميندار ڪيترا نہ امير آھن. جيتوٽيڪ سندن ڏنل تفصيل پڙھي حيران ٿيندي سمجھي سگھجي ٿو تہ اُھي ڪيترو سچ ڳالھائين ٿا ۽ واقعي اھا ئي ملڪيت وٽن آھي؟ جيئن عاقب جتوئي پنھنجي ملڪيت جي تفصيل ۾ ڄاڻايو آھي تہ نيو جتوئي واري گھرجي مالیت صرف 35 ھزار روپيہ آھي ۽ نفيسہ شاھہ قائم علي شاھہ جي ڏي ڇيو آھي تہ وٽس سون جي زري بہ نہ آھي. ۽ قائم علي شاھہ جي خيرپور ۾ ٻن گھرن جي مالیت 8 لک 62 ھزار روپيہ ٻڌائي آھي. ڏسو روزاني عوامي آوازا ڪراچي 26 دسمبر 2013ع سنڌ مان سينٽر چونڊيل 21 ڄڻن جا انگر اکر ظاھر ڪيا ويا آھن. جيتوٽيڪ سينٽرن ۾ اڪثريت غير سنڌين جي آھي. جيڪا قومي غلامي کي ظاھر ٿي ڪري پر ملڪت مان انڊوز ٿي وڃي ٿو تہ اُھي ڪيئن نہ سنڌ جي پورھيت عوام جو استحصال ڪري امير ٻڌيا آھن.

سنڌ جي ڪجهه MPA ۽ MNA ۽ سينيٽرن جي ملڪيت جي پڌري ڪيل لسٽ

1. رضا رباني=/Rs.59829034
2. احمد علي پٽ صادق علي=/Rs.256850005
3. عبدالغفور قريشي=/Rs.11459489
4. سيد ساجد حسين زيدي=/Rs.6600000
5. صفدر علي عباسي =/Rs.29850175
6. سيد طاهر حسين مشهري=/Rs.42370610
7. خالد محمد سومرو=/Rs.5098779
8. بابر غوري=/Rs.15670500
9. عبدالحسيب خان =/Rs.168236011
10. مولا بخش چانڊيو=/Rs.13132500
11. اسلام دين شيخ=/Rs.317150040
12. گل محمد لات=/Rs.615597469
13. سيد فيصل رضا عابدي=/Rs.24463943
14. ڊاڪٽر عاصم حسين =/Rs.716024602
15. ڊاڪٽر حفيظ شيخ =/Rs.163600000
16. ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزاده=/Rs.7936000
17. فاروق ايچ نائڪ=/Rs.21058041
18. راڻا پڳوان داس چاولا=/Rs.150740882
19. مائي سيمي صديقي=/Rs.33731457
20. شير لاملڪ=/Rs.33013000

21. الماس پروين Rs.6700000 حوالو 2011 گزٽ اليڪشن ڪميشن قومي اسمبلي پاڪستان جي

2008_2009ع جا انگ اکر حوالو SUPARCO, PILDAT سينئر ميمبر جمع 29 مارچ 2013ع

سنڌ سان واسطو رکندڙ ڪجهه قومي اسيمبلي ميمبرن جيڪا ملڪيت ظاهر ڪئي آهي.

1. نعمان اسلام شيخ=/Rs.9794837
2. خورشيد شاهه =/Rs.51610000
3. عبدالحق ميان منو=/Rs.12499000
4. علي محمد مهر=/Rs.40922800
5. آفتاب شعبان ميراڻي=/Rs.35755398
6. غوث بخش مهر=/Rs.10835664
7. شاهد حسين پٽو=/Rs.18000350
8. نذير حسين بگهيو=/Rs.57020000
9. مير عامر مگسي=/Rs.294300000
10. فريال ٽالپر=/Rs.64341739
11. مير اعجاز جڪراڻي=/Rs.61001867
12. مير هزار خان بجاراڻي =/Rs.40722000
13. گل محمد جڪراڻي=/Rs.2050000
14. غلام مرتضيٰ جتوئي=/Rs.121059111
15. سيد ظفر علي شاهه =/Rs.118958615
16. عذر فضل پيچهو زرداري جي پيٽ=/Rs.58358742
17. سيد غلام مصطفيٰ شاهه=/Rs.66042500

18. نواب وساڻ =/Rs.27667658

19. پير صدر دين راشدي=/Rs.57100000

20. پير سيد فضل علي شاهه جيلاني=/Rs.3661500

21. مخدوم امين فهيم =/Rs.8440900

22. سيد طيب حسين =/Rs.5710500

23. صلاح دين =/Rs.3280000

24. امير علي شاهه جاموت=/Rs.14997765

25. سيد نويد قمر=/Rs.15698805

26. شمشاد ستار بچاڻي=/Rs.10790000

27. غلام علي نظاماڻي =/Rs.20588000

28. فهميده مرزا=/Rs.75855405

29. پير آفتاب شاهه=/Rs.5731941

30. مير منور تالپر=/Rs.31069113

31. نواب يوسف تالپر=/Rs.79688472

32. ارباب ذڪاءِ الله=/Rs.33870129

33. ڊاڪٽر غلام حيدر=/Rs.3468000

34. نواب عبدالغني تالپر=/Rs.37468054

35. رفيق احمد جمالي=/Rs.24715900

36. طلعت ميهسر=/Rs.40967729

37. جادم مگريو =/Rs.17139000

38. غلام دستگير راجڙ=/Rs.23727553

39. روشن جوٽيجو =/Rs.4710000

40. واحد سومرو=/Rs.8365000

41. سيد اياز شيرازي=/Rs.8560000

42. قادر پٹيل=/Rs.1550000

43. خواجا سهيل منصور =/Rs.96649943

44. ايس.اي اقبال قادري=/Rs.7667843

45. قادر خانزاده =/Rs.13990000

46. عبدالوسيم=/Rs.8503822

47. شيخ صلاح دين =/Rs.14251158

48. فرحت محمد خان =/Rs.125120196

49. سفيان يوسف=/Rs.19150000

50. ڈاکٹر نديم احسان =/Rs.3810000

51. نبيل گبول =/Rs.18527000

52. فاروق ستار=/Rs.6366467

53. خوش بخت شجاعت =/Rs.9171910

54. وسيم اختر =/Rs.97430000

55. رشيد گودل =/Rs.11059734

56. حيدر عباس رضوي=/Rs.16697878

57. ايوب شيخ=/Rs.3000000

58. آصف حسنين =/Rs.8550000

59. اقبال محمد علي خان =/Rs.3556000

60. ساجد احمد=/Rs.18246263

61. شير محمد بلوچ=/Rs.3196889

سنڌ اسيمبلي ميمبرن جا اثاثا 2012ع 16 ڊسمبر

گزٽ اسلام آباد اليکشن ڪميشن آف پاڪستان

1. ڊاڪٽر نصر الله بلوچ=/Rs.4310000
2. انوار احمد خان مهر =/Rs.118051884
3. جام سيف الله =/Rs.57100000
4. جاويد حسين شاهه=/Rs.15793000
5. محتاب حسين ڏهر=/Rs.79335194
6. اڪرام الله خان =/Rs.952800
7. احمد علي خان =/Rs.6890000
8. سردار رحيم بخش خان =/Rs.5000000
9. آغا سراج خان =/Rs.13969740
10. محمد شهريار خان مهر=/Rs.156377684
11. آغا تيمور خان =/Rs.54547954
12. عابد حسين جتوئي=/Rs.58542362
13. غلام محمد شهواٹي=/Rs.11000000
14. عبدالرحيم خان =/Rs.334052390
15. ميرحسن ڪوسو=/Rs.354600000
16. محبوب علي خان بجاراٹي=/Rs.3578002
17. عابد خان سندراٹي ءِ =/Rs.18064866
18. غالب حسين ڊومڪي=/Rs.7530739
19. مصطفيٰ جتوئي=/Rs.202494927
20. عبدالحق پرت=/Rs.37057535
21. عبدالستار راڄپر=/Rs.48054000
22. مسرور جتوئي=/Rs.439537511

23. طارق احمد آرائين =/Rs.10946084

24. احمد علي خان جلباڻي =/Rs.21640000

25. سيد فصيح احمد شاهه =/Rs.87940640

26. غلام قادر چانڊيو =/Rs.21800832

27. جام تماچي =/Rs.4836626

28. قائم علي شاهه =/Rs.68223150

29. پير محمد بشير شاهه =/Rs.6600000

30. ڊاڪٽر رفيق پانيڙ =/Rs.30750000

31. منظور حسين وساڻ =/Rs.271138284

32. احمد رضا شاهه جيلاني =/Rs.16460000

33. نعيم احمد کرل =/Rs.50860000

34. غلام سرور سيال =/Rs.2330000

35. نثار احمد کوڙو =/Rs.21389196

36. اياز سومرو =/Rs.16988659

37. منور عباسي =/Rs.18982931

38. غلام مجدد اسراڻ =/Rs.10650526

39. نادر مگسي =/Rs.1766870000

40. نجم الدين ابڙو =/Rs.1519774

41. مخدوم جميل زمان =/Rs.83922602

42. امير علي شاهه جاموٽ (139 ايڪڙ زمين ب) =/Rs.523078200·

43. محمد اڪرام =/Rs.1030000

44. سيد وسيم حسين =/Rs.16120000

45. زاهد علي پرڳڙي =/Rs.44610000

46. زبير احمد خان =/Rs.1997332

47. سهيل يوسف خان =/Rs.9017146

48. امجد حسين شاهہ=/Rs.372900000

49. علي نواز شاهہ رضوي =/Rs.39613426

50. امداد پتافي (17 ايڪڙ زمين صرف ۽)=/Rs.7152261

51. عبدالڪريم پٽ عبدالخالق سومرو=/Rs.15367473

52. مير محمد حسن تالپر T.G.A (100 ايڪڙ بہ صرف ۽) Rs.283880000/=

53. بشير لغاري=/Rs.74068605

54. حسنين مرزا=/Rs.50157188

55. سڪندر منڊرو =/Rs.19325000

56. محمد نواز چانڊيو =/Rs.7800000

57. ارباب غلام رحيم (258 ايڪڙ ڪان وڌيڪ زمين ۾) Rs.739973112/=

58. ارباب ذوالفقار علي=/Rs.79326082

59. شرجيل ميمڻ =/Rs.454299093

60. عبدالرزاق راهمون=/Rs.5473347

61. فهيم احمد (6 ايڪڙ سنڊڙي ۾)=/Rs.1600000

62. علي نواز شاه =/Rs.34459157

63. حاجي حيات تالپر=/Rs.55427294

64. محبوب تالپر=/Rs.89870500

65. تيمور تالپر=/Rs.84472167

66. علي مراد راجڙ=/Rs.30075000

67. علي مردان شاهہ=/Rs.190579561

68. ڈاڪٽر سڪندر شورو=/Rs.11585400

69. ڏيارام=/Rs.124607703

70. مراد علي شاهه=/Rs.536312300

71. پير مظهر الحق=/Rs.6063735

72. غلام شاهه جيلاني=/Rs.20489350

73. ظفر لغاري=/Rs.27667000

74. فياض پٽ=/Rs.235750000

75. علي غلام (سانگهڙ)=/Rs.23753266

76. راڻا عبدالستار=/Rs.62782624

77. قاضي شمس راجڙ=/Rs.34024900

78. جام مدد علي=/Rs.24118474

79. فدا حسين ڏيرو=/Rs.114567380

80. شاهد ٺهيم پٽ عبدالسلام ٺهيم=/Rs.64120000

81. صادق علي ميمڻ=/Rs.460580000

82. سسئي پليجو=/Rs.49666000

83. شاهه حسين شيرازي=/Rs.9800000

84. محمد علي ملڪاڻي=/Rs.41606365

85. حاجي عثمان جلباڻي=/Rs.32900000

86. اختر حسين جدون=/Rs.2800000

87. نديم پٽو=/Rs.3600000

88. محمد حنيف شيخ=/Rs.4675000

89. عبدالحسيب=/Rs.3790000

90. امير نواب=/Rs.52899529

91. سيف الدين خالق=/Rs.2621000

92. سید منظر امام=/Rs.134080000

93. محمد مظهر امیر خان =/Rs.7590000

94. محمد عادل خاْن =/Rs.2385000

95. محمد معین خان =/Rs.1841620

96. خواجا اظهار الحق=/Rs.3700000

97. محمد عدیل صدیقي=/Rs.27969894

98. عبدالمعید صدیقي=/Rs.100000000

99. ڈاکٹر سید محمد علي شاهہ =/Rs.30635000

100. ریحان ظفر =/Rs.15080000

101. خالد بن ولید=/Rs.174690000

102. انور عالم =/Rs.2749364

103. شعیب بغاري=/Rs.4708000

104. محمد سلیم هنگورو=/Rs.1934765

105. محمد رفیق ایڈوکیٹ=/Rs.30560000

106. محمد شعیب =/Rs.3778439

107. محمد طاهر قریشي=/Rs.795000

108. شیخ مقیم =/Rs.13513215

109. عسکري تقوي=/Rs.101500000

110. رءوف صدیقي=/Rs.57906134

111. رضا هارون =/Rs.3000000

112. سید سردار احمد=/Rs.40799935

113. ڈاکٹر صغیر احمد=/Rs.186247

114. محمد مزمل قریشي=/Rs.18386411

115. ڈاکٹر نادر مقبول =/Rs.2169909

116. نشاط محمد ذڪي قادري=/Rs.8384000

117. وسيم احمد=/Rs.2570434

118. سيد خالد احمد =/Rs.5052954

119. شيخ محمد افضل =/Rs.17855000

120. محمد عليم الدين ريحان=/Rs.900000

121. محمد معين امير پيرزاده=/Rs.10542089

122. سيد فيصل سبزواري=/Rs.5029880

123. نثار احمد پنهور=/Rs.1420000

124. امان الله خان =/Rs.7760000

125. حاجي مظفر شجراه=/Rs.45151562

126. محمد ساجد جوڪيو: ذڪوات ۽ عشر جو وزير رهندڙ تفصيل ڏنل نه آهي

127. شميم آرا پنهور=/Rs.2360000

128. انجم سعيد چاولا=/Rs.1462000

129. سائره شهلياڻي=/Rs.24600000

130. فردوس حميد فرحين مغل =/Rs.18400000

131. عائشه ڪوسو =/Rs.6875000

132. حميره علواڻي=/Rs.19325000

133. فرزانه حنيف=/Rs.6803769

134. رقيه خانم سومرو (6 تولا سون به ۽)=/Rs.372000

135. شمعه آرف مٺياڻي (10 تولا سون به ۽)=/Rs.3200000

136. رونيز علي بوزدار=/Rs.6050000

137. ڪلثوم اختر پير نياز محمد شاهه =/Rs.13350200

138. سيد شهلا رضا 80 تولا سون به ۽=/Rs.1584650

139. نرگس اين ڊي خان =/Rs.3823543

140. رخسانہ شاھہ=/Rs.6584018

141. توقیر فاطمہ پتو=/Rs.2067700

142. رشیدہ اختر (59 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.2454000

143. بلقیس مختیار (20 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.1900000

144. ھیر سوھو (18 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.7008000

145. زرین مجید=/Rs.13750000

146. حسنا آفتاب=/Rs.590000

147. مسرت بانو وارثي=/Rs.100000

148. ناھید بیگم (25 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.2210500

149. صابرہ خاتون=/Rs.6519730

150. شھناز سیف الدین (27 تولا سون بہ ءِ) =/Rs.15450000

151. ڈاکٹر سجیلا لغاري=/Rs.3500000

152. نذھت پناڑ=/Rs.15750000

153. سیدہ مارئي راشدي (50 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.7671047

154. نصرت سحر عباسي=/Rs.27180000

155. موھن لال =/Rs.362200000

156. پیتا مبر سیواڻي=/Rs.9428000

157. لال چند=/Rs.2500000

158. مکیش کمار پگوان داس چاولا=/Rs.295659096

159. سلیم خورشید کوکر (50 تولا سون بہ ءِ)=/Rs.664227816

160. ھرگن داس=/Rs.2821114

161. رشید خان =/Rs.2535000

162. عارف مسیح =/Rs.597000

163. چیتن مل اروانڻي=/Rs.15000000

اها ملڪيت انهن حڪمرانن ڪو محنت ڪندي نہ ٺاهي آهي پر پنهنجي پورهيت عوام جو استحصال ڪندي ڦري لٽي حاصل ڪئي آهي. سندن ملڪيت سنڌ کان ٻاهر اسلام آباد ۾ به آهي ته دبئي ۽ لنڊن ۾ به سندن ملڪيت آهي. زمين باري سندن انگ اکر به غلط آهن مثال طور 950 وڌيرن کي 99 سالن جي ليز تي ڏيڍ لک ايڪڙ کان وڌيڪ ٻيلي کاتي جي زمين الاٽ ڪئي ويئي آهي. جتي انهن پنهنجا فارم هائوس، سوئمنگ پول، شڪار گاهه ۽ بنگلا قائم ڪيا آهن. حوالو عوامي آواز سنڌي ميگزين 5 کان 11 آگسٽ 2012ع پوکي لائق زمين ۾ 16 ايڪڙن کان متي ۽ هڪ هزار ايڪڙن جا مالڪ زرعي ٽيڪس کان آجا ۽ لينڊ ٽيڪس کان به آجا آهن. روزنامہ ڪاوش حيدرآباد 7 آگسٽ 2012ع اسان ڏسون ٿا ته سنڌ جو هاري ۽ ڪيت مزدور تباهہ حال آهي. معاشي ڪمزوري ڪيس غلامي ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي ۽ غلام ٻڌائيندڙ سنڌي زميندار، پير مرشد ۽ سرمائيدار آهي. پاڪستان کان اڳ 1928ع ۾ جي-ايم سيد، نارائڻ بيچلر، سوپي گيانچنداڻي ۽ ٻين گڏجي ٽريڊ يونين وسيلي مزدورن کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو هو ۽ اهڙي ريت 1930ع ۾ جي ايم سيد سنڌ هاري ڪاميٽي جو بنياد رکيو هو. اڳتي هلي سائين جي ايم سيد سنڌ جي آزادي جو پروگرام ڏنو ته بنيادي چئن نقطن ۾ هڪ نقطو سوشلزم جو ڀڙ رکيائين. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سنڌ هاري ڪاميٽي سنڌ اسيمبلي جو گهيراءُ ڪري سنڌ ٽيننسي ايڪٽ پاس ڪرايو هو. جيتوڻيڪ انهي ايڪٽ تي عمل ڪونہ ٿيو. ايوب خان ۽ پٽي زرعي سڌارا ڪيا انهيءَ سان هارين کي گهٽو فائدو ڪونہ ٿيو پر زمين جي ورهاست ڪاغذن ۾ ضرور ٿي 1960ع کان پوءِ خاص ڪري 67-68 ۽ 69ع تائين سنڌ هاري ڪاميٽي چمبڙ ۾ منظم ٿي هاري عدالتون قائم ڪيون هيون. پٽو پنهنجي پروپگنڊا ۾ ٽپڙ ورهايو ۽ اتو لٽو ۽ اجهو جو نعرو هٽندي سوشلزم جو سهارو ونڊندي

هارين کي استعمال ڪيو. 1970ع جي دور ۾ سنڌ ۾ ٽريڊ يونين وسيلي مزدورن کي منظم ڪيو پئي ويو. جنهن ۾ ورڪرز فيڊريشن ۽ پوءِ وطن دوست مزدور فيڊريشن، سنڌي مزدور تحريڪ، سنڌي پورهيت سنگت وغيره شامل هيون. ساڳي ريت هارين لاءِ سنڌ هاري ڪاميٽي، سنڌي هاري تحريڪ، وطن دوست هاري محاذ، جيئي سنڌ هاري سنگت ڪم ڪندیون هيون پر سوبت يونين جي ڀڃڻ کان پوءِ نه هاري ڪاميٽيون رهيون ۽ نه هي مزدور فيڊريشنون صرف نالي جي حد تائين وطن دوست مزدور فيڊريشن قائم رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ پاسي NGO's ۽ ڪجهه قوم‌پرست سڌائيندڙ ڏرين هارين ۽ ڪيت مزدورن جي هلچل کي عدالتن جي چڪر ۾ ڦاسائي تباهه ۽ خراب ڪري ڇڏيو آهي. ڪابي ڏر جا گروپ ٽراتسڪائي توڙي استالنسٽ سياسي مزدورن ۽ پورهيتن جي لباڙ هٽندي به پورهيتن ۽ مزدورن توڙي هارين کان بلڪل ڪٽيل آهن. مزدورن ۽ پورهيتن کي منظم ڪرڻ جي ڳالهه ٻڌڻ سان کين ٻرو بخار اچو ويجي. قوم پرست سڌائيندڙ جي.ايم سيد کي رهبر مڃڻ وارا ته مزدورن ۽ پورهيتن ۽ هارين جو نالو ٻڌڻ به پسند نٿا ڪن. پورهيتن جي ڪا منظم پارٽي به نه آهي. اهڙي صورتحال ۾ پيپلز پارٽي يا پاڳاري جهڙن جي پيڳهي متل آهي. ۽ مٿان وري شڪايت ۽ مهٽا ڏنا وڃن ٿا ته پورهيت عوام اسان جي نٽو ٻڌي. هو ٻڌي به ڪٿان کين ٻڌائڻ وارو به نه آهي. انهي لاءِ ضروري آهي ته اهڙي پارٽي هجي جيڪا قومي ۽ طبقاتي بنيادن تي جدوجهد ڪري ان لاءِ ضروري آهي ته معاشي بنيادن تي مزدورن، پورهيتن هارين ۽ ڪيت مزدورن کي توڙي ننڍي آبادگار ۽ بيروزگارن کي منظم ڪجي کين معاشي جدوجهد ۾ آڻجي اُتي سندن نظرياتي تعليم ۽ تربيت ڪجي اڳتي آزادي ۽ انقلاب لاءِ سياسي جدوجهد ۾ آڻجي ڪم ڪيو ضرور آهي پر انهي کان سواءِ پورهيت عوام جي اڪثريت کي منظم ڪرڻ کان سواءِ نه انقلاب آڻي

سگھجي ٿو ۽ نہ ئي آزادي حاصل ڪري سگھجي ٿي. ان لاءِ پورهيت عوام جي روزمره جي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي کڻڻو پوندو.

آخر ۾ اسان سنڌ جي وڏيرن جي غداري جو هڪ اهم مثال ڏيندي ختم ٿا ڪريون ته وڏيرن مان اميدون رکڻ ڇڏن کان پير گهرڻ آهن.

جڏهن ون يونٽ جو بل اسيمبلي ۾ آيو ته ان وقت اسيمبلي ۾ 110 ميمبر هئا. جن مان 98 ميمبرن غداري ڪندي ون يونٽ جي حق ۾ ووٽ ڏنو. صرف 4 ميمبرن مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. ان ۾ غلام مصطفيٰ پرڳڙي 2 عبدالحميد جتوئي پيرالاهي بخش ۽ شيخ خورشيد احمد هئا. ستار پيرزادو ۽ قاضي فضل الله غير رهيا ۽ جن غداري ڪئي تن ۾ 1.عبدالله مهيسر، 2.عبدالفتاح ميمڻ، 3.عبدالمجيد خان جتوئي، 4.قاضي عبدالمنان، 5.جام بشير احمد ڏهر، 6.مير احمد خان عبدالله تالپر، 7.احمد خان فتح خان راجڙ، 8.احمد خان پٽو، 9.مير احمد خان پناڻ، 10.ٺڪر آتيدان سنگهه، 11.بيگم عائشه عزيز، 12.علي اصغر شاهه شيرازي، 13.مير علي احمد خان تالپر، 14.مير علي بلاول خان ڏومڪي، 15.سردار علي گوهر خان مهر، 16.مير علي نواز خان تالپر، 17.علي حسن منگي، 18.علي نواز خان ناريجو، 19.مير علي نواز خان تالپر، 20.پير عالي شاهه، 21.مير الهڃايو خان تالپر، 22.علڻ خان لغاري، 23.علي بخش خان مهر، 24.جام امير علي خان نوابزاده، 25.آغا بدر ڊين دراني، 26.مير بندهه علي تالپر، 27.ڏرمڻ داس موٽومل، 28.دوست محمد هڪڙو، 29.فيض محمد صندل، 30.فقير فيض محمد انڙ، 31.حاجي فضل محمد لغاري، 32.حاجي جان محمد مري، 33.حاجي غلام علي ميمڻ، 34.غلام حيدرشاهه حاجي پير شاهه، 35.غلام حيدر شاهه (نواب شاهه)، 36.غلام قادر ناريجو، 37.غلام نبي ڏهراج، 38.غلام رسول جتوئي، 39.غلام رسول شاهه جيلاني، 40.غلام رسول ڪيهر، 41.سيد گل محمد شاهه، 42.حاجي گل محمد ڪيڙو، 43.گل جي ميگهواڙ، 44.حامد حسين فاروقي، 45.مير امام بخش تالپر، 46.مير جعفر خان جمالي، 47.جام محمد پائي

خان، 48.قادر بخش تنيو 49.سيد ڪراڙو شاهہ 50.سيد خير محمد شاهہ 51.خان محمد بوزدار 52.محبوب شاهہ پير رسول بخش شاهہ 53.مامون خان ملڪاڻي، 54.سيد مهر علي شاهہ 55.موسيٰ خان پگهيو 56.حاجي مولا بخش، 57.سيد مبارڪ شاهہ 58.قاضي محمد اڪبر، 59.سردار محمد علي شاهہ 60.اشفاق حسين فاروقي، 61.حسين علي شاهہ 62.مير محمد بخش تالپر، 63.محمد بخش سرڪي، 64.حاجي پير محمد حسين بخش، 65.سيد محمد حسين شاهہ 66.حاجي محمد حيات جوڻيجو 67.سردار جعفر خان بليدي، 68.پير محمد مهدي شاهہ جهنڊي وارو 69.محمد يوسف چانڊيو 70.مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، 71.سيد محمد زمان حاجي بقادار شاهہ 72.حاجي نجم الدين سريوال لغاري، 73.نصير محمد مدواڻي، 74.سردار نور محمد ٻجاراڻي، 75.نور محمد راهمون، 76.سيد نور محمد شاهہ مراد علي شاهہ 77.رحيم بخش الله بخش سومرو 78.رسول بخش جوڻيجو 79.روپ چند چيلا رام 80.روپ چندلوهاڻو 81.حاجي صادق علي ميمڻ، 82.ڊاڪٽر سعيد الدين صالح، 83.سيف الله مگسي، 84.پير صالح شاهہ 85.شمبومل لوهاڻو 86.سوائي سنگهہ سوڍو 87.شاهنواز پيرزادو 88.نذير حسين شاهہ 89.شاهل خان ڪوسو 90.ملڪ سڪندر خان، 91.سيرومل ڪرپال داس، 92.سلطان احمد چانڊيو 93.سردار سندر خان سندراڻي، 94.بيگم طاهر آغا، 95.ٽيئون مل نٿر مل، 96.ارباب توڳاچي، 97.حاجي عثمان ملڪاڻي، 98.نواب زاهد علي خان لياقت علي خان هئا. موجوده حڪمرانن مان تمام وڏي گهڻائي انهن غدارن جو اولاد آهي. جيڪي پنهنجي عوام جو استحصال ڪندي غداري ڪندي پاڪستاني ۽ پنجابي حڪمرانن جو ساٿ ڏيندي سنڌ کي غلام بڻائي رکڻ ۾ مدد ڏيئي رهيا آهن. انهن غدارن ۽ لٽيرن سان نہ وڙهڻ معنيٰ تہ غدارن جو ساٿ ڏيڻ آهي ۽ سنڌ کي غلام رکڻ وارن جو ساٿ ڏيڻ آهي. جيڪو ڪنهن بہ ريت سنڌ دوست، وطن دوست عمل نہ آهي.



ليڪ جو تعارف

ڪرڪٽا لاهي، سڪ نہ ستا ڪڏهن

اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين کي پنڌ جو (شاه)

هن ڪتاب جو ليکڪ ڪامريڊ محمد خان احمداڻي اهو جاکوڙي انسان آهي. جنهن پنهنجي پوري جمار پورهيتن جي حقن لاءِ وڙهندي ۽ جدوجهد ڪندي گذاري . هن وقت بہ ڪا مضبوط انقلابي تنظيم سندس وڌي ۾ وڌي خواهش ۽ خواب آهي. اسڪول جي رڪارڊ موجب سندس پيدائش تہ پهرين جنوري 1949ع آهي. پر سندس گهروارن موجب پاڻ 1947ع ۾ ڳوٺ حاجي ميوو پرڳڙي تعلقو ماتلي ضلعي بدين ۾ محمد آچر احمداڻي جي گهر پيدا ٿيا. شروعاتي پهريون ڪلاس پنهنجي ڳوٺ ۾ پوءِ مختلف ڳوٺن مان 6 درجا پاس ڪيائين. 1964ع ۾ فوج ۾ پرتي ٿيڻ ويو جتي ڪيس ننڍي عمر جي ڪري فوج ۾ پرتي نہ ڪيائون تہ پاڻ DSP محمد ايوب هزاروي جي گهر ۾ رهيو. جن ڪيس اولاد جيترو پيار ڏيئي اردو ۽ فارسي پڙهائي. 1969ع ۾ پاڪ آرمي ۾ پرتي ٿيو ۽ 1971ع ۾ سيالڪوٽ وٽان انڊيا آرمي هٿان گرفتار ٿي جمون وڪشمير جيل ۾ ويو. جتي سندس ملاقات مائو ست نيڪسلائيٽ ڪامريڊن سان ٿي. جن جيل ۾ سندس پرپور ذهني تربيت ڪئي.جنهن سان سندس ذهن ۾ ترقي پسند لاڙن جنم ورتو. 1973ع ۾ انڊيا مان آزاد ٿي فوج مان استعفي ڏئي ڇڏي ۽ سياسي طور تي عوامي تحريڪ ۾ سرگرم ٿيو ۽ 1975ع ۾ پنهنجو الڳ سياسي گروپ ٺاهيائين. 1980ع ۾ سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي ٺاهڻ وقت انجي باني ميمبرن مان هو ۽ پهرين ڪانگريس ۾ ڪيس ڊپٽي سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر ارباب ڪهاوڙڪي سيڪريٽري چونڊيو ويو پيٽ جي پورائي لاءِ مختلف ڪارخانن ۾ مزدوري ڪيائين نٽ سيمنٽ فيڪٽري ۾ مقامي ماڻهن کي روزگار ڏيارڻ ۾ پرپور جدجهد ڪيائين ۽ فلسطين جي قتل عام خلاف احتجاج ۽ چاکنگ ڪندي سنڌ ۾ پهريون دفعو 24 ڪلاڪن لاءِ گرفتار ٿيو. ان کان پوءِ 1983ع ۾ ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ تلهار مان 29 آگسٽ تي گرفتار ڪري ڊسٽرڪٽ جيل بدين موڪليو ويو. جتي 3 آڪٽوبر 1983ع تي بدين جي مارشلا ڪورٽ ڪيس 2 سال قيد ۽ ڏهہ ڪوڙن جي سزا ٻڌائي. سينٽرل جيل ڪراچي موڪليو ويو ۽ ٽن مهينن کانپوءِ ڪراچي سينٽرل جيل کان واپس حيدرآباد سينٽرل جيل آڻي ڪيس ڏهہ ڪوڙا هنيا ويا. ايم آر ڊي جي تحريڪ ۾ جيل وڃڻ ڪري نٽ سيمنٽ فيڪٽري ڪيس نوڪري مان ڪڍي ڇڏيو. پوءِ سنڌ وطن دوست انقلابي پارٽي جو ڪل وقتي ڪارڪن ٿيو ۽ وطن دوست مزدور فيڊريشن جو چيئرمين پڻ چونڊيو ويو. 1987ع ۾ رتيديري ۾ مزدورن جي جلسي ۾ پوليس ۽ انتظاميہ سان جهڙپ ڪرڻ جي نتيجي ۾ لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪيو ويو. پوءِ هڪ مهينو جيل ۾ رهيو بعد ۾ نٽو فيڪٽري ۾ ٻيهر نوڪري ۾ بحال ٿيو ۽ 2001ع ۾ اتان ئي رٽائر ٿيو.1992ع ۾ وطن دوست انقلابي پارٽي جي تڏڻ ڪانپوءِ 5 مهينا ترقي پسند پارٽي ۾ رهيو ۽ 1993ع ۾ ڪابي در جي گروپ طبقاتي جدوجهد ۾ شموليت اختيار ڪئي. 2007ع ۾ طبقاتي جدوجهد تان استعفي ڏني جيڪا مرڪزي قيادت جي اسرار تي واپس ورتائين. 2008 طبقاتي جدوجهد جي مرڪزي قيادت سان اختلاف ٿيڻ تي طبقاتي جدوجهد کي 16 پيجن تي اختلافي نوٽ لکيو. جنهن جو ڪيس جواب ڏيڻ بجاءِ ڪيس تنظيم جي آفيس مان ربجن جي ڪامريڊن هٿان زوري ڪيڙايو ويو. ان کان پوءِ 2010ع ۾ ٻيهر وطن دوست انقلابي پارٽي کي منظم ڪرڻ جي پرپور ڪوشش ڪيائين پر وسيلن جي ڪوٽ، صحت جو ساٿ نہ ڏيڻ ۽ ڪجهہ پراڻن دوستن جي رڪاوٽن وجهڻ ڪري سندس اهو خواب بہ ساڪياماڻي نہ سگهيو جنهن کان پوءِ ڪجهہ وقت غير سرگرم رهڻ ڪانپوءِ سوشلسٽ موومينٽ سنڌ ۾ شموليت اختيار ڪري ان ۾ پنهنجين سمورين صلاحيتن مطابق پنهنجي انقلابي جدوجهد کي جاري رکيو پيو اڃي.

حميد چنا

سيڪريٽري

سوشلسٽ موومينٽ سنڌ

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل ـ پ ن **The Reading Generation**